# جديد سياست جا نوَ رتن

جي ايم - سيد

# جديد سياست جا نو رتن

جي- ايم- سيد



جي ايم سيد اڪيڊمي سن، ضلع دادو سنڌ

حق ۽ واسطا اڪيڊميءَ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: جديد سياست [illegible]

ليکڪ: جي - ايم - سيد

ڇاپو: ٽيون

جنوري 1997ع

قيمت: هڪ سئو روپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# وچور


1- ڊاڪٽر ايني بيسنٽ 5

2- مهاتما موهنداس ڪرم چند گانڌي 23

3-پنڊت جواهر لعل موتي لعل نهرو 43

4-مولانا ابوالڪلام آزاد 59

5-سردار ولڀ ڀائي پٽيل 77

6-سر سيد احمد خان بن مير تقي دهلوي 93

7-مولانا محمد علي جوهر بن عبدالعلي 115

8-علامه شيخ محمد اقبال بن نورمحمد 135

9-قائداعظم محمد علي جناح 159



دوست مکرم میان حاجي حسن بخش شاھ صاحب

# ١- ڊاڪٽر ايني بيسنٽ

## شخصي زندگي.

هيءَ مائي، جا اڳتي هلي مذهب، سماج ۽ سياست جي ميدان ۾ نمايان شهرت جي مالڪ ٿي ويئي، انگلنڊ جي رهواسڻ هئي-والد جو نالو "پيج وڊ" ۽ والده جو نالو ايملي" هوس.

هيءَ پهرين آڪٽوبر 1847ع تي ڄائي هئي. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ، هن 20 سالن جي عمر ۾ هڪ "ڪلا فام" نالي ڪرسچن پادريءَ سان شادي ڪئي، جنهن مان کيس ٻه ٻار پيدا ٿيا. طبيعتن ۽ خيالات جي اختلاف ڪري، زال مڙس جو لاڳاپو ڇهن سالن کان پوءِ هلي نه سگهيو، ۽ هڪبين کان جدا ٿي ويا.

ٻنهي ٻارن جي سنڀال مائيءَ جي حوالي ۾ رهي، جن جي پرورش ۽ گذرمعاش لاءِ هن کي پيري مزدوري ڪري وقت گذارڻو پيو. انهيءَ ڪري مزدور طبقي جي مشڪلاتن ۽ تڪليفن جو کيس تجربو ۽ احساس پيدا ٿيو، جنهن انهيءَ طبقي ۾ سياسي شعور پيدا ڪري، کين منظم ڪرڻ طرف کيس دلچسي ڏياري.

انهيءَ سلسلي ۾ هڪ احتجاجي اسٽرائيڪ ڪرايائين، جنهنڪري مزدور طبقي ۾ هيءَ خاصي شهرت ۽ اثر پيدا ڪري ويئي.

1874ع ڌاري، هن جي واقفيت انگلنڊ جي مشهور ملڪي ڪارڪن، پارليامينٽ جي ميمبر، چارلس براڊ لا سان ٿي ويئي، جنهن انگلنڊ جي مزدور طبقي جي بهبوديءَ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ انگريزي سامراج طرفان ٿيندڙ ظلمن کان ماڻهن کي بچائڻ لاءِ پنهنجو سمورو وقت وقف ڪري ڇڏيو هو. اُن هن کي پنهنجي اخبار" نيشنل رفارمر" ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر ڪري رکيو، جو ڪم هن نهايت خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏنو.

انهيءَ زماني ۾ مسٽر براڊ لا جو ستارو چمڪندڙ هو. صاحب اقتدار سندس



ڊاڪٽر ايني بيسنٽ

(۱- آڪٽوبر، ۱۸۴۷ع — ۲۰- سيپٽمبر، ۱۹۳۳ع

نالي وٺڻ کان پيا ڪنبندا هئا. مظلومن جي دلين ۾ هي خاص عزت پيدا ڪري ويو هو. هي 1889ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس، منعقده بمبئيءَ، جي اجلاس ۾ آيل هو، جتي ڪانگريس طرفان کيس ائڊريس ڏني ويئي هئي.

انهيءَ زماني ۾ مسٽر براڊ لاءِ مسز بيسنٽ هڪ ڪتابچو برٿ ڪنٽرول (ڄمر روڪ) جي هدايتن بابت ڇپايو هو. ان وقت جي انگلنڊ جهڙي قدامت پسند ملڪ اندر اهڙن خيالن جو اظهار غير معمولي جريت جو ڪم هو. ليڪن هنن بي خوف ٿي، سماج جي ڀلائيءَ خاطر اهو ڪم ڪيو. جنهن تي ڪورٽ ۾ مٿن مقدمو داخل ٿيو. هيٺينءَ ڪورٽ ۾ ڪيس هلندي، انگلنڊ جي نامياري وڪيل "سرهارڊنج گفورڊ" (پوءِ "لارڊ هالسبري") پراسيڪيوشن طرفان تقرير ڪندي چيو هو تہ "هي اهڙو رديءَ ڪنو پمفليٽ آهي، جو ڪوبہ شريف ماڻهو پنهنجي ميز تي رکڻ پسند نہ ڪندو" انهيءَ ڪيس ۾ هيٺينءَ ڪورٽ کين سزا ڏئي ڇڏي، جنهن مان اپيل ذريعي هو آزاد ٿيا. هن وقت اهي ڳالهيون ايڏي اهميت ڪونہ ٿيون رکن، جو عام رايو گهڻو تبديل ٿي چڪو آهي، ليڪن انهيءَ رايي جي تبديليءَ ۾ هنن جي ڪتابڙي ڪليل بحث لاءِ دروازو کولي، بنياديءَ اهم حصو ورتو. اڄڪلهہ اهو ننڍڙو ڪتابچو برٽش ميوزيم ۾ رکيل آهي.

ان کان پوءِ، مسز بيسنٽ جا خيال سوشلزم طرف رجوع ٿيڻ لڳا، جنهڪري مسٽر براڊ لا سان هن جا اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ هيءَ هن کان جدا ٿي ويئي. مسٽر براد لا مظلوم ملڪن ۽ ماڻهن جو حامي بيشڪ هو، ليڪن هن جي نظر ۾ سوشلزم مان شخصي آزاديءَ کي نقصان پهچڻ جو امڪان هو؛ تنهنڪري هو ڪنهن بہ اهڙيءَ تحريڪ جي حمايت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو، جنهن مان شخصن جي اهميت ۽ آزاديءَ تي پابندي پوڻ واري هجي. مسٽر براڊ لا 1891ع ۾ وفات ڪئي.

مسز بيسنٽ سوشلزم جي حامي ٿيڻ بعد، "فيبئن سوسائٽيءَ" ۾ داخل ٿي، جنهن ۾ هن 14 سالن تائين ڪم ڪيو. انهيءَ سوسائٽيءَ طرفان سوشلزم جي فائدي ۾ ننڍا ننڍا رسالا نڪرندا رهيا، جن جي لکڻ ۽ ڇپائڻ ۾ هن جو وڏو هٿ هو. انهيءَ سوسائٽيءَ انگلنڊ جي عام راءِ کي سوشلزم طرف هموار ڪرڻ

لاءِ گهڻو حصو ورتو، ليبر پارٽي انهيءَ جي پيداوار آهي. انهيءَ جماعت ۾ انگلنڊ جي بهترين عالمن حصو ورتو، جن مان مکيه "جارج برنارڊ شا"، "سي. اي. ايم جوڊ"، "جي. ڊي. ڪول"، "سڊني ويب"، سرالپور لاج"، ايڊورڊ ڪارپينٽر"، مئڪڊونالڊ"، "سي. آر. ائٽلي" هئا.
انهيءَ وقت ڌاري، هيءَ "مئڊم بلئو ٽڪسي" جي برپا ڪيل ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ 21 مئي 1889ع تي داخل ٿي. ان جي ڪارڪنن کيس جماعت ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ لائق سمجهي، ٻن سالن بعد، 15 آگسٽ 1891ع تي، هندستان ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو، جنهن تي هيءَ پهرين 16 نومبر 1893ع تي ٽيون ٽيڪورن (مدراس) ۾ آئي، ۽ ان ڪان پوءِ 15 مارچ 1894ع تي بمبئيءَ ۾ پهتي.
هيءَ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي پرچار سان گڏ هندستانين جي تعليم ۾ به دلچسپي وٺڻ لڳي. هندستانين جي قديم مذهبي ۽ علمي مرڪز، بنارس ۾ هن اچي ديرو ڄمايو، جتي مرڪزي هندو ڪاليج، جولاءِ 1898ع تي برپا ڪيائين، جو بعد ۾ وڌي وڃي بنارس يونيورسٽيءَ جي درجي تي پهتو. انهيءَ ڪاليج جي عمارتن تيار ڪرائڻ ۽ تعليمي انتظام لاءِ هن "ٽرسٽين" جو بورڊ قائم ڪيو، جنهن جي پريزيڊنٽ طور هن 1914ع تائين لاڳيتو 16 سال ڪم ڪيو. انهيءَ عرصي ۾ ڪاليج لاءِ پيسا ڪٺا ڪرڻ، ان جي ڪم ڪار جي نظر داري ڪرڻ، ۽ هندن کي سندن قديم تعليم ۽ تهذيب طرف توجهه ڏيارڻ لاءِ هن جا ڪوشش ۽ محنت ڪئي، سا وسرڻ جي نه آهي.
هيءَ وقت بوقت ساريءَ دنيا جي مختلف ملڪن جو دورو ڪندي هئي. اتان پيسا گڏ ڪري، موٽي هندستان اچي، هتي جي تعليمي ۽ سماجي ڪمن لاءِ خرچ ڪندي هئي. ساري زندگي سر زمين هند جي خدمت ۾ صرف ڪيائين.
هيءَ غير معمولي قابليت جي عورت هئي. وڏي عالم ۽ دنيا جي بهترين تقرير ڪندڙن مان هئي. هن مختلف مضمونن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. ايڏيءَ ذهانت، حافظي ۽ لياقت جي مالڪ هئي، جو ساڳئي وقت لکي، پڙهي ۽ گفتگو ڪري سگهندي هئي. وڏا وڏا ڪتاب ٿوري وقت ۾ پڙهي ويندي هئي. خط و ڪتابت ڪثر پنهنجي هٿن سان پاڻ ڪندي هئي.

سندس باري ۾ دنيا جي عالمن ۽ سياستدانن هيٺان رايا ڏنا آهن: لارڊ هالڊن سندس لياقت جو ذڪر ڪندي فرمايو تہ "هيءَ ويهين صديءَ جي دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي مدبر (اسٽيٽسمين) هئي." سندس وفاتيءَ بعد مهاتما گانڌيءَ فرمايو تہ "جيسين تائين هندستان زنده رهندو، تيسين تائين مسز بيسنٽ جي بي بها خدمتن جي ياد قائم رهندي." پنڊت جواهر لعل نهرو جو چوڻ هو تہ "تنهنجي سندس تقريرن جو جادو مثل اثر اجهان تائين نٿو وسريم." بابو سباش چندر بوس سندس ذڪر ڪندي چيو تہ "بنا تميز مذهب ۽ سياست، هر ڪنهن هندستانيءَ جي راءِ موجب، هيءَ ئي ڪارڪن هئي، جنهن مشرق ۽ مغرب جي ميلاپ لاءِ پاڻ پتوڙي ان جا بنياد پختا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي."

ٿيا سافيڪل سوسائٽيءَ جي پريزيڊنٽ، ڪرنل آلڪاٽ، 17 فيبروري 1907ع تي، وفات ڪئي. ان کان پوءِ هيءَ دنيا جي ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي پريزيڊنٽ چوندي، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر ان وقت آديار (مدراس) ۾ هو. ان منصب تي هن 26 سال ڪم ڪيو، ۽ 20 سيپٽمبر 1933ع تي آديار ۾ وفات ڪيائين.

سندس اگني سنسڪار ڪري، سندس رک کي 1 آڪٽوبر 1933ع تي بنارس جي گهاٽ تان گنگا نديءَ ۾ وڌو ويو.

هن زندگيءَ ۾ گهڻن مسئلن ۾ دلچسپي ورتي- جهڙوڪ مذهب، تعليم، سماجي خدمت، تصنيف تاليف، سياست ۽ ٿياسافي، وغيره.

سندس زندگيءَ جي مختلف ڪارنامن جو ذڪر هن مختصر مضمون ۾ ڪرڻ ناممڪن آهي؛ تنهنڪري هتي آءٌ صرف سندس خدمتن جي ٻن دائرن جو ذڪر ڪندس: (1) مذهبي ڪردار، ۽ (2) سياسي ڪردار. ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي دائرن ۾ هن جن نظرين ۽ طريقي ڪار جو بنياد وڌو، سي بين الاقوامي وسعت ۽ اعليٰ صلاحيت جا هئا. منهنجي نظر ۾ ان کان پوءِ هندستان جي اتحاد، قوم پرستيءَ، آزاديءَ يڪ جهتيءَ ۽ مشرق ۽ مغرب جي تهذيبن جي ميلاپ لاءِ جيڪي ڪوششون ٿيون، سي انهيءَ بنيادي درخت جون شاخون هيون.

## •سنڌ ۾ مذهبي ڪردار.

هِن مائيءَ جي مذهبي اعتقادن ۽ راين جو پورو پتو هن جي لکيل ڪتابن ۽ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي تعليم مان پئجي سگهي ٿو. هتي آءٌ صرف ان جي لب لباب، وس آهر، پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

"مئڊم بلئو تسڪي" ۽ "ڪرنل آلڪاٽ" مشرق ۽ مغرب جي مختلف روحاني ادارن ۽ تعليم جي کوجنا بعد، 17 نومبر 1875ع تي، نيويارڪ (آمريڪا) ۾ هڪ جماعت، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي نالي سان، برپا ڪئي، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر آمريڪا ۾ هو. پوءِ 1905ع ۾ آديار (مدراس) ۾ تبديل ڪيو ويو.

ان جا بنيادي مقصد "رموز الاهي، اسرار ڪائنات ۽ علم لدنيءَ جي کوجنا ۽ انسان ذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ هئا."

هنن جو چوڻ هو تہ، هيءَ ڪائنات حادثي طور پيدا نہ ٿي هئي، بلڪ انهيءَ جي خلقت هڪ رٿا (پلئن) مطابق، ڪن مکيہ مقصدن جي حصول لاءِ، ڪئي ويئي هئي.

"هن زمين تي انسان کي پيدا ٿئي لکها ورهيہ گذري ويا آهن، انهيءَ وقت کان وٺي، دنيا جي مختلف ملڪن، دورن ۽ قومن ۾ ڪي برگزيده انسان پيدا ٿيا هئا، جن کي انهن رازن جو ڪجهہ پتو رهيو هو، جن سيني بسيني انهن اسرارن کي ڪن مخصوص ماڻهن تائين پئي پهچايو.

"هر زماني ۾ اهڙن ماڻهن جا ڪي گروهہ ۽ جہ عتون پئي رهيون هيون، جن مخفي طرح جوت پئي جلائي هئي ۽ بنا امتياز مذهب، نسل ۽ قوم جي، انسان ذات جي اتحاد. امن ۽ ترقيءَ لاءِ پئي ڪوششون ڪيون هيون. انهن جا مقصد ۽ مرادون ساڳيون پئي رهيون آهن.

"انهن مان ڪيترن معاشري جي ضرورتن، وقتي مصلحتن قديم روايات ۽ ماڻهن جي مڪاني، نسليءَ ذهني تقاضائن موجب ڪي جماعتي قانون، عبادتن جا طريقا ۽ رسمي دستور ايجاد ڪيا هئا، جن پوءِ مذهبي شريعتن جي صورت اختيار ڪئي، اهي ڳالهيون روح. مذهب ۽ ان جي بنيادي مقصدن کان

علحده هيون، حالتن جي تبديليءَ سان اهي تبديل ٿي سگهيون ٿي ۽ تبديل ٿينديون آيون هيون.

"تنهن ڪري مذهبن جي ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت سمايل آهي. انسان ماده ۽ روح جو مرڪب هو، ان ڪري هن جي رهبريءَ ۽ هدايت لاءِ باطني ۽ ظاهري علمن جي ضرورت هئي. انهن ٻنهي علمن جي ماهرن هزارن ورهين ۾ چين کان وٺي يونان تائين، ماڻهن جي رهبري پئي ڪئي آهي.

"پر جيئن ته اڪثر حالتن ۾ اعتدال رهڻ نهايت مشڪل ڳالهه هئي، مغربي ملڪن جو لاڙو ظاهري تعليم ۽ ترقيءَ ڏانهن وڌندو ويو ۽ باطني تعليم ۽ ترقيءَ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هئائون. ٻئي طرف مشرقي ماڻهن باطني تعليم ۽ ترقيءَ طرف گهڻي توجهه ڏيڻ ڪري، ظاهري تعليم ۽ ترقيءَ ڏي زياده رخ نه ڏنو هو، جنهن ڪري هو دنياوي طرح پست پئجي ويا هئا.

"مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي گروهن جا لاڙا، پنهنجي پنهنجي انتهائي حالت ۾، خلاف فطرت هئڻ ڪري، فائدي بدران نقصان ڪار هئا."

انهيءَ سوسائٽيءَ جا موجد پهريائين مغرب ۾ پرچار ڪندا رهيا، اتي ڪافي همدرد ۽ ميمبر بڻائڻ بعد، هنن مشرقي علوم جو مرڪز هندستان کي ڄاڻي، اچي اُتي رهائش اختيار ڪئي. هنن جي مِشن اها هئي ته مغربي ۽ مشرقي تهذيبن ۽ تعليمن کي گڏي، هڪ بهترين مرڪب بنائي، دنيا جي روشن مستقبل لاءِ راهه هموار ڪجي.

هي ڪو نئون نياپو ڪونه هو، سڀني مذهبن ۽ هندن، مسلمانن، ڪرستانن، پارسين ۽ يهودين جي روحاني بزرگن اڳيئي انهيءَ راهه ۾ مخفي طرح پئي پيغام پهچايو.

مسلمانن جي ڪن صوفين سڳورن جو ته اهو چوڻ هو ته، "اسلام جي اچڻ جو بنيادي مقصد ئي اهو هو."

ٿياسافسٽن صرف نئين نموني ۽ جديد زبان ۾ ساڳيءَ ڪوشش کي دهرايو ٿي، جا هندستان ۾ مختلف مذهبن جي پوئلڳن کي نزديڪ آڻڻ لاءِ مختلف درويشن، انسان دوست عالمن ۽ حاڪمن طرفان گهڻو اڳ اختيار ڪيل هئي. ڪبير ڀڳت، گرو نانڪ، ملا مبارڪ، سرمد شهيد، شاهه عنايت، راجا رام

جي پکيڙڻ ۽ سماجي خدمت جي ڪم کي به هٿان نه ڇڏيو.
اڳتي هلي جڏهن کيس معلوم ٿيو ته هندستان جي غلامي سندس ان پيغام جي پکيڙڻ ۽ خوابن جي تعبير ۾ وڏي رڪاوٽ ثابت ٿي رهي هئي ته هُن سياست ۾ بهرو وٺڻ شروع ڪيو، جنهن جو ذڪر سندس سياسي ڪردار ۾ پيش ڪندس. هي ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي مقصدن ۽ مرادن جو مختصر احوال پڙهندڙن جي ملاحظي لاءِ پيش ڪري رهيو آهيان.
هيءَ سوسائٽي غير فرقيوارانه (لاڪوفي) سچ جي ڳولائن تي مشتمل ماڻهن جي جماعت هئي، جي روحاني قدرن تي انسان ذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ خدمت ڪرڻ جا حامي هئا. هنن مغرب جي ماده پرستيءَ (مٽيريلزم) جي وڌندڙ سيلاب کي روڪي، باطني ۽ ظاهري تعليم جو مرڪب نسخو انسان ذات جي جملي مرضن کان شفايابيءَ لاءِ پيش ڪيو ٿي، ان لاءِ هنن ٽي مکيه مقصد مقرر ڪيا هئا:
1. اتحاد انساني قائم ڪرڻ لاءِ، بنا تميز، مذهب، نسل، جنس ۽ رنگ جي، هڪ مخلص ڪارڪنن جو بين الاقوامي مرڪز قائم ڪرڻ.
2. انهن ڪارڪنن کي، مختلف مذهبن، فلاسافين ۽ سائنسن جي ڳوجنا ڪري، حقيقت پرکڻي هئي.
3. انهن کي مافوق الفطرت قانونن، انسان ۾ لڪل لُدني خزاني ۽ قوتن جي به ڳوجنا ڪرڻي هئي.
انهيءَ جماعت ۾ داخلا وقت، ميمبرن جي مذهبي عقيدن جي پڇا ڳاڇا يا ڇوپڇار ڪرڻي نه هئي، هر هڪ ميمبر کي مختلف عقيدن ۽ مذهبن جي پوئلڳن سان گڏجي، رواداريءَ جي اصولن تي، گذريل مقصدن جي حصول لاءِ ڪوشش ڪرڻي هئي.
هُنن جو رايو هو ته هر مذهب، هر فلاسافي ۽ هر سائنس جو مخزن علم ڪَلّ (بحر فيض الاهي) هو. ان بي انت اونهي بحر مان ماسو مال به پوڄارين کي پِرِ ڪرڻ جي طاقت رکندڙ هو، ليڪن پنهنجيءَ پر ۾ پِرِ ٿيڻ بعد به، ڪنهن کي صداقت جي هڪ هٿيءَ جي دعوى ڪرڻي ڪانه هئي، جو اها دعوى وري به خلاف حقيقت هئي. اهو بحر عميق ڪنهن هڪ ڏر جي هڪ هٿي

(Monopoly) يا خاص ملڪيت ٿيڻ کان برتر ۽ بالا هو.

هُن جو چوڻ هو تہ سچ يا حق، مسلسل فڪر وسيلي علم پرائڻ، نفس جي تزڪيي، اخلاقن جي درستي ۽ اعليٰ خيالن ذريعي هٿ اچڻ وارو هو. اُن کي ڳولڻ لاءِ جدوجهد، مسلسل تفتيش، ڪوجنا ۽ تجربي جي ضرورت هئي. اهو ڪنهن گروءَ يا مرشد طرفان سوکڙيءَ يا هديي طور ملي سگهڻ وارو نہ هو.

هُن جو اعتقاد هو تہ سچ ذاتي فڪر ۽ مشاهدي سان حاصل ٿي سگهيو ٿي، اُهو رڳو ڪنهن مذهبي عقيدي جي پوئلڳي ڪرڻ مان ملڻ وارو نہ هو.

هُن هر مذهب کي علم ڪُل جو جزو سمجهيو ٿي ۽ سڀني مذهبن جا بنيادي مقصد اتحاد، انساني، امن، عالم ۽ ترقي بني آدم مڃيا ٿي.

ٿياسافيءَ جي ميمبر لاءِ اهو ضروري نہ هو تہ ڪنهن خاص اعتقاد ۽ رايي جو پابند هجي، هرڪو ميمبر سندس راءِ ۽ اعتقاد ۾ آزاد هو، ڪوبہ ميمبر ڪابہ راءِ رکي سگهيو ٿي، ليڪن هن کي حق نہ هو تہ اُها ٻين تي زوريءَ مڙهڻ جي ڪوشش ڪري.

”واٽون ويهہ ٿيون ڪُهہ ڇاٽان ڪيهيءَ ويا!“

ٿياسافي (تصوف) سچ جو گلدستو هئي، جنهن ۾ سڀني رنگن ۽ خوشبوئن جا سهڻا گل ڪٺا ٿيڻ وارا هئا. اها جماعت سڀني لاءِ ساڳي هئي، پر ڪنهن خاص مذهب، فلاسافيءَ ۽ سائنس جي ملڪيت نہ هئي. اُن دنيا کي روحاني سائنس (علم) سان روشناس ڪرائڻ گهريو ٿي، اُن جملي مذهبي ڪتابن ۽ اعتقادن ۾ بنيادي وحدت ۽ صداقت جي ڳولا ڪئي ٿي. اُن ڪائنات جي خلقت ۾ رٿا ۽ مقصد پرکيو هو.

اُن دنياوي وجود جي پويان قوت ارتقا کي ڪم ڪندي ڏٺو هو ۽ اُن وجود جا مکيہ ۽ بنيادي مقصد اتحاد انساني، امن عالم ۽ترقي بني آدم سڃاتا هئا.

انهيءَ سوسائٽيءَ جي مٿن ۽ مرادن جو وڌيڪ احوال ان جي ڪتابن مان پڙهي سگهندو، هتي ”يڪ مشت نمونہ ۽ خروار“ پيش ڪيو اٿم.

هُن هر مذهب، فلاسافيءَ ۽ نظريي ۾ سچ جا جزا ڏٺا ٿي، پر هو منظم دين جي انهن پاليسين خلاف هئا، جن موجب ماڻهن کي مخصوص مذهبي عقيدن

جو پوئلڳ بنائي، انهن جو باهمي تصادم ڪرايو ويو ٿي.

هيءَ تحريڪ مسيحي احياءِ دين (رفارميشن)، غلطي اسلام، آريا سماجي قديم سپتا، يا ڪميونزم جي عالمگير تحريڪن کان جداگانہ هئي. انهن جي مقابلي ۾ هيءَ تحريڪ لاڪوفي ۽ غيرجانبدار (Non-alligned) هئي.

## سندس سياسي ڪردار:

هندستان جي سياسي پاليسيءَ ۾ انگريز ٻن گروهن ۾ ورهايل هئا: هڪڙا سامراجي ذهنيت رکندڙ انگريز هئا، جن جو خيال هو تہ قدرت طرفان هو چونڊيل قوم بنايا ويا هئا، جي پوئتي پيل ڪارين قومن مٿان حڪومت ڪرڻ جا حقدار هئا؛ هندستان سندن ملڪيت هو ۽ هي ان جا مالڪ هئا. مالڪن کي هرڪو حق هو تہ ملڪيت کي پنهنجي مفاد لاءِ قبضي ۾ رکي، سنڀاليندا رهن.

ٻيا منجهن خدا ترس ۽ صالح ماڻهو هئا، جن جي خيال موجب خدا طرفان هندستان جي حڪومت کين امانت طور خاص انهيءَ مقصد سان سپرد ڪئي ويئي هئي تہ اتي جي جاهل ماڻهن کي جديد علم ۽ سائنس سان روشناس ڪرائين؛ سندن مختلف مذهبن، قوميت، ڄاتين، جاگرافيائي خطن ۽ مختلف زبانن کي متحد ڪري، سڄاري کين هڪ قوم بنائي، حڪومت سندن حوالي ڪن. اهو سندن عقيدو هو تہ مغرب ۽ مشرق جي تهذيبن، علمن ۽ سائنسن کي ڪٺو ڪري، وچون رستو وٺي، دنيا جي رهبري ڪرڻ لاءِ سرزمين هند موزون جڳهہ هئي. انهيءَ جي اتحاد، ترقيءَ ۽ آزاديءَ ۾ دنيا جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جو راز مضمر هو. انهيءَ مقصد جي راهہ ۾ هُن ڪيئي رڪاوٽون محسوس ڪيون ٿي، جهڙوڪ هندستان اندر مختلف عالمگير مذهبن جون شريعتون، زبانن جي ڪثرت، ڇوت ڇات، انگريزن جو سامراجي گروهہ، هندستان جو خود مطلب صاحب اقتدار طبقو وغيره. تنهن ڪري هُن پنهنجي زندگيءَ جو اهو مقصد ڪري ورتو هو تہ هندستان جي مختلف مذهبي گروهن کي سندن مذهبي ڪثرت پويان بنيادي وحدت جو راز سمجهائين؛ زبانن کي هڪ ٻئي جي نزديڪ آڻي گڏيل زبان بنارائين ۽ ان وچ ۾ انگريزي زبان، جا عالمگير حيثيت حاصل ڪري چڪي هئي ملڪي اتحاد لاءِ ڪتب آڻين؛ هندستان

کي مختلف علاقائي خطن، اقتصادي مفاد ۽ فرقيوار جاتيپڻي جي مرضن کان آزاد ڪري، متحده قوم ۽ ملڪ بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهن ۽ انگريزن جي سامراجي تسلط کان ان کي آزاد ڪن.

پهرئين قسم جي انگريزن جي ڪثرت هئي. ٻئي گروهه وارا اتي ۾ لوڻ برابر هئا. پر اها حقيقت آهي ته ان قسم جا به ڪيترائي انگريز هئا.....خصوصاً ٿياسافسٽ انگريز انهيءَ راءِ جا هئا.

ڪانگريس به انهيءَ جماعت جي ڪارڪنن طرفان ٺاهي ويئي هئي. مسٽر او هيوم، جو ڪانگريس جو باني سڏيو وڃي ٿو، ٿياسافسٽ هو. هُن ڪانگريس به انهن ذڪر ڪيل مقصدن لاءِ ٺاهي هئي. مسز بيسنٽ به انهيءَ جماعت جي ميمبر هئي، سندس ملڪي سياست ۾ ڀهري وٺڻ جو مقصد به ساڳيو ئي هو.

آءٌ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته هن جي مشغولين جو دائرو نهايت وسيع هو، سياست انهن مان هڪ هئي. ملڪ جي آزاديءَ لاءِ خدمت ڪرڻ ۽ قربانين ڏيڻ ۽ ٻيءَ سياسي اهميت ۾ ڪيترائي قومي ڪارڪن هن کان وڌي ويا. ليڪن جيتري قدر سياسي نظرين ۽ بنيادي متن جو تعلق آهي، ٻيا سڀ سياستدان هن جي بيان ڪيل متن ۽ مرادن کي مشعل راهه بنائي، انهيءَ دائري اندر ڪم ڪندا رهيا.

مهاتما گانڌي انگلينڊ ۾ پڙهڻ واري وقت ۾ ٿياسافسٽ تعليم جي ڪتابن کان متاثر ٿيو هو، پنڊت موتي لعل نهرو ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو ميمبر هو. مسز بيسنٽ جي چوڻ تي هن پنهنجي فرزند، جواهر لعل نهروءَ، جي ابتدائي تعليم لاءِ هڪ ٿياسافسٽ، مسٽر فرڊيننڊ بروڪس، کي ماسٽر ڪري رکيو هو. مسز بيسنٽ جي اهميت بابت مسز سروجني نيڊو جهڙيءَ مکيه ڪانگريس ڪارڪن جا هيٺيان لفظ ڪافي روشني وجهن ٿا: ”مون مسز بيسنٽ کي حيدرآباد دکن ۾ ڀاراپڻ جي وقت ۾ ڏٺو هو. ان وقت کان وٺي، سندس انتقال تائين، هوءَ منهجي روح روان ۽ مشعل راهه پئي رهي هئي. اُها هندستان جي اڪثر مکيه سياسي ۽ سماجي تحريڪن جو پايو وجهندڙ ۽ پيغامبر هئي، جي هن وقت تائين هلي رهيون آهن. جيڪڏهن هيءَ نه هجي ها

تہ مهاتما گانڌيءَ جي تحريڪ آزادي هن وقت نظر نہ اچي ها. اها مسز بيسنٽ ئي هئي، جنهن جديد هند جي هر قوم پرست تحريڪ جو بنياد وڌو."

مسز بيسنٽ جا سياسي عقيدا ٽي هئا: (1) نيشنلزم (2) سوشلزم ۽ (3) مشرق ۽ مغرب جو اتحاد.

اڄ تائين انهن عقيدن جون ڪيتريون تشريحون هر هڪ گروهہ پنهنجي پنهنجي نقطي نگاهہ کان پيش ڪيون آهن، ليڪن مسز بيسنٽ جو نقطہ نگاهہ خاص قسم جو هو، ان ڪري هتي ان جي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

## سندس نيشنلزم:

نيشنلزم مان هن جي مراد شخصي ۽ قومي آزادي هئي، جنهن موجب هرهڪ خطي زمين جا رهاڪو، جن جون روايتون، تهذيب ۽ ڪلچر هڪ هئا، سي، بنا تميز مذهب، نسل، رنگ ۽جاتيءَ جي، هڪ قوم شمار ٿيڻ جا حقدار هئا. هُن، سرزمين هند کي، باوجود مختلف آب هوائن جي ايراضين، نسلن، رنگن ۽ جاتين جي، هڪ ملڪ ٿي سمجهيو. ان ڪري اتي جي رهاڪن کي هڪ قومي قالب ۾ سمائي، متحده قوم بنائي، آزاد ڪري، دنيا جي رهبريءَ لاءِ لائق بنائڻ، هن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ڪري ورتو هو.

هن جي خيال ۾ هندستان کي متحده ملڪ ۽ قوم بنائڻ لاءِ صحيح جمهوريت جو وجود نهايت ضروري هو، جا مختلف گروهن جي باهمي سمجهوتي ۽ رضاڪارانہ فيصلن مطابق بنجڻ واري هئي، ان ۾ نہ ميجارٽيءَ جي ڊڪٽيٽري بنجڻي هئي، نہ مينارٽيءَ کي "ويٽو" ملڻو هو.

ان ۾ هر شخص توڙي گروهہ کي تقرير، تحرير، جماعت سازي، پيشي ۽ مذهب جي آزادي ملڻي هئي.

هن جو نيشنلزم انهن سيني آلائشن کان پاڪ هو، جنهن جا پوءِ جرمن نازي، اٽالين فاشسٽ ۽ جاپاني سامراجي حامي ٿيا. سندس نيشنلزم انهن جي آمرانہ حڪومت، جنگجو ذهنيت ۽ شاهوڪار طبقي جي حڪمرانيءَ جي ڳالهين کان پاڪ صاف هو.

هوءَ هندستان ۾ وڏين اميدن ءِ آسرن سان آيل هئي. هن ان کي مشرقي تهذيب جو علمبردار ءِ مستقبل ۾ ايشيا ءِ آفريڪا جي پوئتي پيل ءِ مظلوم قومن جو مهندار بنائڻ تي گهريو.

هن ملڪ کي مختلف مذهبن جي فرقہ بندين ۾ ورهايل ڏٺو هو، جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ هن اهڙو مذهبي نظريو پيش ڪيو ٿي، جو جملي هندستانين کي هڪ ٻئي جي نزديڪ آڻي، مذهبي رواداريءَ جي فضا قائم ڪرڻ وارو هو.

هن عام ماڻهن کي جهالت، وهم پرستيءَ ءِ ڇوت ڇات جي مرض ۾ ڦاٿل ڏٺو هو، جنهن لاءِ هن تعليم پکيڙڻ، عقل جي روشني آڻڻ ءِ ڇوت ڇات دور ڪري مساوات آڻڻ گهري ٿي.

هن هندستانين کي تنگ نظر انگريزي سامراجين جي چنبي کان بچائڻ لاءِ آواز بلند ڪيو ءِ ان لاءِ ڪانگريس ۾ شريڪ ٿي، ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هيءَ ڪلڪتي ڪانگريس اجلاس 1917ع جي پريزيڊنٽ ٿي. هن وڏيءَ عمر ۾ انگريزن جي بند ۾ نظربند ٿيڻ قبوليو. سائيمن ڪميشن تي هندستانين جي نہ هجڻ ڪري ان جي بائيڪاٽ ۾ حصو ورتو. کاڏيءَ لاءِ چرخو چوري سٽ ڪتيو، هندو مسلم سمجهوتي لاءِ پاڻ پتوڙيو، هوم رول تحريڪ جاري ڪئي ءِ جيستائين بدن ۾ طاقت هيس، آزاديءَ لاءِ ڪم ڪندي رهي.

هيءَ پهرين قومي ڪارڪن هئي، جنهن گانڌيجيءَ جي خلافت تحريڪ ءِ آزاديءَ جي هلچل کي مصلحت خاطر گڏڻ جي مخالفت ڪئي. ڇي، خلافت "پئن- اسلامزم" جو جزو هئي، جا ڳالهہ جديد نيشنلزم جي برعڪس هئي؛ انهيءَ ڪري انسان مذهبي گروهن ۾ ورهائجڻا هئا؛ ان ۾ شريعت اسلام جي نظام ءِ برتريءَ جو تصور سمايل هو، جنهن ۾ سياست ءِ مذهب کي گڏي هلائڻ جي ڳالهہ هئي، جا ڳالهہ تاريخي حقائق جي ڪسوٽيءَ تي غلط ثابت ٿي چڪي هئي ءِ ان جو هندستان جي دائمي قومي يڪجهتيءَ تي غلط اثر پوڻ وارو هو.

انهيءَ وقت، جوش جي حالت ۾، هن جي ڳالهہ ڪنهن نہ ٻڌي. ويتر هيءَ انهيءَ راءِ جي اظهار ڪري اڪيلو اثر وڃائي ويٺي. هن جي دوربين نگاهہ عارضي نفعي خاطر بنيادي اصولن کي قرباني ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي.

اڳتي هلي، تاريخ ثابت ڪيو تہ مهاتما گانڌي، مولانا شوڪت علي، محمد علي ۽ ابوالڪلام سوڌا خلافت تحريڪ ۾ حصي وٺڻ ڪري، سياست ۽ مذهب ڪي گڏڻ جا ڏوهي ثابت ٿيا. خود ترڪن بہ تجربي بعد معلوم ڪيو تہ خلافت کين طاقتور بنائڻ جي عيوض ڪمزور ڪري رهي هئي، تنهن ڪري هنن خلافت جي اداري کي ختم ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري هندستان ۾ بہ اها تحريڪ ختم ٿي ويئي.

ليڪن، مذهب جي نالي ۾، احياءِ اسلام جي جا تحريڪ هتي خلافت جي زماني ۾ شروع ٿي هئي، تنهن جي مقابلي لاءِ سامراجي انگريزن ڪٽر هندو ڪارڪنن کي "شڌي" ۽ مهاپارت جي پرچار لاءِ راغب ڪيو. ٻئي طرف، مسلمان "توڊين" ذريعي ملن کي "تبليغ" جي تحريڪ لاءِ تيار ڪيو ويو. جنهن ڪري چند سالن اندر صوفياءِ ڪرام ۽ هند ساڌن جي هندو مسلم ميلاپ لاءِ پيدا ڪيل فضا مڪدر ٿي ويئي، فرقيوار اختلاف وڌندا رهيا، جن نيٺ وڃي ملڪ جي ورهاڱي جي صورت اختيار ڪئي.

مسز بيسنٽ هندستان جي، برطانوي دولت مشترڪ (برٽش ڪامنويلٿ) ۾ رهڻ جي حامي هئي. سندس خيال موجب انهيءَ ذريعي مشرق ۽ مغرب ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اتحاد پيدا ٿيڻ وارو هو.

ليڪن انگريزي حڪام جي ڪثرت تعداد جي سامراجي پاليسيءَ، ويڙهائي راڄ ڪرڻ، ملڪ ۽ ماڻهن مٿان ظلم ۽ سختيون ڪرڻ، ڪارا قانون پاس ڪري هنن جي تحرير، تقرير ۽ انساني حقن کان محروم ڪرڻ، قومي ڪارڪنن کي آزاديءَ لاءِ هلچل هلائڻ جي ڏوهہ ۾ ڦاهيونءِ قيد ڏيڻ ۽ مارون ڪيڻ وغيره ڪمن سبب، هندستان جا عوام سياسي توازن وڃائي ويٺا هئا. هو مڪمل آزاديءَ جا نعرا هڻي، انگريزن کي دشمن سمجهي، علحده ٿيڻ جا حامي بنجي رهيا هئا.

هُن کي انگريزن جي سامراجي، خود مطلب ۽ ظالم گروهہ جي ڪارروائين جي پوريءَ طرح خبر هئي، جن کيس بہ طرح طرح جون تڪليفون پهچايون هيون؛ ليڪن هن سموريءَ انگريزي قوم کي اُنهن ڪارروائين لاءِ جوابدار نٿي نهرايو. هن کي سندس قوم جي صلاحيت ۾ پورو اعتماد هو. کيس يقين هو

تہ ذرا محنت ۽ ڪوشش سان حالتون سازگار ڪري، انگريزن جي عام راءِ صحيح رستي تي آڻي سگهبي.

هن ڪي ويساهہ هو تہ انگريزن جو هندستان سان لاڳاپو ڪنهن محدود ۽ عارضي ڏي وٺ جي بنيادن تي ڪونہ بيٺل هو. انهيءَ ڳانڍاپي ۾ هن مشيت ايزديءَ جو لڪل هٿ، مشرق ۽ مغرب جي تهذيبن جي ڳانڍاپي واسطي، محسوس ڪيو ٿي.

هن انگريزي حڪومت جي موجوده ڪوتاهين کي دور نظر ۽ دائمي مقصدن خاطر ڪجهہ قدر برداشت ڪرڻ گهريو ٿي.

هن جو نيشنلزم انٽر نيشنلزم جو جزو هو. هوءَ، ٽڪر ۾، ردعمل ڪري، ڪنهن بہ اهڙي قدم کڻڻ جي فائدي ۾ نہ هئي، جنهن ڪري هندستانين جي يڪ جهتي، اتحاد ۽ ترقيءَ ۾ رڪاوٽ پوي يا انگريز قوم سان سندن تعلقات ڪشيده ٿي يا ڇڃي وڃن.

## سندس سوشلزم:

هن جو ٻيو سياسي عقيدو ”سوشلزم“ ۾ هو. هن جي دوربين نظر تاڙي ورتو هو تہ عوام جي مالي حالت درست ٿيڻ کان سواءِ نہ ڪين علم جي روشني ميسر ٿي سگهندي، نہ پوري آزادي نصيب ٿيندين.

سندس نظر ۾ صحيح جمهوريت سوشلزم جي ذريعي حاصل ٿي سگهڻ واري هئي؛ ان ڪري سندس راءِ هئي تہ ملڪ جي پيداوار جي ذريعن، پيداوار جي ورهاست ۽ پيسي کي ڪن طبقاتي مفادن يا شخصن جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ بدران، عوام جي ڀلي لاءِ، رٿا ۽ پاليسيءَ جي بنياد تي، حڪومت کي ڪتب آڻڻ جي اختياري ڏيڻ گهرجي.

هن کي ڪميونزم ۽ سوشلزم جو تفاوت معلوم هو، آخري مقصد ٻنهي جا ڪم و پيش ساڳيا هئا، ليڪن سندن طريقي ڪار ۾ تفاوت هو. ڪميونزم خوني انقلاب، طبقاتي ڪشمڪش (Class Struggle) ۽ هر طريقي سان مقصد حاصل ڪرڻ جو حامي هو. سوشلزم آئيني جدوجهد، عوام جي باهمي تعاون سان ارتقائي ترقيءَ ۽ صحيح طريقن سان مقصد تي پهچڻ جو دعويدار

تي سگهيو ٿي.

هن جي خيال موجب انسان ذات جي زندگيءَ جا بنيادي مقصد اتحاد، امن ۽ روحاني ۽جسماني ترقي هئا. ڪميونزم جو طريقہ ڪار انهن ٽنهي جي خلاف هو، خوني انقلاب امن عالم جي ورڌ هو. طبقاتي ڪشمڪش اتحاد جي بيخ ڪني ڪندڙ هئي، ان مان نفرت پيدا ٿي ٿئي. اتحاد محبت جي ذريعي حاصل ٿيڻ وارو هو، ماڻهن جي ترقي صرف صحيح طريقن ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي. تشدد ۽ نفرت غلط طريقا هئا، جنهن ۾ٽي جو ٻج تلخ هوندو، ان جو ميوو مٺو ٿيڻ وارو ڪونہ هو.

سوشلزم ۽ ڪميونزم متعلق اهي سندس پختا عقيدا هئا.

## مشرق ۽ مغرب جو ميلاپ :

هُن جو ٽيون سياسي عقيدو مشرق ۽ مغرب جي تهذيبن ۽ "سائنسن" جي ميلاپ جو هو.

هن جي دور رس نگاهہ پرکيو هو تہ مغربي ملڪ سندن نئين ايجادن، سائنس ۽ هنرن ڪري طاقتور ٿي، ساري مشرق تي قابض ٿي، انهن جي پيداوار ۽ ماڻهن کي پنهنجن قومي مفادن لاءِ استعمال ڪري رهيا هئا، جا ڳالهہ غير منصفانہ ۽ ظالمانہ هئي. هن کي معلوم هو تہ اها حالت گهڻو وقت هلي نہ سگهندي، جلد ئي مشرق بيدار ٿيڻ وارو هو، تنهن ڪري مغربي قومن لاءِ اها ڳالهہ مصلحت ڀري هئي تہ تصادم کان سواءِ، رضا خوشيءَ سان، انهن ملڪن کي آزاد ڪن.

انهيءَ ڳالهہ جي صلاحيت هن انگريز قوم ۾ ڏٺي هئي، تنهن ڪري هن ۽ سندس هم خيال انگريزن جو رايو هو تہ انگريزن کي مشنري ٿي، هندستانين جي يڪ جهتيءَ، تعليم ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪري، آخر ۾ انهن کي آزادي ڏيڻ گهرجي ۽ اهڙي طريقي سان هو انساني اتحاد، امن ۽ ترقي جا پيغامبر ٿي ڪم ڪن. قدرت طرفان انگريزن کي عالمگير حڪومت جو سپرد ٿيڻ بہ انهيءَ ارادي سان هو، سندن رول اتاليق ۽ امين جو هو، نہ حاڪم ۽ غاصب جو.

هن جو چوڻ هو تہ ويهين صديءَ ۾ بني نوع انسان باهمي چتاپيتي (Competition) ذريعي ترقي ڪرڻ وارو هو. انهيءَ ڪري جنگين ۽ اختلافن جو هر وقت امڪان هو، ايندڙ زمانو باهمي تعاون (Co-operation) جو اچڻ وارو هو. انهيءَ دور جي آڻڻ ۾ انگلينڊ ۽ هندستان کي خاص رول ادا ڪرڻو هو؛ ان ڪري هندستان جو اتحاد، ترقي ۽ آزادي نہ صرف هندستانين لاءِ مفيد هئا، پر ان مان ايشيا، آفريڪا ۽ ساريءَ دنيا کي فائدو رسڻ وارو هو. مستقبل ۾ هندستان ۽ انگلينڊ کي انساني اتحاد ۽ امن عالم جو علمبردار ٿي ڪم ڪرڻو هو.

انهن سمورن نظرين ۽ خيالن جي پرچار لاءِ هُن "ينگ انڊيا" نالي اخبار ڪڍي، مضمون لکڻ شروع ڪيا؛ پوءِ "هوم رول ليگ" ناهي، عوام ۾ سياسي بيداري پيدا ڪرڻ گهريائين؛ "انڊيا بل" تيار ڪرائي، پارليامينٽ ۾ پيش ڪرايائين؛ ڪانگريس ۾ شرڪت ڪيائين؛ هندو مسلم سمجهوتي ڪرائڻ لاءِ آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ حصو ورتائين؛ ڪانگريس مسلم ليگ جي اجلاسن ۾ حاضر ٿي، اهڙن خيالن جو اظهار ڪيائين؛ سائيمن ڪميشن جي بائڪاٽ ۾ شامل ٿي ۽ ساري هندستان ۾ دورا ڪري، عوام ۾ سياسي بيداري پيدا ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪيائين.

مطلب تہ هيءَ قوم پرست سياست جي مجتهد هئي. هندستان جي سياسي تاريخ مان واقف ماڻهن کي معلوم آهي تہ هِن کان پوءِ جملي قوم پرست سياستدانن سندس مقرر ڪيل نظرين جي دائري سياست اندر پئي ڪم ڪيو آهي. بنيادي مقصد ۽ مرادون سڀني جون ساڳيون رهيون، صرف طريقہ ڪار جو منجهن تفاوت هو.

# ٢ - مهاتما موهنداس ڪرم چند گانڌي

هي 20 صديءَ ۾ هندستان جو مکيہ قوم پرست سياسي رهنما، سماجي ڪارڪن، سوشل رفارمر ۽ دنيا جي چوٽيءَ وارن سياسي مدبرن (استيتسمين) مان هڪ هو.
هي هندستان جي جنگ آزاديءَ جو سپہ سالار، هندو مسلم اتحاد جو حامي، اڇوتن جو همدرد، اعليٰ اخلاقن جو صاحب، سادگي جو پتلو، صاحب دل ۽ عالي دماغ بزرگ هو.
بين الاقوامي سياست جي ڄاڻن کي معلوم آهي تہ ويهين صديءَ جي اوائل ۾ ساريءَ دنيا اندر ڪيترا عالمگير شهرت ۽ لياقت جا ليڊر پيدا ٿيا، جن تاريخ ۾ پنهنجو نالو ڇڏيو آهي. مهاتما گانڌي انهن جي صف اول ۾ شمار ٿيڻ جو اهل آهي.
هن 1915ع ۾، جڏهن ڏکڻ آفريڪا ۽ ولايت کان موٽڻ بعد هندستان ۾ پير پاتو تہ پهرين مهاڀاري لڙائي هلندڙ هئي. ملڪ انگريزي سامراج جي هٿ هيٺ هو، ديس وڏو، ان جا مسئلا گهڻا ۽ پيچيده هئا. عوام ۾ سياسي شعور گهٽ هو. خواص مان اڪثريت جو سياسي ڪردار ڪريل هو. فرقيوار اختلاف ۽ صوبائي تعصب روزمره جا معاملا هئا. بهترين انگريزي سِول - سروس جا دماغ، سندن اڪيچار وسائل سان، سياستدانن کي لالچائڻ، ڊيڄارڻ، ويڙهائڻ ۽ پست همت ڪرڻ ۾ مشغول هئا. انهن سيني مشڪلاتن هوندي بہ، هن صاحب پنهنجي قوت ارادي، سياسي قابليت، خلوص دل، همت ۽ نون ايجاد ڪيل سياسي حربن، اهنسا، عدم تعاون، ستياگرهہ جي ذريعن سان ملڪ ۾ جا سياسي زندگيءَ جاڳرتا پيدا ڪئي، ان جو مثال دنيا جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.
دنيا جي مکيہ پيغمبرن جا بہ، سندن حياتيءَ جي عرصي ۾، ايترا سرويچ



مهاتما گانڌي

(٢- آڪٽوبر، ١٨٦٩ع — ٣٠- جنوري ١٩٤٨ع)

پوئلگ نہ ٿيا، جيترا هو ضعيف البدن، ساڌو صفت، سياسي رهنما جا ٿيا.
اِها تاريخي حقيقت آهي تہ هِن هندستانين جي ڪمزور دلين ۾ همت ۽ ستيا جو روح ڦوڪي، ڪين بهادر بنائي، منجهائن سامراجي خوف ڪڍي ڇڏيو. خوني انقلاب جا مثال تاريخ ۾ موجود هئا. هن دنيا کي اهنسائي انقلاب سان روشناس ڪرايو. هندستانين کي هن اخلاقي قوت سان آراستہ ڪيو. برٽش سامراج، جنهن جي بادشاهيءَ تان سج نٿي لٿو، تنهن کي هن پاڙن کان لوڏي ڇڏيو.
هندستان جي آزادي هِن جي مرهون منت آهي، ايشيا ۽ آفريڪا ۾ ڪيترن مغربي ملڪن جي غلاميءَ هيٺ آيل ملڪن سندن آزاديءَ لاءِ هن جي ايجاد ڪيل طريقہ ڪار، اهنسا ۽ ستيا گرهہ مان فائدو ورتو.
سندس سياسي طريقہ ڪار ۽ پاليسيءَ بابت جدا رايا ٿي سگهن ٿا، ليڪن سندس هندستاني عوام ۾ جنگ آزاديءَ لاءِ چاهہ پيدا ڪري، ڪروڙها ماڻهن کي قربانين ڏيڻ لاءِ تيار ڪرڻ، حقن حاصل ڪرڻ لاءِ اهنسا جي بنياد تي ستيا گرهہ ڪرڻ، ملڪ جي يڪ جهتيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ، اڇوتن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ، هندو مسلم سمجهوتي لاءِ حتي الامڪان ڪوشش ڪرڻ، عوام ۽ خاص ۾ سادگي، خدمت خلق ۽ ايثار جو مادو پيدا ڪرڻ، اهي اهڙيون ڳالهيون آهن، جي جيستائين هندستان جو نالو قائم آهي، ان جي تاريخ جو مکيہ حصو ٿي رهنديون ۽ دنيا جي جملي سياسي ڪارڪنن لاءِ مشعل راهہ ٿي ڪم ڏينديون.
هن جي زندگي سياسي، سماجي، قومي اصلاح ۽ خدمت خلق جي ڪارنامن سان ڀري پيئي آهي، ان جو مفصل ذڪر منهنجي وسعتَ قلم ۽ دائري ڪتاب کان ٻاهر آهي. بهرحال آءٌ سندس شخصي زندگيءَ جو مختصر ذڪر ڪري، پوءِ سندس مذهبي، سماجي ۽ سياسي ڪردار جو بيان ڪندس.

## شخصي زندگي:

مهاتما موهن داس (غلام ڪرشن) ڪاٺياواڙ جي راجڪوٽ رياست جي پوربندر شهر ۾ 2 آڪٽوبر 1869ع تي ڄائو هو. انهيءَ شهر کي روحاني

طرح ايڏي تہ اهميت مليل آهي، جو شاهہ لطيف عليہ الرحمت پنهنجي ڪلامر ۾ فرمائي ڇڏيو هو تہ :

”سيد سات سندومر، پوربندر پهچائين!“

ممڪن آهي ان شهر جي ايڏي تعريف ان ڪري ڪيل هجي تہ ان جي سر زمين مان ههڙو بي بها انسان پيدا ٿيڻ وارو هو.

هُن جي والد جو نالو مسٽر ڪرمر چند هو، جيڪو رياست راجڪوٽ جو ديوان هو.

مسٽر جيرامداس دولترامر، ٿر سنڌ جي گشت ڪندي، ڦولپري ڳوٺ ۾ جڏهن ڪن ساٺين سان گڏ 1928ع ڌاري ويو هو تہ اُتي هڪ پوڙهي ماڻهوءَ کان معلومر ٿيس تہ هُنءَ گانڌيءَ جا وڏا اصل پاري نگر، جو نگرپارڪر کان 12 ميل پري هو، جا وينل هئا؛ اتان پوڏسير ويا، جتان ڪي لڏي ماندوي، ڪي پوربندر طرف ويا، ڪي اجا اتي رهن ٿا ۽ گانڌي سڏبا آهن.“ ڳالهہ ڪيئن بہ هجي، پر ان مان اهو سمجهڻ جو امڪان آهي تہ هن تي بہ سرزمين سنڌ جو اثر هو. (1)

مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ مسز بيسنٽ آڪٽوبر جي پهرين تاريخ ڄائي هئي. هيءَ آڪٽوبر جي ٻي تاريخ ڄائو هو.

هن اول ۾ تعليمر مڪاني هاءِ اسڪول ۾ ورتي، جتان مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد ڀاونگر ڪاليج ۾ تعليمر حاصل ڪيائين.

هي سيپٽمبر 1887ع ۾ انگلينڊ ڏي بارسٽريءَ جي پڙهڻ لاءِ روانو ٿيو. اتي رهائش جي وقت هن جي ملاقات مئڊمر بلئو ٽسڪي ۽ ٻين ٿياسافسٽن سان ٿي، جن جي اثر ڪري هن ۾ هندو ۽ عيسائي مذهبن جي معلومات حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. ڊاڪٽر ايني بيسنٽ 1889ع ڌاري ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي ميمبر ٿي چڪي هئي. انهيءَ عرصي ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلامر جي ”جبل تان ڪيل واعظ“ تہ ”اوهان برائيءَ جو بدلو چڱائي ۾ ڏيو، ان طرح ئي اوهان برائيءَ تي فتح حاصل ڪري سگهندا“ هن تي گهڻو اثر ڪيو. هن ٻنهي مذهبن جي تقابلي مطالعي مان ڪيتريون ڳالهيون معلومر ڪيون،

(1) پرڪاش اخبار 19 مارچ 1930ع.

جي ﭘنهي ڌرمن ۾ ساڳيون هيون. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ مذهبن جي بنيادي وحدت جو خيال انهيءَ زماني کان هن جي ذهن ۾ ويهي ويو هو.

انگلينڊ ۾ چار سال رهي، بارسٽريءَ جو امتحان پاس ڪري، 1891ع ڌاري هي موٽي هندستان واپس آيو. جتان هو ڏکڻ آفريڪا ڏانهن اپريل 1893ع ۾ وڪالت ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. جتي تقريباً ويهہ سال کن رهيو. اتي گورن باشندن جي مڪاني رهاڪن ۽ هندستانين سان بدسلوڪيءَ هن کي مجبور ڪري سياست ۾ دلچسپي وٺرائي.

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ هڪ دفعي ڊربن جي هڪ ڪورٽ ۾ گوري ماجسٽريٽ ڪيس مٿي تي پڳڙي ڏسي، ڪيس ڪورٽ ۾ پڳڙي لاهي اچڻ جو حڪم ڪيو. اُن تي هي احتجاج ڪندي، ڪورٽ ڇڏي ويو. گورن هٿان اهڙا ڪيئي بي عزتين جا مثال هن ڏٺا، جنهن مان شيدين ۽ هندستانين خلاف سندن نفرت ۽ حقارت جو اظهار ٿيو ٿي. اهڙين حالتن کي هيءُ برداشت ڪري نہ سگهيو ۽ واپس وطن ورڻ جو ارادو ظاهر ڪيائين. ليڪن اتي جي هندستاني رهاڪن هن کي ست ستاءَ ڪري رهائي ڇڏيو.

سگهوئي هن ناتال اسيمبليءَ کي اتي هندستانين جي حقن لاءِ ڏهہ هزار صحيحن سان هڪ درخواست پيش ڪئي، ۽ مئي 1894ع ۾ اتي انڊين نيشنل ڪانگريس جي شاخ قائم ڪئي.

ڇهن مهينن لاءِ، 1896ع ۾ هيءُ هندستان موٽي آيو، جتي هُن ڏکڻ آفريڪا ۾ هندستانين سان ٿيندڙ ظلمن جي اپٽار ڪئي. انهيءَ ڪري جڏهن هي موٽي ڏکڻ آفريڪا پهتو تہ گورن هن جي سخت مخالفت ڪئي.

12 آڪٽوبر 1899ع کان ڏکڻ آفريڪا ۾، اتي اصل ڊچ رهاڪن ۽ برٽش حڪومت جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي، جنهن کي "بُوئر وار" سڏيو ٿي ويو. اها 31 مئي 1902ع تائين هلي. انهيءَ جنگ ۾ هن، بغير شرط جي، انگريز حڪومت جي مدد ڪئي ۽ "ايمبولينس ڪور" (زخمين جي پرگهور لهڻ وارو ٽولو) منظم ڪيو. اها جنگ ٻن يورپي گروهن جي وچ ۾ هئي. هي انگريزن طرف ٿياسافيڪل ڪارڪنن جي اثر ڪري ٿيو، جن مٿس اهو خيال ويهاريو هو تہ هندستانين جو انگريزن سان لاڳاپو مشيت ايزديءَ مطابق ﭘنهي

جي فائدي ۽ دنيا جي امن ۽ ترقيءَ لاءِ هو.

هن اتي جي چند انگريز گورن جي غلط پاليسيءَ ڪري جملي انگريزي قوم کي جوابدار نٿي ٺهرايو. ازانسواءِ، هن جي ذهن تي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي واعظ تہ، "برائيءَ جو جواب چڱائي سان ڏيڻ گهرجي" جو اثر ويٺل هو. هن کي يقين هو تہ اهڙيءَ روش ڪري، هي گورن جي ذهنيت بدلائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو، ليڪن سندس اُنهن خدمتن جو گورن تي ڪوبہ اثر نہ پيو، بلڪہ انهن هڪ قانون پاس ڪرڻ گهريو، جنهن مان مڪاني ديسين ۽ هندستانين تي بندشوّن پوڻ واريون هيون. انهيءَ قانون کي مقامي طور "ڪارو قانون" سڏيو ويو. هَن انهيءَ قانون جي مخالفت ۾ ستياگرهہ ڪرايو، پر باوجود ان جي، اُتي جي گوري سرڪار اهو قانون پاس ڪري ڇڏيو. جنهن تي هن برٽش سرڪار کان ان قانون جي منظوري نہ ڏيڻ لاءِ گهر ڪئي، جنهن ۾ هي ڪامياب ٿيو ۽برٽش سرڪار اها منظوري نہ ڏني. پر جلد ئي ٽرانسوال کي مڪاني خود مختياري ملي، جنهن ڪري هنن وري اهو ائڪٽ پاس ڪري ڇڏيو.

اُنهيءَ سوال تي هندستان ۾ سخت مخالفت ٿي، جنهنڪري هندستان سرڪار بہ اُنهيءَ قانون جي مخالفت ڪئي. ان تي گورن جي ليڊر، جنرل سمٽ، گانڌيجيءَ سان سمجهوتو ڪيو، پر ان تي عمل نہ ڪيائين، جنهن تي تنگ ٿي، گانڌيجي ڏکڻ آفريڪا کي ڇڏي، اچي انگلنڊ ۾ رهڻ لڳو. ان وقت ڌاري پهرين مهاياري لڙائي شروع ٿي ويئي هئي. هن، باوجود گورن هٿان بيعزتين ڏسن ۽ سهڻ جي، پنهنجي بنيادي اصول مطابق، وري بہ بنا شرط جي انگريزن جي ان لڙائيءَ ۾ "ائمبولينس ڪور" تيار ڪري، مدد ڪئي، ۽ پڻ ماڻهن کي لشڪر ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ ترغيب ڏني.

آخر هي 9 جنوري 1915ع تي، سندس زال ڪستور ٻائيءَ سميت، بمبئي ۾ موٽي آيو. هندستان اچڻ بعد، هي مسٽر گوکلي جي سياسي اثر هيٺ آيو. جنهن کيس صلاح ڏني تہ سال کن سياست ۾ کو خاص بهرو نہ وٺي. ان وچ ۾ هن ملڪ گهمي، مڪاني حالتن کان آگاهي حاصل ڪئي.

1916-17ع ۾ هن هندستاني مزدورن کي انڊينچر (مقرر معياد لاءِ

مقرر پگھار تي نيکي) طور ٻاهر موڪلڻ خلاف هلچل هلائي، جنهن ۾ هن کي ڪاميابي حاصل ٿي . پوءِ بهادر پرڳڻي جي چمپارن ڳوٺ ۾ نير جي آبادگارن جي تڪليفن دور ڪرائڻ لاءِ ستياگرهه ڪرايائين، جنهن ۾، باوجود زميندارن ۽ سرڪار جي مخالفت جي، ڪاميابي حاصل ڪيائين.

پهرين مهاڀاري لڙائي ختم ٿي چڪي هئي. لڙائيءَ وقت محڪوم ملڪن جي رهاڪن سان اتحادين، جي واعدا ڪيا هئا، انهن جي وفائيءَ جو امڪان نه ڏسي، مشرقي ملڪن ۾ آزاديءَ جي گهُر زور وٺڻ لڳي. انگريزن ترڪيءَ جي حڪومت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ورهائڻ گهريو. هندستان جي ماڻهن ۾ بيچيني پيدا ٿي. سرڪار اُن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي، رولٽ صاحب جي چيئرمينيءَ هيٺ، مقرر ڪئي، جنهن جي سفارش تي اُن هڪ قانون پاس ڪرڻ گهريو، جنهن موجب هندستانين جي تحرير، تقرير، جماعت سازيءَ وغيره تي بندش پوڻ واري هئي. انهيءَ ائڪٽ جي خلاف گانڌيجيءَ، احتجاج ڪرڻ لاءِ، هڙتال واسطي 6 اپريل 1919ع جو ڏينهن مقرر ڪيو. ان تي شهرن ۾ سرگس نڪتا، دهليءَ ۾ پوليس ماڻهن جي ميڙ تي گولي هلائي. پنجاب جي ليفٽيننٽ گورنر سرمائيڪل اوڊائر قومي ليڊرن ڊاڪٽر ستيا پال ۽ ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلوءَ کي گرفتار ڪري، نامعلوم جڳهه تي موڪلي ڇڏيو. ان تي ماڻهن ۾ غم ۽ غصي جي لهر پکڙجي ويئي. هُنن امرتسر جي شهر ۾ جليانوالا باغ اندر گڏ ٿي، جلسو ڪرڻ گهريو، جتي جنرل ڊائر انهن کي منتشر ڪرڻ لاءِ گوليبازي ڪئي. رستو هڪ هو، جنهن کي ملٽري روڪي بيٺي هئي، ماڻهن جي ڀڄڻ جي جاءِ ڪانه هئي؛ ان ڪري گهٽي خونريزي ٿي ۽ چار سو ماڻهو مري ويا. اِن تي ساري هندستان ۾ شور ۽ جوش پيدا ٿي ويو.

گانڌيجيءَ، انهيءَ عام ناراضگيءَ کي محسوس ڪندي، هندن ۽ مسلمانن کي گڏي، جنگ آزاديءَ ۾ حصي وٺڻ لاءِ تيار ڪيو. انهيءَ سال ڊسمبر ۾ امرتسر ۾ ڪانگريس، مسلم ليگ، خلافت ڪاميٽيءَ ۽ جميعت العلماء هند جا گڏ جلسا ڪنا تيا. پهرينءَ جماعت جو اجلاس پنڊت موتيلعل جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو. ٻيءَ جماعت جو اجلاس حڪيم اجمل

خان جي صدارت هيٺ ڪئو ٿيو. ٽيءُ جو اجلاس مولانا شوڪت عليءَ جي صدارت ۾ ٿيو، ۽ چوٿينءَ جي اجلاس جي صدارت مولانا عبدالباريءَ ڪئي. ليڪن سڀني جماعتن تي گانڌيجيءَ جو اثر حاوي رهيو. هندو، مسلم ۽ سک هڪٻين جي ايترو نزديڪ ٿي ويا، جو هڪٻين جي مسجدن، مندرن ۽ گردوارن ۾ وڃڻ لا، هڪ گلاس مان پاڻي پيئڻ لڳا، وغيره.

انهيءَ زماني ۾ هي هندستان جو يڪتا رهنما هو، جنهن ۾ هر هندستانيءَ جو، بنا تميز مذهب ۽ ملت جي، ويساهه ويٺل هو. مسلمانن جا مکيه مذهبي ۽ سياسي رهنما سندس ساٿي هئا. مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبدالباري، مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي، ڊاڪٽر مختيار احمد انصاري، حڪيم اجمل خان وغيره سڀ انهيءَ زمري ۾ داخل هئا. هندو ڪارڪنن جي اڪثريت، ويندي سوامي شرڌانند، پنڊت مدن موهن مالويه، لالا لجپت راءِ، وغيره تائين، سڀ ساڻس شامل ٿي ويا.

البت ڪي اعتدال پسند پراڻا قوم پرست ڪارڪن عدم تعاون ۽ ستياگره کي انتهائي قدم سمجهي پوئتي هٽي ويا، جن مان مسز ايني بيسنٽ، پنڊت مدن موهن مالويه، سرتيج بهادر سپرو، سر آغا خان ۽ مسٽر محمد علي جناح مکيه هئا.

عدم تعاون جي تحريڪ ڪري، سوين ماڻهن لقب ڦٽا ڪيا. تعليمي گرانٽون ڦٽيون ڪيائون. عليڳڙهه يونيورسٽي، جا انگريز پرستيءَ ۽ فرقيوار تعليم جو اڏو هئي، تنهن کي مولانا محمد عليءَ، مهاتما گانڌيءَ جي معيت ۾، ٽوڙي، قوم پرست بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. نتيجتاً جامع مليه دهلي وجود ۾ آئي.

گانڌيجيءَ کي 1922ع ۾ ڇهن سالن لاءِ جيل موڪليو ويو، پر 4 فيبروري 1924ع تي، سندس صحت خراب ٿيڻ ڪري کيس آزاد ڪيو ويو.

1925ع ۾ هن کي آل انڊيا ڪانگريس جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو.

انهيءَ وچ ۾ انگريز سول سروس، هوشياري ڪري، هندو مسلمانن ۾ فرقيوار ڇڪتاڻ وڌائي ڇڏي. هندن سوامي شرڌانند جي هٿ هيٺ "شڌي" تحريڪ شروع ڪئي. مسلمانن، خواجه حسن نظاميءَ ۽ ٻين ذريعي "تبليغ"

جو ڪم تيز ڪيو. جنهنڪري گذريل سالن ۾ پيدا ٿيل هندو مسلم اتحاد ٽٽي پيو.

انگريز حڪومت جي سختيءَ ۽ ماڻهن جي عدم توجهيءَ ڪري آزاديءَ جي هلچل مائي پئجي ويئي. گانڌيجيءَ، هڪ نبض شناس رهبر طور، ساٿين جي مشغوليءَ لاءِ، عارضي طرح سياست کان ڪناره ڪشي ڪري، ڳوٺن جي سڌاري، شراب جي بهشڪار، کاڌي پرچار ۽ مڪاني هنرن کي زور وٺائڻ ۽ اڇوتن جي بهبود جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو.

آهستي آهستي ٿي، وري جڏهين حالتون سازگار ڏٺائين ته هن 6 اپريل 1930ع تي مشهور لوڻ جي قاعدي ٽوڙڻ جي هلچل هلائي، جنهن ۾ هزارها ماڻهو جيلن ۾ ويا. 4 مئي 1930ع تي کيس به جيل موڪليو ويو، جنهن مان 26 جنوري 1931ع تي آزاد ڪيو ويو.

پهرينءَ گول ميز ڪانفرنس هن جي صلاح موجب بائيڪاٽ ڪيو هو. هاڻ ٻئي دفعي لارڊ اِرون، هندستان جي وائسراءِ، هن سان سمجهوتو ڪري، کيس ستيا گره کي بند ڪرڻ لاءِ آماده ڪري، گول ميز ڪانفرنس ۾ ڪانگريس جي واحد نمائينده طور انگلنڊ موڪليو. انهيءَ سمجهوتي کي "گانڌي اِرون پئڪٽ" سڏيو ويو.

گول ميز ڪانفرنس ۾ هن هندو-مسلم سمجهوتي لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي، پر ان ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو. نه کيس هندن مڃيو، نه مسلمانن. نتيجو اهو نڪتو ته انگريز وزير اعظم، رامسي مئڪڊونالڊ، کي فرقيوار مسئلي تي فيصلو ڏيڻو پيو، جو پوءِ "ڪميونل آوارڊ" (فرقيوار فيصلو) جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

انگلنڊ مان واپس اچڻ تي هن حالتون نيڪ نه ڏسي حڪومت طرفان ڪيل سمجهوتي جي شرطن جي سرڪار حڪام هٿان پيچڪڙيءَ جي سمجهاڻي وٺڻ لاءِ وائسراءِ سان ملڻ گهريو. حالتون بدلجي چڪيون هيون. نئين وائسراءِ، لارڊ ولنگڊن، جي پاليسي قومي تحريڪ کي زور سان دٻائڻ جي هئي. ولايت ۾ گول ميز ڪانفرنس ۾ گانڌيجيءَ جي ناڪاميابيءَ، انگريزي حڪومت کي وجهه ڏنو ته هو دعوا ڪن ته گانڌيجيءَ ۽

ڪانگريس، هندو مسلم سوال کي حل ڪرائي نہ سگهڻ ڪري، ٻنهي گروهن جي نمائندگيءَ تان، اخلاقي طور، پنهنجو حق وڃائي ڇڏيو هو. نيٺ هُن کي ۱۹۳۲ع ۾ وري جيل موڪليو ويو.
اُتي هن ۳۰- سيپٽمبر ۱۹۳۲ع تي ”ڪميونل آوارڊ“ ۾ اڇوتن کي جدا چونڊن جي حق ملڻ تي احتجاجي بَرت رکيو. باوجود دٻاءَ جي، هن جي اخلاقي قوت ايڏي اثر واري هئي، جو هندن ۾ اڇوتن جي عيوضين مجبور ٿي، پاڻ ۾ صلح ڪيو. وڏيڪ نشستون وٺڻ سان اڇوتن جدا چونڊن تان دست برداري ڪئي، ۽ اهڙيءَ طرح ”فرقيوار فيصلي“ ۾ تبديلي ڪرائي ويئي. ڪجهہ وقت کان پوءِ هن کي آزاد ڪيو ويو. هن سياسي هلچل لاءِ حالتون سازگار نہ ڏسي، اڇوتن (هريجن) جي ڀلي لاءِ گشت شروع ڪري، ڪٽر هندن کي اڇوتن سان خوشگوار تعلقات پيدا ڪرڻ جي تلقين ڪرڻ شروع ڪئي.
هن ۱۹۳۵ع ۾ ڪن سوالن تان ڪانگريس جي ميمبريءَ تان استعيفا ڏني. ليڪن هن سرزمين هند ۽ خاص ڪري ڪانگريس ۾ اها حيثيت پيدا ڪري ورتي هئي، جو باوجود ڪانگريس جي ابتدائي ميمبر نہ هئڻ جي، ان جو سمورو ڪاروبار هن جي مشوري سان هلندو آيو.
۱۹۳۵ع ۾ ”گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ“ پاس ٿيو. ڪانگريسي ٻن راين ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا اُن ائڪٽ هيٺ ٿيندڙ چونڊن جي فائدي ۾ ۽ ٻيا برخلاف هئا. نيٺ ڪانگريس چونڊن ۾ حصو ورتي، ساري هندستان ۾ پنهنجا عيوضي چونڊايا. ڪاميابيءَ ڪري ڪانگريس ڪارڪنن ۾ گهمنڊ پيدا ٿي ويو. عهدن تان يوپيءَ ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس ۾ اختلاف پيدا ٿيو ۽ فرقيوار ڇڪتاڻ پيدا ٿي. مسلمانن جو مکيہ طبقو، جنهن ۾ ڪامورا، تاجر، زميندار شامل هئا، جناح صاحب جي اڳواڻيءَ هيٺ پاڻ کي منظم ڪرڻ لڳو. سيپٽمبر ۱۹۳۹ع ۾ يورپ ۾ ٻي مهاڀاري جنگ شروع ٿي. انگريزن هندوستانين کي، ساڻن ڪنهن بہ مشوري ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪرڻ کان سواءِ، کُلي جنگ ۾ شامل ڪيو. ان کان پوءِ هُن ڪين، مناڃري طور، رضامند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪانگريس چيو تہ انگريزن جي پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ وقت ڪيل وعدن جي وفائيءَ نہ ڪرڻ سبب، هنن کي اعتبار نہ هو تہ هاڻ هو واعدا پاڙيندا؛ ان ڪري

پهرين جنگ جا مقصد بيان ڪن ۽ هندوستانين کي يڪدم آزاد ڪن، تہ پوءِ هو جنگ ۾ ڪين مدد ڪندا. گهڻيءَ گفتگوءَ بعد بہ، ڪانگريس ۽ سرڪار جو ٺاهہ ٿي نہ سگهيو. ٻئي پاسي هندو مسلم ٺاهہ بہ نہ ٿيو. اختلاف روز بروز وڌندا ويا. مسلمانن، جناح صاحب جي اڳواڻيءَ هيٺ، حالتن جو فائدو ورتو، ڪانگريس ۽ سرڪار کان پنهنجون گهرون مڃائڻ گهريون. برٽش سرڪار ڪانگريس جي فوري آزاديءَ واري گهر قبول نہ ڪئي. ان تي ڪانگريس ستيا گرهہ ڪرڻ جو فيصلو ڪري، ان جي هلائڻ جي سموري واڳ مهاتما گانڌيءَ جي حوالي ڪئي. هن اول ۾ ڪانگريسين کي وزارتن تان استعيفا ڏياري. پوءِ هُن ڪانگريس عهديدارن کان سول نافرماني ڪرائي، ڪين جيل ۾ موڪليو. آخر ٨- آگسٽ ١٩٤٠ع تي ڪانگريس ڪان "ڪئٽ انڊيا" ("هندستان خالي ڪريو") جو ٺهراءُ پاس ڪرائي، عام سول نافرماني شروع ڪرائي، جنهن تي برٽش سرڪار سختيءَ جو رويو اختيار ڪري، ڪانگريس کي غيرقانوني جماعت قرار ڏيئي، لکن ماڻهن کي جيل ۾ موڪليو. جنگ جي پڇاڙيءَ تائين اُهي جيلن ۾ هئا.

جنگ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ انهن کي آزاد ڪري، وائسراءِ "لارڊ ويول" سِملي ۾ ڪانفرنس گهرائي، هندو مسلم سمجهوتي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر صلح ٿي نہ سگهيو.

آخر ۾ برٽش ڪئبينيٽ جي مِشَن آئي، جنهن هندوستانين جي سامهون ڪي ٺهراءُ پيش ڪيا، جي پڻ ٻنهي ڌرين کي قبول نہ پيا.

ان ڪان پوءِ لارڊ مائونٽ بيٽن وائسراءِ ٿي آيو، جنهن هندوستان کي ورهائي پاڪستان ۽ هندوستان جي صورت ۾ آزاد ڪيو.

هندوستان ۾، آزاديءَ بعد، حڪومت ڪانگريس جي مکيہ ڪارڪنن جي حوالي ڪري، گانڌيجي سماجي خدمت ۾ مشغول ٿيو.

گانڌيجي ملڪ جي ورهاست جي خلاف هو، پر ان کي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ طرفان قبول ڪرڻ سبب هي خاموش رهيو. ان ڪان پوءِ ملڪ جي ٻنهي ڀاڱن ۾ هندو مسلم خونريزي ٿي. هي هندو مسلم سمجهوتي لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. ان تي هندن جي ڪٽر فرقہ پرست جماعت جي هڪ فرد،

گاڊسي، کيس ۳۰- جنوري ۱۹۴۸ع تي صبح جو عبادت وقت پستول هڻي شهيد ڪيو. اهڙيءَ طرح سان هن ۳۰- صديءَ جي ناماري بزرگ جي حياتي ختم ٿي.

گانڌيجيءَ جي شخصي زندگيءَ جي هن مختصر ذڪر ڪرڻ بعد، سندس مذهبي، سماجي ۽ سياسي ڪردار تي تبصرو ڪندس.

## سندس مذهبي ڪردار

آءٌ هن جي شخصي زندگيءَ جي احوال ۾ لکي آيو آهيان تہ انگلنڊ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ وقت هن مئڊم بلٽوٽسڪي ۽ مسز اينِي بيسنٽ جي اثر ڪري، عيسائيت ۽ هندو ڌرم جي ڪتابن جو مطالعو ڪيو هو. ان ڪان پوءِ جڏهن ڏکڻ آفريڪا ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين، تہ مسلم اصيلن جي صحبت ۾ اسلام تي بہ ڪتاب پڙهيائين. جنهن مان، مذهبي تعليم جي تقابلي بعد، هن کي جملي مذهبن جي ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت جو راز معلوم ٿي ويو ۽ مذهبي رواداري سندس مکيہ متو ٿي ويئي.

هن جو مذهبن بابت طرز عمل مسز بيسنٽ ۽ ٻين ٿياسافسٽن کان علحده هو جي، باوجود مذهبن کي ميڃڻ جي بہ، لاڪوفي (non-alligned) شمار ٿي سگهندا. هُن جي نقطي نگاهہ موجب مذهب ماڻهن جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ايجاد ڪيا ويا هئا، تنهن ڪري جملي مذهبن مان "خذ ما صفا، دع ماڪدر" يعني "منجهانئن سني ۽ مفيد ڳالهہ چونڊي، خراب ۽ غير مفيد کي ڇڏي ڏيو" جي متي تي هلي مذهبن جو محتاج نہ بنجڻو هو. هو دين منظم (Organised Religion) جي دائري ۾ قائل نہ هئا. گانڌيجي، باوجود غير متعصب هئڻ ۽ جملي مذهبن پويان بنيادي وحدت ۾ اعتقاد رکڻ جي بہ، هندو مذهب جو فرد رهندو آيو.اهو چوڻ مشڪل آهي تہ آيا سندس وسعت پاتل خيال مذهبي شريعتن جي قيدن کان آزاد ٿي، لاڪوفي درجي تي نہ پهتو هو، يا هُن سياسي تقاضائن جي خيال کان هندوستان جي ڪثرت تعداد هندن جي مذهبي جذبات جي لحاظ ڪري، اهو لاڪوفيءَ وارو مسلڪ خلاف مصلحت سمجهيو هو.

اِها تہ حقيقت آهي تہ هو هندوستانين کي، بنا تفريق مذهب، زبان، نسل ۽ رنگ جي، هڪ قوم بنائڻ جو حامي ۽ مشتاق هو. ان ڪري هو هندو مسلم اتحاد جو خواهشمند هو. انهيءَ ڪوشش ۾، باوجود وقت بوقت ناڪامياب ٿيڻ جي، هن ڪڏهن بہ آسرو نہ لاٿو ۽ انهيءَ راهہ ۾ نيٺ شهادت پاتائين.
اُن ڪري ئي، مسلمانن کي رضامند ڪرڻ لاءِ، هن خلافت هلچل ۾ دلچسپي ورتي هئي، جيتوڻيڪ، جيئن مسز اينِي بيسنٽ جو خيال هو، ان تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سندس هڪ بنيادي غلطي هئي، جا هن کان سرزد ٿي. ان ۾ حصو نہ وٺڻ گهربو هوس، خواهہ ان لاءِ هن جي نيت ۽ ارادو ڪهڙو بہ هو. ڪيس معلوم هئڻ گهربو هو تہ غلط طريقن سان صحيح مقصد حاصل ٿي سگهڻ وارو نہ هو. پاڻ مسز اينِي بيسنٽ ان تحريڪ ۾ شامل نہ ٿي هئي. هن جي دوربين اکين ڏسي ورتو هو تہ خلافت تحريڪ ۾ مسلمانن جي جداگانہ مذهبي نظام ۽ ان جي برتريءَ ۾ غلبي جي جذباتي خواهش ۽عقيدي جا جزا موجود هئا. اِها تحريڪ اهڙي هئي، جهڙي روم جي پوپ جي هٺ هيٺ عيسائي مذهب جي سياسي ۽مذهبي نظام جي تحريڪ، يوروپي ملڪن، تاريخي تجربي بعد، ان کي نقصانڪار سمجهي، ڦٽو ڪري ڇڏيو هو. ۽ ان ڪري، بنا تميز مذهبي عقيدي جي، هُن هر ملڪ جي رهاڪن کي زبان، تاريخي روايات، ڪردار ۽ باهمي سياسي ۽ مالي مفاد جي بنياد تي قوم تسليم ڪرڻ جو نظريو قبوليو هو. هن کي عقل سليم جي ذريعي معلوم ٿي ويو هو تہ عالمگير مذهبن جي پوئلڳن جي جدا قومن ۾ ورهاست غلط ۽ بي معنيٰ هئي، نہ سيئي عيسائي عقيدي ۽ عمل موجب عيسائي هئا، نہ سيئي مسلمان عقيدي ۽ عمل موجب مسلمان هئا. تنهنڪري مذهبي گروهن کي جداگانہ قوم تسليم ڪرڻ تاريخي تجربي ۽ فطري قانون جي خلاف هو.
مسز بيسنٽ ۽ ان جي همر خيال ماڻهن کي خبر هئي تہ هندن ۾ پراچين سيتا ۽ ويدڪ ڌرم جي زنده ڪرڻ جي تحريڪ آريا سماجن طرفان اڳيئي شروع ٿي چڪي هئي. مسلمانن ۾، قرون اوليٰ طرف موٽي، ”احياء اسلام“ جي تحريڪ حضرات ديوبند طرفان اڳيئي وجود ۾ آيل هئي، جنهن کي سر سيد احمد خان انگريزن جي وساطت سان جديد نموني تي هلائڻ جي ڪوشش

ڪئي هئي. تنهن ڪري خلافت تحريڪ جي مدد ڪرڻ کي هُن اتحاد هند ۽ جديد قومي نظريي جي بنيادي اصولن جي خلاف ٿي سمجهيو. ڪين خدشو محسوس ٿي ٿيو تہ ان ڪري، اڳتي هلي، ڪٽر ۽ فرقہ پرست تحريڪن کي هٿي ملڻ واري هئي.

مهاتما گانڌي سچ جو ڳولائو هو ۽ ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ تجربا ڪري رهيو هو. ليڪن علاوه ان جي هو پوليٽيڪل ليڊر ۽ سياسي مدبر بہ هو. سياسي ليڊر ۽ ڪارڪن کي، ڪڏهن بنيادي اصولن کان هيٺ لهي، مصلحتي قدم کڻڻا پون ٿا. هن مسلمانن جي تاليف قلوب لاءِ هيءَ اجتهادي غلطي ڪئي. اها ڳالهہ ٺيڪ نہ هئي. هن کي معلوم هئڻ گهربو هو تہ غلط طريقن سان صحيح نتيجا نڪري نہ سگهندا. منهنجي نظر ۾ اهو ئي سبب هو، جو هو، باوجود تقويٰ، قربانيءَ، ڪئريڪٽر، همت ۽ چڱن ارادن جي، نہ هندوستانين کي متحده قوم بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهيو ۽ نہ ملڪ کي ورهاڱي کان بچائي سگهيو. جيڪڏهن منظر ڏينهن جي ڪارگزارين جو تاريخي اڀياس ڪيل هجيس ها، تہ کيس پتو پئجي وڃي ها تہ موجوده زماني جي حقيقتن ۽ حالتن مطابق، دين منظر، اتحاد انسانيءَ لاءِ، بيڪار ثابت ٿيا هيا. ان ڪري انهن جي موجوده نظامن کي ٽوڙي، وقت جي تقاضا موجب، نوان قومي نظام قائم ڪرڻا هئا.

اها ڳالهہ بہ غلط ٿيندي، جيڪڏهن چئجي تہ مذهبي گفتگو يا طريقي ڪار کيس پنهنجي سياسي جدوجهد ۾ ڪوبہ فائدو نہ پهچايو. سندس، آشرم قائم ڪري، رياضت بعد، ڪارڪن جو پيدا ڪرڻ، روزا رکڻ، پرارٿنائون ڪرڻ، رام راڄ قائم ڪرڻ جا ماڻهن کي دلاسا ڏيڻ، گؤرکشا جي نالي ۾ ماڻهن کي اپيل ڪرڻ، سادگي اختيار ڪري ساڌو بڻجڻ وغيره. اهڙيون ڳالهيون هيون،جن هندو عوام کي هن جي پوئلڳيءَ لاءِ آماده ڪيو. جيڪڏهن اهي طريقا استعمال نہ ڪري ها تہ ممڪن آهي تہ ڪروڙين ماڻهو، جي هن جا پوئلڳ بنيا، سي ائين نہ ٿي سگهن ها. نبض شناس ليڊر طور هن کي پتو هو تہ مذهب جو ماڻهن جي زندگيءَ تي گهڻو اثر هو، تنهن ڪري انهن کي عقلي بنيادن تي پاڻ ڏي ڇڪڻ جي عيوض مذهب جي روايتي ۽ جذباتي بنيادن تي ڪين سڏ ڪرڻ ۽ ڪنهن راهہ عمل تي هلڻ لاءِ راغب ڪرڻ وڌيڪ ڪارگر

پروگرام جو مکيہ جزو مقرر ڪيو. ڪانگريس جي هر ڪارڪن لاءِ چرخو ڪتڻ ۽ کاڏي پائڻ لازمي ٺهرايائين. اهڙيءَ طرح ٻين هنرن کي زور وٺائڻ لاءِ بہ هڪ ائسوسئيشن ٺاهي، اهو ڪم بهترين ڪارڪن جي سپرد ڪيائين.

## نشي وارين شين تي بندش:

هُن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڏٺو هو تہ عام ماڻهو روزبروز نشي جا عادي ٿيندا ٿي ويا، جنهن مان سندن اخلاق بگڙيءَ تباهہ ٿي رهيا هئا. چوري، جوا ۽ جهڳڙا وڌي رهيا هئا. گهرن جوآرام ختم ٿيندو ٿي ويو. ان ڪري هن نشي وارين شين کان پرهيز ڪرائڻ جو سوال پنهنجي پروگرام ۾ داخل ڪري، شراب جي بهشڪار جو پرچار ۽ شراب جي دڪانن ۽ گتن تي "پيڪيٽنگ" ڪرائڻ شروع ڪئي.

## اڇوتن جي فلاح ۽ بهبودي:

هن ڏٺو هو تہ جات پات جي رواج سبب هندوستان جي رهاڪن جو وڏو تعداد گهٽ ذات ڪري شمار ڪيو ٿي ويو. انهن جي مالي، سماجي ۽ اخلاقي حالت تمام پوئتي پيل هئي. جيستائين انهن جي حالت سڌاري درست نہ ڪئي ويئي هئي، سوراج جو حصول بيڪار هو. اهو سوراج عام لاءِ نہ هوندو، بلڪ چند مٿين ڪلاسن جي ماڻهن لاءِ هوندو.
هن کي هي ڏسي نهايت ارمان ٿيو تہ اها سموري ڪارروائي، چند اوچي ڪلاس جي ماڻهن پنهنجن ذاتي ۽ طبقاتي مفادن لاءِ مذهب جي نالي ۾ ڪرڻ گهري ٿي. عوام تي مذهب جي گهڻي اثر هئڻ ڪري، هرڪوبنو پئي تہ مٿان ڌرم جي نالي ۾ مخالفت ٿي پوي. پر هن دل جهلي، اڇوتن کي "هريجن" لقبُ ڏيئي، انهن جي حالت سڌارڻ، انهن سان گڏ کائڻ پيئڻ ۽ مذهبي جاين تي کين عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ هلچل هلائي. ابتدا ۾ مخالفت ٿي، پر آهستي آهستي ٿي هي قوت ارادي ۽ پنهنجي عام مقبوليت وسيلي گهڻي قدر ڪامياب ٿي ويو.

## هندو مسلم اتحاد لاءِ ڪوشش:

هن ڏٺو هو تہ هندوستان ۾ ٻن مکيہ عالمگير مذهبن جا پوئلڳ رهيا

تي، جي ٻيٺي طاقتور هئا. انهن جا مذهبي نظام ۽ سماجي دستور جداگانہ هئا. انهن جي پوئلڳن کي هڪٻين جي ويجهو آڻڻ لاءِ ڪيترن سنتن، صوفين ۽ حاڪمن طرفان وقت بوقت ڪوششون ڪيون ٿينديون آيون، پر ٻنهي گروهن جي مٿانهين درجي جي طبقاتي مفاد جي ٽڪر ۽ آخر ۾ انگريزن جي ويڙهائي راڄ ڪرڻ جي پاليسيءَ منجهن گهٽو ويڇو وجهي ڇڏيو هو. هن پنهنجي آشرم ۾ ٻنهي مذهبن جي مخلص ڪارڪنن کي تربيت ڏيئي، ڳوٺن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو. ازانسواءِ ڪانگريس جي ڪيترن مخلص ڪارڪنن ۽ جمعيت العلماء هند جي عالمن بہ ان ڏس ۾ ڪيس گهڻي مدد ڪئي. پر انگريزي حڪومت جي پاليسيءَ، عليڳڙهہ خيال جي ڪارڪنن جي فرقہ پرستيءَ، مسلمانن جي مٿانهين طبقي جي خود مطلبيءَ، فرقہ پرست هندو ڪارڪنن جي تنگ دليءَ ۽ ٻنهي گروهن جي ڪٽ چڙهيل شريعتي نظامن ڪيس انهيءَ مهم ۾ ڪامياب ڪرڻ نہ ڏنو.

## سندس سياسي ڪردار.

ويهين صديءَ جي اول ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ نهايت ناميارا سياسي ڪارڪن ٿي گذريا آهن. هندستاني سياست ۾ مهاتما گانڌيءَ جو درجو بين الاقوامي شهرت جو هو. هن جي مکيہ سياسي ڪارنامن مان هيٺيان خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن.

عوام ۾ هن اهڙي سياسي بيداري پيدا ڪئي، جو ڪانگريس ۽ هن جو نالو زبان زد عام ٿي ويو. ڪروڙين ماڻهو سندس حڪم تي سرڪار سان عدم تعاون ڪرڻ، قانون ٽوڙڻ، جيلن ۾ وڃڻ، لٺين جهلڻ، صبر سان هر مصيبت کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويا. هن کان اڳ ڪانگريس صرف نهراءِ پاس ڪندي هئي، زوردار تقريرون ٿينديون هيون، پر عملي طرح سرڪار تي دٻاءُ آڻڻ جو ڪوبہ ڪم ڪونہ ٿيندو هو. هن هڪ طرف دهشتناڪ طريقن استعمال ڪرڻ کان ڪارڪنن کي روڪيو، تہ ٻئي طرف ئلهن ٺهرائن پاس ڪرڻ جي عيوض، اهنسا جي بنياد تي امن پسند انقلابي رستن ذريعي آزاديءَ وٺڻ لاءِ ماڻهن کي تيار ڪيو.

هي نہ صرف جنگ آزاديءَ جو سپہ سالار هو، پر سياسي مفڪر، مدبر ۽ حڪيم القوم هو. عوام جي نبض تي سندس هٿ هوندو هو. جڏهن ماڻهن کي حڪومت سان لڙڻ لاءِ تيار ڏسندو هو، تہ يڪدم هنن کي اڳتي وڌڻ جو



پنڊت جواهر لعل نهرو

(۱۴- نومبر، ۱۸۸۹ع — ۲۷- مئي، ۱۹۶۴ع)

# ٣- پنڊت جواهر لعل موتيلعل نهرو

هي هندستان جي قوم پرست ليڊرن مان غير متعصب، آزاد خيال، محب وطن، قربانيءَ جو پتلو، مهذب، اعليٰ درجي جي مفڪر ۽ لائق شخص هو.

## شخصي زندگي:

هي ڪشميري پنڊتن جي ”ڪول“ قبيلي مان هو. هن جو پڙڏاڏو، راج ڪول، ١٧١٦ع ڌاري ڪشمير مان لڏي هندوستان جي مغل شهنشاهه، فرخ سير، جي دور ۾ اچي دهليءَ ۾ ويٺو، جتي حڪومت طرفان ڪيس نهر جي ڪناري زمين جاگير طور ڏني ويئي، جتي هي جايون ٺهرائي، زمين آباد ڪرائي، ويٺو، جنهن ڪري هو ”نهرو“ جي ثالي سان مشهور ٿي ويو. سندس ڏاڏو، پنڊت گنگاڌر، دهليءَ جو ڪوتوال هو.

١٨٥٧ع جي جنگ آزاديءَ وقت دهليءَ ۾ بدامني پيدا ٿيڻ سبب، سندن ڪٽنب اتان لڏي اچي آگري ۾ ويٺو، جتي هِن جو والد پنڊت موتيلعل ٦- مئي ١٨٦١ع تي ڄائو. اُن جو وڏو ڀاءُ، پنڊت نند لعل، وڪالت جي ڌنڌي سبب، لڏي اچي هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪرڻ لاءِ الهه آباد ۾ ويٺو. اُهو ڪجهه وقت تائين کيتري راج پوتانا جي رياست جو وزير اعظم بہ رهي چڪو هو. پنڊت موتيلعل بہ پڙهي، وڪالت ڪرڻ لڳو، ۽ پنهنجي ڌنڌي ۾ غير معمولي قابليت ڏيکارڻ سبب نهايت مشهور ٿي ويو ۽ ان مان هن گهڻو پيسو ڪمايو.

پنڊت موتيلعل ٿياسافيڪل سوسائٽي جو ميمبر هو ۽ ڊاڪٽر ايني بيسنٽ سان گهڻي واقفيت هيس. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ جڏهن هندوستان ۾ آزاديءَ جي هلچل شروع ٿي ۽ گانڌيجي بہ ميدان ۾ آيو، تہ هي بہ چڪجي سياست ۾ حصووٺڻ لڳو. پهريون دفعو هي آل انڊيا ڪانگريس جي امرتسر واري اجلاس جو صدر چونڊيو. ان کان پوءِ هي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جو ليڊر ٿي رهيو. وري ١٩١٨ع ۾ ڪانگريس جي ڪلڪتي جي اجلاس جو پريزيڊنٽ ٿي ڪم ڪيائين. هي ڪيترا ڀيرا جيل ۾

بيسنت لاءِ جواهر لعل جو چوڻ هو تہ "مسز بيسنت (٢) جو ٻاراپڻ کان وٺي مون تي گهڻو اثر رهيو هو ۽ جڏهن وڏو ٿي سياست ۾ داخل ٿيس، تہ بہ اهو اثر مون تي هلندو آيو.

گانڌيجيءَ پهرين ١٩١٧ع ۾ هندستان جي اتر بهار جي ڳوٺ چمپارن ۾ نير جي آبادگارن لاءِ ستيا گرهہ شروع ڪئي. جولاءِ ١٩١٨ع ۾ گانڌيجيءَ کڏا گجرات ۾ آبادگارن جي حقن لاءِ هلچل هلائي، جنهن ۾ بہ کيس ڪافي ڪاميابي حاصل ٿي. انهن ڳالهين جواهر لعل تي ڪافي اثر ڪيو. جون ١٩١٧ع ۾ مسز بيسنت کي نظربند ڪيو ويو، جنهنتي خود مسٽر موتيلعل بہ هوم رول ليگ ۾ شامل ٿيو.

آڪٽوبر ١٩١٨ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي ۽ مسلم ليگ ڪائونسل جي گڏيل ميٽنگ الهہ آباد ۾ ٿي. سال جي آخر ۾ ٻنهي جماعتن طرفان هڪ وفد وائسراءِ هند، لارڊ چيمسفورڊ، ۽ مسٽر مانٽيگو، سيڪريٽري آف اسٽيٽ، سان مليو.

جنهن کان پوءِ، جولاءِ ١٩١٨ع تي، برٽش سرڪار جي سياسي سڌارن لاءِ تجويز پڌري ٿي، جا ٻنهي جماعتن کي ناپسند ٿي، ۽ انهن اُن کي رد ڪيو. ان کان اڳ ١٩١٧ع ۾ هند سرڪار هندوستانين ۾ بيچيني محسوس ڪري، ان کي بند ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي، جسٽس رولٽ جي هٿ هيٺ، مقرر ڪئي، جنهن ان ڏس ۾ جيڪي تجويزون ڏنيون، تن مان ٻن تي خاص طرح گهڻو چوٻول پيدا ٿيو. اُهي بہ تجويزون هي هيون:

(١) سرڪاري ڪيسن ۾ جورين کي نہ ويهاريو وڃي، ۽ (٢) صوبائي سرڪارين کي اختيار ڏنو وڃي تہ اُهي جڏهن چاهين، تڏهن سياسي ماڻهن کي نظربند ڪري سگهن. رولٽ ڪاميٽيءَ جي انهن تجويزن کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ سرڪا جڏهن "بل" ٺاهيا، تڏهن گانڌيجيءَ انهن جي خلاف ستياگرهہ ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني، ۽ ٦- اپريل ستياگرهي هڙتال لاءِ مقرر ڪيائين. ان جي ڪاميابيءَ لاءِ جواهر لعل گهڻي ڊڪ ڊوڙ ڪئي. ان کان پوءِ، امرتسر ۾ جليانوالا باغ ۾ قتل عام ٿيو، جنهن کان فوراً پوءِ، ١٩١٩ع ۾،

---

(١) ۽ (٢) جواهر لعل جي حياتي، فرئنڪ موريس ص- ٥٠ ۽ ٥١

پٽس موتيلعل جي صدارت هيٺ امرتسر ڪانگريس جو اجلاس ٿيو. ان موقعي تي پڻ جواهر لعل ڪافي سرگرمي ڏيکاري. ائين، هو روز بروز سياست ۾ گهٽي ۽ گهري دلچسپي وٺڻ لڳو. ان وقت تائين گانڌيجي ساريءَ هندوستاني سياست تي حاوي ٿي ويو هو. مسلمانن مان مولانا شوڪت علي ۽ محمد علي پائر ساڻس شرڪت ڪري، ان ڪم ۾ چڱو ڀهرو وٺي رهيا هئا.

۱۹۲۳ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو اجلاس مولانا محمد عليءَ جي صدارت ۾ ڪٺو ٿيو. اُن ۾ جواهر لعل کي جنرل سيڪريٽري ڪري چونڊيو ويو. ٻئي سال، ۱۹۲۴ع جو اجلاس مهاتما گانڌيءَ جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. ان ۾ بہ هو سيڪريٽري چونڊيو. ان کان پوءِ وري ۲۷-۱۹۲۸ع ۾ هو ڪانگريس جي جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي رهيو.

هو پهريون ڀيرو آل انڊيا ڪانگريس جو صدر ۱۹۲۹ع واري لاهور جي اجلاس ۾ چونڊيو. ان کان پوءِ، هو فيض پور ڪانگريس جو صدر ۱۹۳۶ع ۾ چونڊيو، ۽ ۱۹۳۷ع تائين هلندو رهيو. هي ڪانگريس هلچل ۾ جملي ۹ دفعا جيل ويو. جن مان پهرين ۱۹۲۱ع ۾ پوءِ ۳۰، ۳۵، ۴۰، ۽ ۱۹۴۲ع ۾ جيل ويو.

هي انگريزي زبان جي بهترين لکندڙن مان هو. ڪيترا ڪتاب لکيا اٿس، جهڙوڪ پيءُ جا ڌيءَ ڏي خط، ("گلمپسز آف ورلڊ هسٽري")، پنهنجي سوانح حيات ("آٽو بايو گرافي" يا "ٽو ورڊس فريڊم")، "ڊسڪوري آف انڊيا" ۽ ٻيا بہ ڪيترائي مضمون ۽ ننڍا ننڍا ڪتاب لکيائين.

هي ۲- سيپٽمبر ۱۹۴۶ع کان وائسراءِ هند جي مرڪزي ڪئبينٽ ۾ مکيہ وزير ٿيو. ان کان پوءِ، آگسٽ ۱۹۴۷ع ۾، هندوستان جي ورهاڱي بعد، ڀارت جو وزير اعظم مقرر ٿيو، جنهن عهدي تي هي ۲۷- مئي ۱۹۶۴ع تائين رهيو، جنهن تاريخ تي دل جي ٽٽڻ ڪري وفات ڪيائين.

## سندس سياسي نظريو.

هن جا سياسي نظريا، ڪم و بيش ڊاڪٽر اينني بيسنٽ جي خيالن مطابق، هيٺين طرح جا هئا:

(١) هندستان جا رهاڪو هڪ متحده قوم هئا.
(٢) هندوستان کي ٻاهرين سامراج کان آزاد ڪرائي، منجهس جمهوري قومي سوشلسٽ آزاد حڪومت قائم ڪجي.
(٣) انهيءَ حڪومت کي ايشيا ۽ آفريڪا جي پوئتي پيل ۽ غلام ملڪن جي آزاديءَ، اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جو ذريعو بڻائجي، ۽ امن عالم جي حاصلات لاءِ ڪم آڻجي.
(٤) ڪميونزم ۽ ڪئپيٽلزم جي بلاڪن کان آزاد رهي، ملڪ کي سياسي لاڪوفي (نان الائينڊ) بنيادن تي آزاد ۽ غير جانبدار رکي، هر سسٽم جا مفيد ۽ سٺا اصول قبول ڪجن ۽ نقصانڪار ۽ برا طريقي ڪار ڦٽا ڪجن.

## (١) متحده قوم:

مسز بيسنٽ ۽ گانڌيجيءَ هندستان جي رهاڪن جي ڪثرت مذاهب جي پويان بنيادي وحدت کي محسوس ڪري، اڳين صوفين ۽ درويشن جي ٻڌايل بنيادن تي متحده قوم بڻائڻ تي گهريو. هي آئيڊيلسٽ سان گڏ حقيقت پسند بہ هئا. هنن کي پتو هو تہ، بنيادي وحدت جي باوجود، موجوده حقيقتن ڪري، ملڪ ۾ مختلف مذهبي، صوبائي، لساني، نسلي ۽ جاتيوار گروهہ بنديون هيون، جن کي مصلحت، رضامندي ۽ تاليف قلوب جي ذريعي اچا حل ڪرڻو هو.

جواهر لعل بہ هندوستان جي متحده قوم جو حامي هو پر هن جو طريقہ ڪار هنن پنهي بزرگن جي نموني کان علحده هو. هُن جو اُن مسئلي ڏانهن رويو غير مذهبي (Secular) قسم جو هو. مذهب جي جذباتي اثر کان هو آزاد ٿي چڪو هو. مغرب جي تاريخي تجربي مطابق، هو ان نتيجي تي پهتو هو تہ مذهب جي سياست ۾ دست اندازي نہ هئڻ گهرجي. مذهب ماڻهوءَ جو شخصي عقيدو هو. اُن جو ملڪي معاملات ۾ دخل نقصانڪار ٿي تي سگهيو ٿي. خاص طرح ان ملڪ ۾ جتي هڪ کان وڌيڪ مذهب موجود هجن.
هن جي خيال ۾ مذهبن جا مکيہ متا بہ هئا: (١) اسرار ڪائنات، پيدائش عالم ۽ حيات بعدالممات بابت کوجنا ڪري، علم حاصل ڪرڻ ۽ (٢) ماڻهن جي

باهمي مسائل جي فيصلن لاءِ اخلاقي بنيادن تي قانون يا شريعتون ٺاهي، جماعتي نظام قائم ڪرڻ. انهن سوالن بنسبت هن عقلي بنيادن تي ڪي نتيجا ڪڍيا تي- مافوق الطبيعاتي علم ۽ اختيار ۾ هن جو اعتقاد ڪونہ هو.
پهرئين سوال بابت هي ان راءِ جو هو تہ اهي ڳالهيون ماڻهوءَ جي شخصي ۽ ذهني معلومات سان تعلق رکندڙ هيون، ۽ انهن مسئلن تي بہ مختلف مذهبن ۽ فلسفن جا جدا جدا نظريا ۽ عقيدا هئا. اڳين پيغمبرن ۽ فيلسوفن جي پراڻن تجربن ۽ اعتقادن کي آخري ۽ مڪمل سمجهڻ ٺيڪ نہ هو. هر زماني ۾، سائنس ۽ جديد علمي معلومات جي بنيادن تي، وقت بوقت نئين معلومات ميسر ٿيڻ جا امڪان موجود هئا؛ تنهن ڪري اهو ضروري نہ هو تہ خواه مخواه هزار ورهيہ اڳ جي ڪيل کوجنائن کي حرف آخر سمجهي، انڌا ڌنڌ انهن مان ڪن خيالن جي پوئلڳي ڪجي. ان ۾ هر ماڻهوءَ کي سندس کوجنا، تجربي ۽ علمي مشاهدي مطابق پنهنجي آزاد راءِ قائم ڪرڻ جو حق هو. هو مذهبي مهندارن جي معصوميت يا مڪمل هئڻ جو قائل نہ هو تنهن ڪري هو ڪابہ اهڙي ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ هو، جا ڪنهن ڪتاب، پيغمبر، رشيءَ يا گروءَ جي اختياريءَ تي ماڻهن مٿان مڙهي وڃي.
ٻيو سوال تہ ماڻهن جي باهمي مسائل جي فيصلن لاءِ، اخلاقي بنيادن تي، مذهبي شريعتون يا قانون ٺاهي، انهن جي پوئلڳي ڪجي- ان بابت بہ سندس راءِ مختلف هئي. جي، قاعدا ۽ قانون هر هڪ ملڪ، قوم، نسل ۽ ماحول ۾ معاشري جي ضرورتن پٽاندر، وقت بوقت باهمي مشوري سان، ٺاهيا هئا. اڳي ملڪ ننڍا هئا، جن ۾ ساڳئي نسل، روايات ۽ اعتقادن جا ماڻهو رهندڙ هئا. هن وقت جي وسيع حڪومتن اندر مختلف نسلن، مختلف روايتن، زبانن، طبقاتي مفاد ۽ مذهبي اعتقادن جا ماڻهو رهندڙ هئا؛ انهن لاءِ ڪنهن هڪ مذهب جو قانون يا شريعت ڪم ڏيئي نٿي سگهي. سڀني شريعتن جو باهمي سمجهوتي سان گڏجي ڪم ڪرڻ يا ڪنهن متحده فيصلي تي اچڻ ناممڪن هو. ازانسواءِ هي شريعتي قانون هزارها ورهيہ اڳ جي معاشرن جي ضرورتن ۽ گهرجن پٽاندر ٺاهيا ويا هئا، سي موجوده انڊسٽريل (هنري) ۽ سائنٽيفڪ (علمي) دور لاءِ ڪارآمد ۽ موزون ثابت ٿي نٿي سگهيا. دراصل، مذهب، موجوده

حالتن ۾، رجعت پسنديءَ جو اڏو بنجي چڪا هئا. دنيا جا موجوده عالمگير مذهب- عيسائيت، ٻڌ ڌرم، هندو ڌرم ۽ اسلام- پنهنجون پنهنجون جدا منظم جماعتون قائم ڪري، سماجي دستور ۽ شريعتي نظام قائم ڪري چڪا هئا، جي هاڻ مخصوص مفاد (Vested Interests) قائم ڪري ويا هئا. اهي هڪ قسم جا ذهني سامراج هئا. تن سڀني مذهبن جي پوئلڳن کي سندن سامراجي مفاد خلاف هڪ جهڙي تي انساني مفاد لاءِ ڪٺو ڪرڻ ناممڪن هو. هُن کي تاريخ جي وسيع مطالعي مان معلوم ٿي ويو هو ته مذهب، جي ابتدا ۾ ماڻهن ۾ اتحاد ۽ امن پيدا ڪرڻ لاءِ ٺاهيا ويا هئا، سي زماني گذرڻ بعد، باهمي نفاق ۽ بدامنيءَ جو باعث بنجي پيا هئا؛ تنهن ڪري وقت جي تقاضا اِها هئي ته، جمهوري سرشتي حڪومت موجب، ملڪ ۽ عام ماڻهن جي مفاد کي مدنظر رکي، جملي رهاڪن جي مفاد عام، امن ۽ ترقيءَ لاءِ، علم ماڻهن جي چونڊيل نمائندن ذريعي، وقتي ضرورتن ۽ گهرجن پٽاندر، قانون ٺاهيا وڃن، جيئن مغربي ملڪن ۾ ٿي رهيو هو.

هُن جا اِهي خيال هندوستان جهڙي پوئتي پيل ملڪ ۾، مذهبي تعصبن ۾ ڦاٿل ماڻهن، جاتين ۽ طبقاتي مفادن جي اشڪنجن ۾ ورتل عوام توڙي خواص جي سمجهه توڙي پسند کان پري هئا. پر هيءَ، مغربي ملڪن جي مشاهدي ۽ ذاتي طور پنهنجي ذهني دنيا ۾ رهڻ ڪري، ائين سمجهي ويٺو هو ته مذهبي تعصب ۽ فرقيوار ذهنيتون هتان به پنهنجو اثر وڃائي ويٺيون هيون. تنهن ڪري جڏهن هن هندستاني قوم جو ذڪر ٿي ڪيو، ته سمجهيائين ٿي ته واقعي هو هڪ قوم بنجي چڪا هئا. تنهن ڪري ايمانداريءَ سان ڀارت جي رهواسين کي هڪ قوم ميڄڻ ۽ مڃائڻ، ان ۾ جمهوري سرشتو حڪومت جو هلائڻ، ملڪ کي آزاد ڪرائڻ ۽ مذهب کي سياست کان علحده رکي سيڪيولر حڪومت کي پختي پايي تي آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪندو آيو.

## (٢) هندستان ۾ جمهوري سوشلسٽ ريپبلڪ بنائڻ:

هندستان ۾ جمهوري ۽ سوشلسٽ قسم جي آزاد حڪومت بنائڻ جو خيال نئين ڪان ٿياسافسٽن سان لاڳاپي ۾ اچڻ ڪري پيل هوس. اهڙا خيال

ڪي ڦريو بيٺو آهي، جا ڪميونسٽس لاءِ غصو ڏياريندڙ ڳالهه آهي مون ڪي عقيده پرستيءَ کان نفرت آهي. ڪارل مارڪس جي ڪتابن کي الهامي ڪتابن وانگر تصور ڪرڻ، جن کي چئلينج ڪري نه سگهجي، موجوده ڪميونزم جو مکيه عقيدو ٿي ويو آهي. مون کي اهو رويو پسند نه آهي. رشيا ۾ رواجي حالتن ۾ به جا زور زبردستي ڪم آندي ويئي هئي، اها به مون کي پسند نه آهي".

انهن ڳالهين ۽ پنهنجن انهن خيالن هوندي به، مارڪس جي سائنٽيفڪ طريقي سان سماجي ۽ اقتصادي ڳالهين جي کوجنا ڪرڻ کي هن بيحد ڪارآمد سمجهيو، ۽ ان طريقي جي سوچ ۽ کوجنا جي انداز جو پوءِ هر حالت ۾ ۽ هميشه مٿي اثر رهيو. ڪراچي آل انڊيا ڪانگريس اجلاس ۾ هن پهريون دفعو نهراءَ جي صورت ۾ انهن خيالن جو اظهار ڪيو. انهن ۾ چيل هو ته "عوام کي پوريءَ طرح سوراج جي معنيٰ سمجهائڻ لاءِ اها ڳالهه ضروري هئي ته ڪانگريس جي آئنده پروگرام ۽ پاليسيءَ جي وضاحت ڪئي وڃي. ڪانگريس جو بنيادي مقصد اهو آهي ته سياسي آزاديءَ سان گڏ ڪروڙها ماڻهن کي سرمايه دار جي ايڪسپلائٽيشن (استعمال غرضيءَ) کان بچائي، اقتصادي آزادي وٺي ڏجي. ان ڪري آزاد هندستان لاءِ جو به آئين تيار ڪيو وڃي، ان ۾ هيٺين ڳالهين جو انتظام هئڻ ضروري آهي....."

اهو نهراءُ تمام ڏکيو هو، جنهن جا ٻه ڀاڱا هئا. هڪ ۾ انساني بنيادي حقن جي تشريح ڪيل هئي ۽ ٻئي ۾ اقتصادي نظام کي انصاف جي اصولن تي اهڙيءَ طرح بنائڻ جي تشريح ٿيل هئي، جنهن ڪري عوام جو معيار زندگي بهتر ٿي سگهي.

ان کان پوءِ جڏهن ۱۹۳۷ع ۾ نين چونڊن بعد ڪيترن پرڳڻن ۾ ڪانگريس کي اڪثريت حاصل ٿي ۽ تعميري ڪم ڪرڻ جو موقعو ميسر ٿيو، ته ۱۹-۲۰-۲۱ فيبروري ۱۹۳۸ع تي، بابو سباش چندر بوس جي صدارت هيٺ، هري پور جي آل انڊيا ڪانگريس اجلاس ۾، ساري ملڪ جي تعميري پروگرام بنائڻ لاءِ هڪ پلئننگ ڪميشن، پنڊت جواهر لعل جي چيرمنيءَ هيٺ، ناهي ويئي، جنهن ۱۹۴۱ع جي ستياگره تحريڪ ۽ ان سلسلي ۾

ڪارڪنن جي جيل ۾ وڃڻ ۽ ڪانگريس وزارتن جي استعيفا ڏيڻ تائين ڪم ڪيو.
مون کي به اُن ڪميشن تي ڪجهه وقت لاءِ سائنس گڏجي ڪم ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو، جنهن مان سندس تعميري ڪمن سان دلچسپي ۽ هر مسئلي تي سندس غير معمولي معلومات جو پتو پيو. ان ڪميشن جون رپورٽون سندس انهيءَ دماغ سوزيءَ ۽ محنت تي اجا تائين شاهدي ڏين ٿيون.
ليڪن سندس حقيقي طور تعميري ڪم جو پتو سندس وزير اعظم هندستان جي عرصي جي ڪارگذاريءَ مان پوي ٿو. سندس دور وزارت ١٨ سال هليو. ان ۾ هُن ٽي ترقياتي رٿائون ناهي ڪم هلارايو، جن جو مکيه مقصد هندستان کي هنري طور پاڻ پروڪرٿو هو. انهن ۾ هن گهڻو توجهه بنيادي ڪارخانن تي ڏنو زراعت طرف هو توجهه ڏيئي نه سگهيو، جيتري ان جي ضرورت هئي. هن اقتصادي رٿائن ۾ اشتراڪي ۽ سرمائيداري ٻنهي طريقن مان فائدو ورتو. هُن هڪ طرف قومي پک (Public Sector) ۽ ٻئي طرف خانگي پکَ (Private Sector) کي سندن مخصوص حدن اندر ڪم ڪرڻ جا موقعا ڏنا. انهيءَ مسئلي ۾ هن پنهنجي بنيادي اصول- ته هو ڪنهن به هڪ سسٽم جو پيرو نه آهي، هر سسٽم مان سٺي ڳالهه اختيار ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ خراب جي ڇڏڻ جي فائدي ۾ آهي- ان جي پوري پيروي ڪئي.سياسي طرح به هن جمهوريت کي قائم رکي، هڪ طرف شخصي آزادي ڏيڻ تي گهري ته ٻئي طرف ڪميونسٽ پارٽيءَ کي آزادي ڏنائين ته جمهوري طريقن سان طاقت ۾ اچي سگهي. اهڙو مثال ڪيرالا ۾ ڪميونسٽ وزارت قائم ٿيڻ سان وقوع پذير ٿيو. اها وزارت پوءِ چو گهڻو وقت هلي نه سگهي، اهو جدا ۽ بحث طلب مسئلو آهي.

## (3) آزاد هندستان کي ايشيا ۽ آفريڪا جي اتحاد ۽ امن عالم جو علمبردار ڪري ڪم آڻڻ:

ائين ته گهڻي وقت کان ڪانگريس يا ٻيون جماعتون هندستان کان ٻاهر جي مسئلن تي نهراءِ پاس پيون ڪنديون هيون، ليڪن 1927ع ۾

يورپ جي دوري بعد، هن انهيءَ مسئلي ۾ خاص دلچسپي ورتي.
هُن بيلجم ۾ مظلوم ملڪن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، هو پوءِ روس ۽ جرمنيءَ ۾ ويو، اسپين ۾ ٽيل خانہ جنگيءَ وقت اتي ويو ۽ عوام جي طرفدار گروهہ جي حمايت ڪيائين. ان ڪان پوءِ چين جي جپاني حملي وقت چين ۾ ويجي مارشل چيانگ ڪائي شيڪ سان مليو. هي پهريون ئي هندستاني قومي ڪارڪن هو، جنهن هندستانين کي بين الاقوامي مسئلن سان دلچسپي ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. ڌيءَ کي ذاتي خط لکي، هن جي جاڻ لاءِ دنيا جي تاريخ تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪيائين، جيڪي پوءِ ڪتابي صورت ۾ ڇپيا ۽ اهو ڪتاب دنيا جي بهترين ڪتابن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.
ان ڪان پوءِ، هر عالمي مسئلي جي سلسلي ۾، هو روس، يورپ، مشرق بعيد تي بيان ڏيندو رهيو. آخرڪار جڏهن 1937ع جي چونڊن بعد ڪانگريس طاقت حاصل ڪئي تہ هن جي صلاح سان 1938ع جي ڪانگريس اجلاس ۾ ٻاهرين ملڪن بابت خارجي مسئلن تي غور ڪرڻ ۽ وقت بوقت مکيہ پرڏيهي سوالن بابت پاليسي مقرر ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ٿي. انهيءَ اجلاس ۾ چين تي جپاني حملن ۽ قبضن، اسپين ۾ خانہ جنگيءَ، حبش تي اٽليءَ جي قبضي ۽ هٽلر جي ڪن يوروپي ملڪن تي قبضي تي غور ڪرڻ بعد ڪانگريس ڪان فيصلو ڪرايائين تہ هندستان ڪنهن بہ اهڙيءَ جنگ ۾ شريڪ نہ ٿئي، جا سامراجي مقصدن لاءِ لڙي وڃي. اڳتي هلي، جڏهن يورپ جي ٻي مهاياري لڙائي شروع ٿي، تہ ان وقت ڪانگريس ۾ بيروني مسئلن تي غور ڪندڙن جو هي اڳواڻ ٿي رهيو.
هندستان جي آزاديءَ بعد جڏهن هي وزيراعظم ٿيو تہ پنهنجيءَ انهيءَ دلچسپيءَ جي ڪري، هن پرڏيهي معاملن جي وزارت جو پورٽ فوليو سنڀاليو. ان وزارت جي معرفت، هن، پنهنجن اصل خيالن مطابق، ايشيا ۽ آفريڪا جي پوئتي پيل ملڪن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي. هُن دنيا کي ٻن متضاد نظرين، ڪئپيٽلزم ۽ ڪميونزم، جي بلاڪن ۾ ورهايل ڏٺو. پهرئين نظريي جي انتها ٽوٽليٽيرين (مختيارڪل)، حڪومت جي صورت ۾ ۽ ٻئي جي انتها پڻ ساڳيءَ شڪل ۾ واقع ٿي. ان ڪري هن دنيا اڳيان هي نوان نظريا رکيا:
(1) ايشيا ۽ آفريڪا جي پوئتي پيل ملڪن کي منظم ڪرڻ گهرجي ۽ (2)

ذڪر ڪيل ٻنهي بلاڪن کان الڳ ٿي "پنج شيلا" جي بنياد تي هڪ غيرجانبدار (Non-aligned) گروهه ٺاهجي.

## "پنج شيلا" جا هيٺيان پنج اصول هئا:

(1) نان ائگريشن (عدم جارحيت يا اڻ - اڳرائي (Non-Aggressin) : زور زبردستيءَ جي پاليسيءَ کي ڇڏي، سڀ مسئلا باهمي گفتگو ۽ اقوام متحده جي معرفت فيصل ڪرائجن. (2) نان اِنٽرفيئرنس (غير دست اندازي) (Non-Interference) : ٻين ملڪن جي گهرو معاملن ۾ دست اندازي نه ڪجي، جنهن ڪري ئي بين الاقوامي جهڳڙا ۽ جنگيون ٿين ٿيون. (3) سڀني قومن جي خود مختياريءَ جي اصول کي قبول ڪجي، يعني هر اها قوم، جا جديد قومي اصولن مطابق قوم سڏجڻ جي حقدار هجي، انهن جي عوام کي حق خودارادي هجي، ڪنهن به طاقتور قوم کي ٻيءَ قوم جي آزادي سلب ڪرڻ جو حق نه آهي. (4) باهمي تعاون : سڀني ملڪن کي هڪ ٻين سان مدد ڪرڻ گهرجي، جيئن پوئتي پيل ملڪ ترقي ڪري سگهن ۽ سامراجي تسلط هيٺ آيل ملڪ آزاد ٿي سگهن. (5) باهمي رواداري (Co-existance) : جنهن موجب مختلف نظرين، قومن ۽ ملڪن جو هڪ ٻئي سان روادارانه سلوڪ قائم رهي ۽ ڪوبه نظريو ڪنهن جي مٿان زوريءَ مڙهيو نه وڃي.

هو، پنهنجي ملڪ کي انهيءَ مسلڪ تي هلائڻ ۽ انهيءَ مسلڪ کي دنيا ۾ مقبول ڪرڻ ۾ گهڻيءَ حد تائين ڪامياب رهيو. "نان الائينڊ" قومن جي جماعت ٺهرائڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. ايشيا - آفريڪا جي قومن جي ڪانفرنس ۾ هن گهڻي دلچسپي ورتي ۽ ان ۾ پنج شيلا جو مسلڪ قبول ڪيو ويو. پهرين، سامراجي بلاڪ سندس انهيءَ پاليسيءَ جي مخالفت ڪئي، ليڪن آخرڪار ان جي صداقت اڳيان ڪين ڪنڌ نمائڻو پيو.

ڪو وقت هو، جو هن برما طرف وڃڻ وقت، هڪ مضمون لکيو هو ته مستقبل جي سياست ۾ چين ۽ هندستان جو گڏجي ڪم ڪرڻ مشرقي ملڪن جي آزادي، ترقي ۽ امن عالم لاءِ نهايت ڪارآمد هو. انهيءَ ڪري ئي هن جپان جي حملي وقت چين جي مدد ڪئي ۽ عوامي چين جي آزاديءَ بعد ان ملڪ کي يڪدم تسليم ڪندي، ان جي اقوام متحده ۾ داخلا لاءِ ڪوشش ڪئي. ليڪن اڳتي هلي، جڏهن چيني حڪومت جي اڳرائيءَ واري پاليسي ڏٺائين ته

هُن کي زندگيءَ ۾ وڏو صدمو رسيو. هُن جا اُهي خواب بغير تعبير جي رهجي ويا. هي ٿياسافسٽ ۽ لبرل تربيت جي روايتن ۾ پليو هو. هن جڏهن ڏٺو تہ چين جو ڪميونسٽ نظريو، مذهبن جي نظريي جهاد وانگر، مخالفن کي زوريءَ ماتحت بنائڻ يا ختم ڪرڻ جو حامي آهي تہ هن کي نهايت ارمان ٿيو. هن اُنهيءَ رجحان جي مخالفت ڪئي. ان کان پوءِ ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن کي ٻن گروهن ۾ ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪڙا چين جي هڪ ڌر واريءَ پاليسيءَ جا طرفدار ٿيڻ لڳا، ٻيا هندستان جي ٿيءَ غيرجانبدار ڌر واري پاليسيءَ جا حامي ٿيڻ لڳا. اڄا تائين اها ڇڪتاڻ هلندي رهي ٿي.

جن سياسي نظرين سان هن جي وابستگي رهي، سي اڄا تائين قائم آهن. هُن کي ٿياسافيءَ جي تعليم مان اهو معلوم ٿيل هو تہ دنيا ۾ هي دور ڇتاڇيٽي (Competition) جو هو. اهو سدائين قائم نہ رهڻ وارو هو. اڳتي هلي، باهمي تعاون جو دور اچڻ وارو هو، جڏهن ڪري سيئي نظريا، دستور ۽ ملڪ، رواداريءَ جي بنيادن تي ڪٺا رهي، هڪ ٻين سان ڏي وٺ ڪري، انساني اتحاد، امن ۽ ترقي حاصل ڪري سگهندا.

هن ۽ ڊاڪٽر ايني بيسنٽ جي وچ ۾ هي تفاوت هو تہ ڊاڪٽر ايني بيسنٽ مذهبي نظامن جي وچ ۾ رواداريءَ ۽ اصولي وحدت جي بنياد تي ماڻهن ۾ اتحاد آڻڻ گهريو ٿي ۽ هِن مذهبن کان سياست کي علحده ڪري، ڪم ڪرڻ گهريو ٿي. مسز بيسنٽ مذهبي اعتقادن ۾ لاڪوفي هئي. هي سياسي طرح لاڪوفي (Non-aligned) هو.

مهاتما گانڌي ۽ پنڊت نهرو دنيا ۾ نون سياسي نظرين جا مجتهد سڏجڻ جا حقدار آهن. گانڌي جيءَ حقن حاصل ڪرڻ لاءِ اهسنائي ستياگرهہ جو رستو دنيا جي سامهون پيش ڪري، سياست جي ڪارفرمائيءَ ۾ نئون انقلاب آندو. پنڊت نهروءَ، ڪميونزم ۽ ڪيپيٽلزم جي بلاڪن کان ٻاهر غيرجانبدار رهي، امن عالم قائم رکڻ جو سبق ڏنو. هي جمهوريت جو علمبردار هو. هن نيشنلزم ۽ سوشلزم کي گڏي هندستاني سياست کي نئون روپ ڏنو. مهاتما گانڌيءَ ڀارت کي آزاد ڪرايو. هِن ڀارت کي جمهوريت پسند ۽ پائدار بنايو.

ڀارت جي سياسي ڪارڪنن جي اڪثريت هِن کان سياسي فڪر، اولالعزميءَ ۽ آزاد خياليءَ ۾ گهڻو پوئتي پيل هئي. اِن ڪري هُن جا حقيقي پوئلڳ

اڪثر ٿورا هئا. جيڪڏهن هندن جي اڪثريت هن جي خيالن جي پوئلڳ هجي ها ۽ مسلمانن جي اڪثريت مولانا ابوالڪلام جي خيالن جي پوئلڳ هجي ها، تہ نہ هندستان جو ورهاڱو ٿئي ها، نہ هندو مسلمانن جا اختلاف وڌي قتل ۽ غارت ڪي پهچن ها. هن وقت هندستان، ايشيا ۽ آفريڪا جي قومن ۾ برک ۽ مهندار رهجي ها، پر ملڪي حقيقتون ان لاءِ سازگار نہ هيون. تنهن ڪري ڪانگريس جي حقيقي ليڊر شپ سردار ولڀ ڀائي پٽيل جي هٿ ۾ رهي ۽ مسلمانن جي ليڊر شپ قائداعظم محمد علي جناح جي حوالي رهي. ان جو مکيہ ڪارڻ اهو هو تہ پهريان ٻيئي ليڊر "آئيڊيلسٽ" هئا ۽ پويان ٻيئي پريڪٽيڪل سياستدان هئا. پهرئين قسم جا شخص، مستقبل جا خواب لهي، دنيا اڳيان بهترين اصول ۽ پروگرام رکن ٿا، جي عملي طرح وجود ۾ اچڻ ۾ وقت وٺن ٿا. اهوئي راز سياست عمليءَ جي ڪارڪنن جي ترت ڪاميابيءَ ۽ آئيڊيلسٽن جي ترت ناڪاميابيءَ جو آهي. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ آئيڊيلسٽن جا سڀ نظريا سندن حياتيءَ ۾ سرانجام نٿا ٿين. عملي سياستدان، اعليٰ اصولن کان هيٺ لهي، ملڪي حقيقتن کي سامهون رکي، قدم کڻن ٿا، جنهن ڪري ڪامياب ٿين ٿا. ڪاميابي ۽ ناڪاميابي بہ متناسب حقيقتون آهن. اڪثر، اڄ جي ڪاميابي سيان جي ناڪاميابيءَ جي صورت اختيار ڪري ٿي. مستقبل جي ڪاميابيءَ کي حال ۾ گهٽي حيثيت ڪانہ ٿي ملي.

## سياسي ڪردار:

سياسي طرح، پنڊت جواهر لعل حقائق کان دور، پنهنجيءَ دنيا ۾ رهندڙ، بعضي وقتن تي دور انديشيءَ، مصلحت ۽ تدبير کي ڇڏي، جذبات ۾ لڙهي، ڪي ڇئي ۽ ڪري ويهندو هو، جو سياست عمليءَ جي نقطي نگاهہ کان مصلحت آميز نہ هوندو هو، جيئن تہ هيڏي پايي جي ليڊر لاءِ اهي رايا ڏيان ٿو، بهتر آهي تہ ان جا مثال پيش ڪريان.

(1) هو هندستانين جي جدا مذهبن، ٻولين، صوبائي تعصبن، جاتين ۽ نسلن جي اختلافن جي هوندي، انهن کي هڪ قوم سمجهي ويٺو هو. هڪ قوم بنائڻ جو خيال علحده ڳالهہ هئي، ان کي تسليم شده حقيقت سمجهڻ علحده ڳالهہ هئي.

(2) انهيءَ بنيادي غلطيءَ سبب، هن بعضي اهڙيون ڳالهيون ڪيون، جي غلط

فهميءَ اختلاف جو باعث بنيون. جيئن تہ ھڪ دفعي چيائين تہ هندستان ۾ صرف ٻہ طاقتون آهن، ھڪ انگريزن جي ۽ ٻي ڪانگريس جي. اِها ڳالهہ ڪجهہ ڪٿي صحيح بہ هجي ها، پر اُن کي اهڙن لفظن ۾ پيش ڪرڻ خلاف مصلحت هو. ان مان عملي طور غلط فهمي ۽ اختلاف وڌيو.

ٻئي دفعي چيائين تہ، ”ڪئبينيٽ پلئن“ کي قبولڻ جو مقصد هندستان جي بنيادي وحدت کي ختم ڪرڻ ڪونہ هو. اِها سندس راءِ، نيت ۽ ارادو هو، ليڪن اهڙن لفظن ۾ ان کي پيش ڪرڻ تدبير وقت جي خلاف هو.

اهڙا ڪيترا مثال آهن، جن مان هتي صرف ٻہ پيش ڪيا اٿم. ٻي غلطي، جا هن کي سرزد ٿي، سا هندستان جي ورهاڱي کي، حالتن جي مجبوريءَ ڪري، هندو مسلمانن جي جدا قومي نظريي جي بنيادن تي قبولڻ جي هئي. تيا سافست تعليم ۽ تربيت ڪري هي سيڪيولرزم (Secularism) ۽ متحده هندستان جو حامي هو. هي آئيڊيلسٽ هو، ان ڪري خوشيءَ سان مذهب جي بنياد تي انهيءَ ورهاڱي کي قبولڻ ۾ پارٽي نہ ٿئي ها ۽ جي قبول ڪيائين تہ پوءِ دماغي پس و پيش (Mental reser-vation) نہ رکڻ گهربي هيس، جنهن جو پوءِ ڪشمير جي مسئلي مان ان جو اظهار ٿيو. جهونا ڳڙهہ کي هندو آباديءَ جي لحاظ ڪري، حق خود اراديءَ جو بنياد تي هندستان سان زوريءَ ڳنڍيو ويو. ساڳئي بنياد تي ڪشمير جو مسئلو حل ڪرڻ گهربو هو. ڪشمير کي هندستان سان ملائڻ لاءِ جي هيٺيان دليل ڏنائين ٿي، سي بنيادي طرح سندس اصل پاليسيءَ جي نقطي نگاهہ کان صحيح هئا، ليڪن قبول ڪيل ورهاڱي جي شرطن جي خلاف هئا. سندس ڪشميرين جي حق خود اراديءَ کان انڪار ڪرڻ جا دليل هيٺيان هئا: ڀارت ۾ ”سيڪيولر“ طريقي جي جمهوري حڪومت هلي رهي هئي، جنهن ۾ مختلف فرقن، نسلن ۽ ٻولين جي ماڻهن کي هڪ جهڙا حق حاصل هئا. پاڪستان ۾ مذهبي ۽ آمرانہ طريقي جي حڪومت هلي رهي هئي. ڀارت ۾ پنجن ڪروڙن کان مٿي مسلمان رهندڙ هئا، جي آهستي آهستي ٿي، ڀاري قوم جي سانچي ۾ سمائبا پئي ويا. ڀارت جي هندن ۾ اڃا ڪافي حصو ڪٽر ۽ فرقہ پرست هندن جو رهيو ٿي، جن پاڪستان وانگر هندستان ۾ مذهبي حڪومت بنائڻ گهري ٿي، جنهن ۾ غيرهندن کي قومي حيثيت ڪانہ ملٽي هئي. ڀارت ۾ صرف ڪشمير ئي هڪ ملڪ هو، جنهن ۾ مسلمانن جي اڪثريت هئي، ان

جو هندستان ۾ رهڻ پارت جي پنج ڪروڙ مسلمانن لاءِ فرقہ پرست هندو گروه جي حملي کان بچڻ لاءِ ضمانت هو. انڪري سيني فرقن جي ماڻهن کي هڪ گڏيل هندستاني قوم بنائڻ ۾ آساني ٿيڻ واري هئي. وغيره.

اهو سڀ ڪجهہ صحيح هو، پر سوال هو تہ پوءِ ٻن قومن جي نظريي تي هندستان جي ورهاست قبول ئي نہ ڪري ها.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اِهي سڀ خيال پنهنجي اوائلي غلطيءَ کي ڍڪڻ لاءِ هن جي طرفان ظاهر ڪيا ٿي ويا. ان مان ثابتي ملي ٿي تہ هن ورهاڱو دل سان قبول نہ ڪيو هو. ان جي ثابتي سندس بعد ۾ ڪيل هڪ تقرير مان ملي ٿي، جنهن ۾ هن چيو تہ، "پاڪستاني هندستاني هڪ ئي قوم آهن. ان جو ثبوت ان مان ملي ٿو تہ ساڳئي ڪٽنب جو هڪ پاءُ هندستان جو ملازم يا نمائندو هو تہ ٻيو پاءُ پاڪستان جو. ڪيترائي ڪٽنب اهڙا هئا، جن جو هڪ حصو پارت ۾ هو تہ ٻيو حصو پاڪستان ۾. اُهي ماڻهو، جي هن وقت پاڪستان ۾ وڏن وڏن عهدن تي آهن، تن جا ويجها عزيز پارت ۾ رهن ٿا. اسان جي ڪلچر ۾ ڪابہ ناقابل عبور ڳالهہ نہ آهي، اسان جي لباس ۽ طرز معاشرت ۾ گهڻي پاڱي يڪ رنگي آهي....."

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ، وفاتيءَ کان اڳ، شيخ عبدالله کي آزاد ڪري، يڪدم پاڪستان موڪلڻ مان سندس خيال انهيءَ مسئلي تي ڪنهن سمجهوتي تي اچڻ جو هو، پر شايد قدرت کي اها ڳالهہ قبول نہ هئي، جو ترت وفات ڪيائين. ممڪن آهي تہ اڳتي هلي ڪو سمجهوتو ٿئي. ٻئي ملڪ ڪير ڪنڊ ٿين، پر ان لاءِ جذباتي بنيادن تي سوچڻ جي عيوض، حقائق وقت، بين الاقوامي تقاضائن، ڏي وٺ ۽ ملڪن جي بنيادي پاليسين ۾ تبديل آڻڻ ضروري ٿيندو.

## سندس شخصيت:

هي ڪلچرلي مسلمان هو، سوشلي يورپي هو، جذباتي طرح پارتي هندو هو. مذهباً ۽ سياسي طرح لاڪوفي هو. سچو دوست، اهل دل ۽ صاحب دماغ هو، تهذيب ۽ شرافت جو مجسمو هو. جي آسمان ۾ اڏامڻ جي عيوض زمين ڏي بہ توجهہ ڪري ها، تہ هن دور جو واحد لاثاني ليڊر شمار ٿئي ها. تنهن هوندي بہ هي دنيا جي نمبر اول ليڊرن ۾ ڳڻجڻ جو حقدار آهي.

# ۴ - مولانا ابوالڪلام آزاد

## شخصي زندگي:

هن جو سچو نالو محي الدين احمد بن خيرالدين، ڪنيت "ابوالڪلام" ۽ تخلص "آزاد" هو. هي صديقي خاندان مان هو. سندس والد جو نالو مولانا خيرالدين هو، جو مولانا محمد افضل جي ننڍي صاحبزادي محمد هاديءَ جو فرزند هو. مولانا هادي، شاهہ جهان مغل شهنشاهہ جي زماني ۾ آگري شهر ۾ سرڪاري ملازم هو. هن جا وڏا مغل بادشاهہ بابر جي زماني ۾ هرات کان هندستان آيا. پهرين آگري ۾، پوءِ دهليءَ ۾ سڪونت اختيارڪيائون.

مولانا ابوالڪلام جي ڏاڏي مولانا محمد هاديءَ هرات جي مشهور قاضين جي خاندان مان قاضي سراج الدين جي اولاد مان مولانا منورالدين جي نياڻيءَ سان شادي ڪئي هئي، جنهن مان مولانا جو والد ميان خيرالدين دهليءَ ۾ 1831ع ۾ پيدا ٿيو.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ هندستان جي حالتن ناسازگار ٿيڻ ڪري، ميان خيرالدين سندس ناني مولانا منورالدين سان گڏ مڪہ معظمہ ويو، جتي شيخ محمد بن طاهر وتري جي پاڻيجيءَ سان 1862ع ڌاري شادي ڪيائين، جو علوي خاندان مان هو. مولانا خيرالدين وڏو عالم، پير طريقت ٿي گذريو آهي، جنهن جا بمبئيءَ ۽ ڪلڪتي ۾ گهڻا ماڻهو مريد هئا. ڪيس ذوالحج 1305هہ مطابق آگسٽ 1888ع ۾، مڪہ شريف ۾، باب السلام جي نزديڪ، محلہ قدوه ۾، فرزند ڄائو، جنهن جو نالو محي الدين احمد رکيائين، جنهن جو اڳتي هلي، ڪنيت ابوالڪلام ۽ شاعري تخلص آزاد هئڻ ڪري، "ابوالڪلام آزاد" نالو مشهور ٿي ويو.

هَن پنجن سالن جي عمر ۾ تعليم وٺڻ شروع ڪئي. سندس والد 1895ع ۾ علاج لاءِ ڪلڪتي آيو ۽ اتي رهي پيو. هن عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم والد وٽ ورتي، پوءِ مختلف استادن وٽ پڙهي، 1902ع ۾ تحصيل ۽ تڪميل ڪري، تعليم کي پڪي ڪرڻ لاءِ ڪجهہ وقت شاگردن کي



مولانا ابوالکلام آزاد

(آگست، ۱۸۸۸ع — ۲۱- فيبروري، ۱۹۵۸ع)

پڙهائيندو رهيو. 1903ع ڌاري طب ۾ تعليم ورتائين. انهيءَ زماني ۾ شعر چوڻ لڳو، مطالعي جو گهڻو شوق هوس. اردو مصنفن مان مولانا حالي، مولانا شبلي، ڊاڪٽر نذير احمد ۽ سر سيد احمد خان جا ڪتاب شوق سان مطالع ڪيائين. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ 1905ع کان 1910ع تائين مذهبي ڪتابن جو پورو اڀياس ڪيائين.

ڪو وقت اهڙو بہ مٿس آيو، جو پاڻ لکي ٿو تہ، ”سر سيد (1) جي رهنمائيءَ مون کي ان منزل تي پهچائي ڇڏيو، جو مذهب جا جملي عقيدا ۽ دعوائون، انهيءَ رنگ ۽ شڪل ۾ جو عام طور قبول ڪيا وڃن ٿا، محض وهم ۽ گمان وڃي رهيا“ وري لکي ٿو تہ، ”هاڻ (2) پڪو دهريو ٿي پيس. مٽيريلزم (ماديت) ۽ ريشنلزم (عقليت) جي عقيدي تي مون کي فخر ۽ غرور ٿيو ۽ مذهب ۾ سواءِ جهل ۽ وهم جي ڪجهہ نظر نہ ٿي آيو. اها شيءِ ڪٿي هئي، جنهنجي ڳولا ۾ نڪتو هئس، يعني دل جو اطمينان! ان اضطراب جي انڌيري ۾ روشني جو ترورو بہ نظر نہ ٿي آيو....“

اخبار نويسيءَ جو شوق 11 سالن جي عمر کان هوس. 1899ع ۾ ”نيرنگ خيال“ رسالو ڪڍيائين، جو 8 مهينا هليو. 1900ع ۾ ”المصباح“ رسالو ڪڍڻ لڳو. 1903ع ۾ ”احسن الاخبار“ ۾ مضمون لکڻ لڳو. ساڳئي سال نومبر 1903ع ۾ ”لسان الصدق“ نالي ماهوار رسالو ڪڍيائين. 1904ع ۾ انجمن حمايت اسلام جي ساليانہ اجلاس ۾ تقرير ڪيائين. انهيءَ سال جي آخر ۾، والد سان گڏ حجاز ويو. ٻئي سال موٽڻ بعد، هن جي مولانا شبليءَ سان بمبئي ۾ واقفيت ٿي، جنهن پوءِ هن کي سندس رسالي ”الندوه“ جي ايڊيٽري سپرد ڪئي. ان کان پوءِ 1906ع ۾ اخبار ”الوڪيل“، امرتسر، ۾ ڪجهہ وقت ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين.

اتان واپس ڪلڪتي اچڻ بعد اربندوگهوش ۽ ٻين انقلابي ڪارڪن سان واقفيت ٿيس، سندس والد 15 آگسٽ 1908ع تي وفات ڪئي.

ان کان پوءِ هو مسلمان ملڪن جي سير تي ويو، عراق، شام، مصر، ترڪي گهمي، پوءِ فرانس ويو، جيان موٽي وطن آيو. انهيءَ 1909ع

(1) ازاد جي ڪهاڻي صفحو 406، (2) ذڪر آزاد 259.

جي سفر ۾ هن کي مسلمان ملڪن جي سياسي تحريڪن ۽ آزاديءَ جي هلچل جي مطالعي جو موقعو مليو ۽ اتي ڪيترن سياسي ليڊرن سان ملاقات ڪيائين.

واپس اچڻ بعد، 13 جولاءِ 1912ع تي، هن مشهور اردو رسالو "الهلال" ڪڍڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ هن پنهنجي مذهبي، ادبي ۽سياسي معلومات ۽ نظرين جو اهڙيءَ طرح اظهار ڪيو، جو سندس قابليت جو سڪو ساري هندستان تي ويهي ويو.

1913ع ۾، هن مسلم ليگ ۾ حصو ورتو، سر وزير حسن جي مشوري سان، ان جي مقصدن ۾ تبديلي ڪرائي، يعني ان ڪان هندستان جي ٻين قومن سان گڏجي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي ٺهراءُ کي پاس ڪرايائين.

1914ع ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ انگريزن سان لڙائيءَ جي زماني ۾ وفاداري ڏيکارڻ جي پاليسي اختيار ڪئي. مولانا ابوالڪلام آزاد، ديوبند عالمن سان گڏ، اُن پاليسيءَ جي اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ "الهلال" ۾ آزادانہ مضمون لکندو رهيو، جنهن تي سرڪار سندس رسالي "الهلال" کي بند ڪيو. ان تي هن رسالو "البلاغ" ڪڍڻ شروع ڪيو. نيٺ سرڪار هن کي رانچي، بهار ۾، 30 مارچ 1916ع تي نظربند ڪري رکيو، جنهن ڪري "البلاغ" رسالي کي بہ بند ڪرڻو پيس.

رانچيءَ ۾ نظربنديءَ جي عرصي وقت هن "ترجمان القرآن" لکڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ هن زماني حال جي تقاضائن مطابق قرآن جي تشريح ڪئي.

مولانا جنوري 1920ع ڌاري آزاد ٿيو، انهيءَ وقت آزاديءَ جي هلچل ۽ خلافت تحريڪ جو زور هو، جنهن ڪري ساري هندستان جو سير ڪري تقريرون ڪيائين. فيبروري 7-8-9-10- 1920ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾، پير رشيدالله شاهہ جهنڊي واري جي صدارت هيٺ، صوبہ سنڌ خلافت ڪانفرنس ڪئي ٿي، ان ۾ تقرير ڪيائين.

مون پهريون دفعو ڪيس اُتي ڏٺو ۽ ٻڌو. سندس "الهلال" ۽

”البلاغ“ جي مضمونن ۽ نظربنديءَ هن جي شهرت اڃا به چوطرف پکيڙي ڇڏي هئي. ماڻهن کي سندس بلاغت ۽ فصاحت ڏاڍي پسند آئي.

15-16-17 فيبروري 1920ع تي، بمبئيءَ ۾ رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ جي صدارت هيٺ ڪٺي ٿيل خلافت ڪانفرنس جي اجلاس ۾ شرڪت ڪري، وري 20 فيبروري 1920ع تي ڪلڪتي ۾ خلافت ڪانفرنس جي اجلاس ۾ صدارت ڪيائين.

مهاتما گانڌيءَ سان ملي، حڪيم اجمل خان جي همراهيءَ ۾، ناگپور آل انڊيا ڪانگريس جي ساليانه اجلاس ۾ سرڪار سان عدم تعاون جو ٺهراءُ پاس ڪرايائين. اهڙو ٺهراءُ خلافت ڪانفرنس، منعقده ميرٺ ۾ به پاس ٿيو. سال 1921ع ۾ هندو مسلم اتحاد اوج تي هو. هندو مسلمانن جي مسجدن ۾ وڃي تقريرون ڪرڻ لڳا ۽ مسلمان هندن جي مندرن ۾ وڃڻ لڳا. سوامي شردانند جامع مسجد دهليءَ ۾ تقرير ڪئي.

مولانا اهو سارو عرصو هندستان جو سير ڪري تقريرون ڪندو رهيو. هن مارچ 1921ع ۾، لاهور جي بادشاهي مسجد ۾، سرڪار جي جاري ڪيل منع نامي جي خلاف ورزي ڪري، پرزور تقرير ڪئي. سرڪار 7-9-8-10 جولاءِ 1921ع تي، مولانا محمد عليءَ جي صدارت هيٺ سڏايل خلافت ڪانفرنس، ڪراچي، ۾ ڪيل تقريرن تي، ڇهن ليڊرن کي سيپٽمبر ۾ گرفتار ڪري ڪيس هلايو، جنهن ۾ مٿن تهمت هئي ته هنن ملٽريءَ جي سپاهين کي بغاوت لاءِ آماده ڪيو هو. مولانا ان تي پنهنجي تقريرن ۾ انهن ٺهرائن کي پبلڪ ميٽنگن ۾ دهرائڻ لڳو.

نومبر 1921ع تي، پرنس آف ويلس هندستان آيو، سڀني سياسي تحريڪن گڏجي، هن جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو.

مولانا کي سرڪار نيٺ، 10 ڊسمبر 1921ع تي، 124 اي قلم هيٺ، گرفتار ڪري، ڪيس هلائي، هڪ سال سزا ڏني. انهن ڏينهن جي دستور موجب، قومي ڪارڪن صرف بيان ڏيئي ڇڏيندا هئا مولانا به ان موقعي تي بيان ڏنو. جو ”قول فيصل“ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ ملي ٿو. اهو بيان ادبي تاريخي ۽ سياسي نقطي نگاهه کان هڪ شاهڪار آهي.

ان وچ ۾ هندو مسلم ڇڪتاڻ شروع ٿي ويئي، صورتحال کي درست ڪرڻ لاءِ، ڪانگريس جو خاص اجلاس دهليءَ ۾ هن جي صدارت هيٺ سيپٽمبر 1923ع ۾ ڪٺو ٿيو، ليڪن ان مان ڪو خاص نتيجو ڪونہ نڪتو. هي باوجود ان جي، انهيءَ سلسلي ۾ ڪوشش ڪندو رهيو. ان ڪان پوءِ مسلمان ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا، هڪ قوم پرست گروهہ ۽ ٻيو فرقہ پرست گروهہ ٿيو، مولانا پهرئين گروهہ ۾ رهيو.

1925ع ۾ ڪانپور ۾ آل انڊيا خلافت ڪاميٽيءَ جي اجلاس جي صدارت ڪيائين. 1930ع ۾ سول نافرمانيءَ جي تحريڪ، لوڻ جي قانون ٽوڙڻ سان، مهاتما گانڌيءَ شروع ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾ پڪيٽنگ ڪرڻ تي هن کي ڇهہ مهينا سزا ڏني ويئي. ان وقت ڪان وٺي، هن ٻين جماعتن سان، سواءِ جمعيت العلماء جي، تعلقات گهٽائي ڇڏيا ۽ سمورو وقت ڪانگريس ۾ ڪم ڪندو رهيو. 1931ع ۾ جمعيت العلماء جي آل انڊيا ڪانفرنس، منعقده ڪراچيءَ جو صدر ٿيو.

1940ع ۾ رامڳڙهہ واري ڪانگريس اجلاس جو صدر چونڊيو، جنهن عهدي تي ملڪ جي ورهاڱي 1947ع تائين هلندو آيو.

ان ڪان پوءِ پارتي حڪومت ۾ وزير تعليم تي رهندو آيو، 21 فيبروري 1958ع تي وفات ڪيائين.

هي اردوءَ جي بهترين لکندڙن ۽ تقرير ڪندڙن مان هو. منهنجي خيال ۾ انهن صفتن جو يڪسان ماهر هندستان ۾ اجا تائين پيدا ٿي ڪونہ سگهيو آهي.

هي قرآن جي بهترين مفسرن مان هو. سندس "ترجمان القرآن" جا ٻہ جلد اسان تائين پهتا آهن، بهترين تفسير شمار ڪيو وڃي ٿو.

هي اعليٰ پايي جو اديب، بيدپو، قربانيءَ جو مجسمو، بلند پايي جو مفڪر، روح اسلام جو ڄاڻو، يڪ سخن ۽ ارادي جو پختو هو، ٻيا ڪيترا مسلم قومي ڪارڪن يا صاف آئيڊيلسٽ هئا يا صرف سياست عمل جا پوئلڳ هئا، ليڪن هي ٻنهي جو مرڪب هو.

1947ع ڌاري هندستان ۾ ٻہ غيرمعمولي صلاحيت ۽ قابليت جا مسلمان ڪارڪن هئا. هڪ مولانا ابوالڪلام آزاد هو، جو هندستان جي

گڏيل مفاد کي مدنظر رکي، مسلمانن جي ڪثرت کان علحده ٿي ويو. ٻيو قائداعظم مسٽر محمد علي جناح هو، جنهن مسلمانن جي موجوده ضرورتن لاءِ، اڳواٽي ڪري، پاڪستان قائم ڪرايو. ٻيئي تاريخ ۾ يڪتا حيثيت رکن ٿا. هڪ باوجود مذهبي مهندار، قربانيءَ جي مجسمي ۽ اعليٰ مفڪر هئڻ جي، مسلمانن جي ڪثرت پاڻ سان شامل ڪري نه سگهيو. ٻيو مذهب اسلام کان غيرواقف هئڻ، قرباني نه ڪرڻ ۽ اعليٰ قسم جي آئيڊيلسٽ يا مفڪر نه هئڻ جي باوجود به، مسلمانان هند جو قائداعظم بنيو ۽ سرزمين هند ۾ مسلمانن کي بغير ڪنهن سختيءَ ۽ جيل سهڻ جي، جدا حڪومت وٺي ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ٻنهي پنهنجي پنهنجي سمجهه موجب صداقت سان ڪم ڪيو. ٻيئي گذر ڪري ويا آهن، پهريون سرمد شهيد جي پير ۾ دهليءَ جي شهر ۾ مدفون آهي. ٻئي تي سندس جنم واري شهر ڪراچيءَ ۾ ڪروڙ روپين جي خرچ سان قبو بنجي رهيو آهي. اهو فيصلو آئنده تاريخ کي ڪرڻو آهي ته ديرپا ۽ درست پاليسي ڪنهن جي هئي.

مولانا آزاد جي مذهبي، سياسي ۽ ادبي ڪردار جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

## سندس مذهبي نظريو:

هن ڳالهه کان ڪوبه، سواءِ جاهل ۽ ڪٽر ماڻهوءَ جي، انڪار ڪري نه سگهندو ته مولانا دنياوي اسلام جو بلند پايه عالم، بهترين مفسر ۽ روحِ اسلام جو ڄاڻو هو.

هيءَ ڳالهه صاف ظاهر آهي ته آخري عمر ۾ مولانا مسلمانن جي جداگانه قوميت جو مخالف ۽ هندستان جي متحده قوميت جو حامي هو. ان ڳالهه ۾ هي اڪيلو نه هو، پر جنهن سلسلي تحريڪ ديوبندَ سان هي وابسته هو، اُهي به اڪثر انهيءَ راءِ جا هئا. هاڻ سوال اٿندو ته مولانا جو اهو قومي نظريو، اسلامي نقطي نگاهه کان، ڪيتري قدر صحيح هو؟

سندس انهيءَ خيال خلاف مسلمانن جي ٻن گروهن طرفان نڪته چيني ٿيل آهي: (1) هڪ اهو آهي، جو اسلامي تعليم کان بي بهره، سياسي طور رجعت پسند، انگريزي سياست جو آله ڪار ۽ خود مطلب طبقاتي مفاد

وارو گروه سڏجي سگهي ٿو.

(2) ٻيو گروه اسلام جي ڄاڻن ۽ سياسي مفڪرن ۽ اهل راءِ جو آهي، جنهن جي اڳواڻي علامہ اقبال جهڙي بلند پايہ شاعر، فيلسوف، اهل دل ۽ اسلام جي ڄاڻوءَ ٿي ڪئي. انهيءَ ٻئي گروهہ جي راءِ واقعي ان مسئلي تي ڳوڙهي غور فڪر ۽ تفتيش ڪرڻ لاءِ مستحق آهي.

اهو دنياي اسلام جي ماضيءَ ۽ موجوده زماني ۾ اختلافي مسئلو رهندو اچي. اِن ڪري اُن تي تفصيل سان بحث ڪرڻ ضروري ٿو ڄاڻان.

ابتدا کان وٺي مسلمان انهيءَ مسئلي تي ٻن راين جي گروهن ۾ ورهايل پئي رهيا آهن. پيغمبر اسلام جون ٻہ مشنون (مقصد رسالت) هيون، هڪ جو واسطو حال سان هو، جنهن کي موجوده زماني جي زبان ۾ "شريعتي قانون" يا "سياست" سڏي سگهجي ٿو ۽ ٻيءَ جو واسطو مستقبل سان هو، جنهن کي موجوده زماني جي زبان ۾ "روحِ مذهب" يا "طريقت" جي نالي سان سڏي سگهبو. تصوف جي ڄاڻن انهن کي جسماني ۽ روحاني مقصدن جا نالا ڏنا آهن. پهرئين جو واسطو روزمره جي زندگيءَ ۾ مسلمانن جي وچ ۾ باهمي تعلقات قائم رکڻ ۽ عبادتن سان رهي ٿو. جي سياست ۽ عبادت جا صيخا شمار ڪري سگهبا ۽ ٻئي جو واسطو انسان ذات جي دائمي ۽ مستقل اتحاد، امن ۽ ترقيءَ سان رهي ٿو. جنهن پٽاندر مسلمانن جي عارضي، ترت ۽ فروعي مفاد کان مٿي، انسان ذات جي دائمي ۽ اصولي مفاد کي ترجيح ڏني وڃي ٿي. پهرئين گروه پنهنجي مقصد جي حصول لاءِ جماعتي نظام ناهي، ان لاءِ شريعتي قانونن مطابق سوسائٽيءَ کي هلائڻ گهريو ٿي. ٻئي گروه، تجربي ۽ فڪر جي بنياد تي، ڪابہ اهڙي ڳالهہ ڪرڻ نٿي گهري، جا انسان ذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بڻجي. اهڙيءَ ريت عام طور مسلمان انهن ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا، يعني هڪڙا اهل شريعت ٻيا اهل طريقت.

ڪن ماڻهن ٻنهي کي گڏي هلائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي هئي، ليڪن انهن مان بہ ڪن جو رجحان شريعت کي طريقت تي ترجيح ڏيڻ جو هو، تہ ڪن جو رجحان طريقت کي شريعت تي ترجيح ڏيڻ جو هو.

جماعتي معاشرو جڏهن اوائلي سادگيءَ واريءَ حالت ۾ رهي ٿو، تہ هڪ ئي ماڻهو مختلف فرائض انجام ڏيئي سگهي ٿو، جهڙيءَ طرح هڪ ڊاڪٽر يا حڪيم سيني مرضن جو علاج ڪري ٿو؛ ليڪن معاشري جي ارتقا

تي سمجهو. انهن حال سان واسطو رکندڙ ڳالهين کي ترجيح ڏيئي، عقيدي ۽ عمل جي يڪسانيءَ سان، بهترين سوسائٽي بنائڻ تي گهري، ليڪن دراصل اهڙي سوسائٽي تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ وجود ۾ نه آئي هئي. هر عالمگير مذهب جي ظاهربين پوئلڳن جي پنهنجي پنهنجي مذهب لاءِ اهائي دعويٰ پئي رهي هئي، پر بجاءِ اهڙيءَ سوسائٽيءَ ٺهڻ جي، اهڙين دعوائن اتحاد، امن ۽ انساني ترقيءَ ۾ رڪاوٽون وڌيون ۽ اهڙي قسم جا خيال، نفاق، بدامنيءَ ۽گمراهيءَ جا ڪارڻ بنبا ويا. مسلمانن ۾ صوفيائي ڪرام جي هڪ گروهه کي ان ڳالهه جو پتو هو، ان ڪري هنن مذهب جي اهڙيءَ تشريح کي نٿي قبوليو.

ساڳيو خيال ٻين مذهبن جي راسخ العلم بزرگن جو هو، جن، انهن ڳالهين ڪري، مذهب ۽ سياست کي علحده رکي، ملڪي قانونن کي مذهبي عالمن جي هٿ ۾ ڏيئي مذهبي اختلافن جي ميدان ڪارزار بنائڻ بدران، مڪاني ضرورتن ۽ معاشري جي تقاضائن موجب انهن کي ناهڻ وغيره جو ڪم عوام جي چونڊيل نمائندن جي سپرد تي ڪيو.

اهو رايو، موجوده زماني ۾، ساريءَ دنيا ۾ مروج تي ويل هو، سواءِ هندستان جي هڪ مسلمان گروهه ۽ يهودين جي.

مولانا ابوالڪلام کي دنياءِ اسلام جي تاريخي حقيقتن، يورپ جي مسيحائي اختلافن ۽ مذهب جي نالي ۾ حاڪمن جي ظلمن ۽ بدڪارين جو پتو هو.

هن جي دوربين نظر اسلامي روح کي پرکي ورتو هو. هن جي نظر ۾ ماڻهن جي موجوده مذهبي گروهه بندي غلط ۽ مصنوعي هئي. ان ڪري هندستان ۾ مسلمانن جي جداگانه قومي نظريي کي هن روحِ اسلامَ جي خلاف، ناقابل عمل، تاريخي تجربن جي خلاف، وحدت انسانيءَ ۾ رڪاوٽ وجهندڙ ۽ نفرت، نفاق ۽ بدامنيءَ جو ڪارڻ سمجهيو ٿي٦ ان ڪري هن هندستانين جي متحده قوم ۽ متحد ملڪ جي نظريي کي نه رڳو هندستان جي آزاديءَ ۽ اتحاد لاءِ ضروري تي ڄاتو، پر ان ۾ هن جملي مشرقي ممالڪ جي آزاديءَ ۽ اتحاد جو راز مضمر ڏٺو هو. انهيءَ ڪري، هي، باوجود ان جي جو مسلمانن جي اڪثريت سندس راءِ جي خلاف هئي، حق جي ڳالهه چوڻ کان نه مڙيو.

هُن، داراشڪوه جي طريقي سياست بابت ڪي خيال سرمد شهيد جي سوانح عمريءَ لکڻ وقت، 1910ع ۾، ظاهر ڪيا هئا، جن مان سندس راءِ جو پتو پوي ٿو، اها ڳالهہ خلافت تحريڪ کان گهڻو اڳ جي آهي.

هُن اورنگزيب جي سرمد کي قتل ڪرائڻ جي واقعي تي ڪن مسلم تاريخ نويسن طرفان اورنگزيب جي پاليسيءَ جي تعريف ڪرڻ تي نڪتہ چيني ڪندي لکيو آهي تہ، "انهن کي کهڙي خبر تہ دنيا ۾ اهڙيون اکيون بہ آهن، جي هُن (اورنگزيب) جي هٿان سرمد کي ڦاسيءَ تي چاڙهڻ جي سرزد ٿيل خوني واقعي کي ڏسي، خوش نہ ٿيون هيون!" وڌيڪ لکندي، ظاهر ڪري ٿو تہ، "سندس (سرمد شهيد جي) سوانح عمريءَ جو زياده احوال ملي نہ سگهيو آهي؛ ليڪن مختصر پَنَ ۾ گلَ ميسر ٿي سگهيا آهن. انهن کي مشهد سرمد ۾، خالي هٿ وجڻ جي عيوض، سوکڙيءَ طور کڻي وچان ٿو." اڳتي هلي وري چوي ٿو تہ، "آفتاب اسلام جڏهن اڀريو، تہ اُن جملي تفاوتن کان سواءِ هر جاءِ کي روشن ڪرڻ گهريو. سرمد انهيءَ اصول تي هلندي، اسلام جي نالي ۾ انسان ذات جي وچ ۾ کڙي ڪيل ديوارن کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي....هي اهو زمانو هو، جڏهن عالمگير نئين چال هلڻ وارو هو......داراشڪوه عجيب طبيعت ۽ دماغ جو شخص ٿي گذريو آهي. تاريخ هند جي قلم تي ان جي دشمن جو قبضو رهيو آهي؛ ان ڪري سندس اصلي تصوير سياسي چالبازين جي ڌوڙ ۾ لڪي ويئي آهي. هن جي صاحب ذوق هئڻ جو وڏو ثبوت اهو هو تہ تلاشِ حق جي ڳالهہ منجهانس دير و حرم جو تفاوت ڪڍي ڇڏيو هو. هو هندو مسلم درويشن ۾ ساڳيءَ طرح اعتقاد رکندو هو. ڪهڙو صاحب حال ماڻهو انهيءَ ڳالهہ سان اختلاف رکي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن انهيءَ عالم ۾ بہ فڪر ۽ اسلام جي تميز هجي تہ پوءِ انڌي ۽ سڄي ۾ ڪهڙو فرق رهندو؟ پتنگ کي شمع گهرجي، پوءِ اها شمع مڙهيءَ جي هجي يا مسجد جي.

"عاشق هم از اسلام خرابست وهم از کفر،
پروانہ چراغ حرم و دير نداند."

اڳتي هلي لکي ٿو تہ "مرٰة الخيال" جو مصنف، جو اورنگزيب جو مداح هو، دارا شڪوه بابت لکي ٿو تہ، هو ديوانن ۽ مجنونن طرف گهڻو لاڙو

رکندو هو.“ هُن ويچاري کي کهڙي خبر تہ دنيا ۾ اهڙا ترازو آهن، جن جي هڪ پڙ ۾ چريائي رکي وڃي تہ ساريءَ دنيا جي هشياري ٻئي پڙ ۾ رکڻ بعد بہ پهريون پڙ ڳرو رهي ٿو. دنيا ۾ اهڙا خريدار بہ آهن، جي هوش ۽ حواس جو سمورو سرمايو ڏيئي، چريائيءَ جو ذرو خريد ڪرڻ لاءِ تيار آهن.“ وري لکي ٿو تہ، ”بهرحال دنيا ڪجهہ بہ چوي، مون کي تہ اورنگزيب جي هوشياريءَ کان داراشڪوه جي ديوانگي ۽ چريائي وڌيڪ پسند ٿي اچي!“

اڳتي هلي چوي ٿو تہ، ”اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ عالمگير جي نظر ۾ سرمد جو سڀ کان وڏو گناهہ داراشڪوه جي طرفداري هو. هُن ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان ان کي قتل ڪرڻ گهريو ٿي. ايشيا ۾ هميشہ پاليٽڪس مذهب جي پردي هيٺ رهي آهي. هزار خونريزيون، جي پوليٽڪل سببن ڪري رهيون آهن، تن کي مذهب جي چادر ڍڪائي، ڇپايو ويو آهي.“

وري لکي ٿو تہ، ”اسلام جي هنن تيرهن سئو ورهين جي عرصي ۾ فقيهن جو قلم هميشہ اگهاڙي تلوار رهيو آهي ۽ هزارن حق پرستن جو خون اُن جي فتوائن ڪري ٿيو آهي. اسلام جي تاريخ ڪٿي بہ کڻي پڙهو تہ اوهان کي سئو مثال ملندا، جن مان پتو پوندو تہ جڏهن حاڪم خونريزيءَ تي آماده ٿئي ٿو تہ مفتيءَ جو قلم ۽ سپہ سالار جي تلوار ٻئي گڏجي ڪم ڏين ٿيون. اهو صرف صوفين ۽ ملڪي رهنمائن تائين محدود نہ آهي، پر شريعت جي عالمن مان بہ جي نڪتہ بين ۽ اسرار حقيقت جا عالم ٿيا، تن کي فقيهن جي هٿان مصيبتون برداشت ڪرڻيون پيون ۽ سر ڏيئي نجات مليئن. سرمد بہ انهيءَ تلوار جو شهيد آهي.

چون ميرود نظيري خونين ڪفن بحشر،
خلقي فغان ڪنند ڪہ اين داد خواه ڪيست!

وري لکي ٿو تہ،.“ هي ظاهر پرست نٿا چاهن تہ سرمد ان کان گهٽ مٺي هو، جو هن کي ڪفر ۽ ايمان جا بحث ٻڌايا وڃن يا هو قتل ۽ خون جي حڪمن سان مرعوب ٿئي. هي ڪفر ساز تہ پنهنجي مدرسي ۽ مسجد جي صحن ۾ ويهي سوچيندا هئا تہ سندن مسند ڪيتري بلند هئي، پر سرمد ان عشق جي مناري تي بيٺل هو، جتان ڪعبو ۽ مندر بالمقابل نظر اچن ٿا، ۽ جتان ڪفر ۽ اسلام جا جهنڊا گڏ جهولندا نظر اچن ٿا.“

هي مضمون خواجہ حسن نظاميءَ جي چوڻ تي ڪيس 1910ع ۾ لکي موڪليو هئائين. ان کان اڳ هُن 1909ع ۾، مسلم ملڪن جو سير ڪري، اُتي جي سياسي تحريڪن مان واقفيت حاصل ڪئي هئي، جن ۾، اهڙين حقيقتن کي مدنظر رکي، مذهب کي سياست کان الڳ ڪري، سياسي تحريڪون قوم پرستيءَ جي بنيادن تي هلايون ويون ٿي.

مولانا جو ڪانگريس سان لاڳاپو 1916ع ۾ ٿيو. سندس نڪتہ چيڻ جو چوڻ آهي تہ هُن ۽ سندس هم خيال ساٿين اُها پاليسي هيئين سبب ڪري اختيار ڪئي هئي: (1) هي اسلام جي صحيح تعليم ۽ مقام محمديءَ کان اڻ واقف هو ۽ (2) هندن جي پيسي ۽ اثر ڪري هن چاڻي واڻي حق کي ڇڏي، اها روش اختيار ڪئي هئي.

پهريون طعنو تہ صرف روحَ اسلام کان اڻ واقف، حقيقت محمديءَ کان بي خبر، دين کي دنيا خاطر متيندڙ، فسطايت کي اسلام سڏيندڙ، تصوف ۽ طريقت جا نہ ڄاڻندڙ ڏيئي سگهن ٿا، پوءِ سندن پوئلڳ چونہ ڪين علمائي دهر يا حڪمائي امت جا خطاب ڏين. روحل فقير اُنهن لاءِ سچ چيو آهي تہ، "انڌن اوندہ نہ لهي، تن کي سچ چوندو ڪير!"

هر ڪنهن تاريخ جي ڄاڻوءَ کي خبر آهي تہ اڪبر اعظم مغل شهنشاہ متحده هند ۽ قوم جي تحريڪ هلائي هئي، جنهن ڪري ڪٽر ۽ جاهل ملن ۽ مسلمان ڪامورن جي رنڌڻي ۾ رولو پئجي ويو هو، جن ان کي اسلام جو دشمن ۽ بي دين وغيره جي خطابن سان ياد ڪري، بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. داراشڪوه، اُن جو پڙپوٽو، انهيءَ تحريڪ جو حامي، تصوف جو ڄاڻو، محب ۽ اهل دل هو. سندس تصنيف ڪيل ڪتاب "سفينتہ الاوليا" "سڪينتہ الاوليا" "حسنات العارفين" "طريقت و حقيقت" ۽ "مجمع البحرين" مشهور معروف آهن، جن مان پوئين ڪتاب ۾ هن جملي مذهبن جي ڪثرت پويان بنيادي وحدت ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ازانسواءِ سندس دور ۾ هن جي جليس "محسن فانيءَ" طرفان لکيل ڪتاب "دبستان مذاهب" بہ ساڳئي مقصد سان لکيل آهي.

اورنگزيب ۽ داراشڪوه ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ تصادم جيتوڻيڪ خانداني جهڳڙو هو، جنهن ۾ وڏي ڀاءُ دارا شڪوه کان ننڍي ڀاءُ اورنگزيب

زوريءَ حڪومت، پيءُ جي مخالفت ۽ فرمان جي مخلافت، ۽ فرمان خلاف ڪسي هئي؛ ليڪن اُن سموريءَ ڪارروائي پويان، مسلمانن جي جدا قوم جي بنياد تي پين هندستان جي رهاڪن مٿان، سندن برتريءَ ۽ تسلط ۽ مذهب جي نالي ۾ مسلمان عالمن ۽ ڪامورن جي حڪومت جو راز سمايل هو. ٻئي طرف داراشڪوه انهيءَ نظريي کان انڪار ڪندڙ، هندستان جي رهاڪن کي هڪ قوم بنائڻ ۽ "سيڪيولر" (Secular) حڪومت جو حامي هو.

مولانا، داراشڪوه جي انهيءَ زماني ۾ تعريف ڪئي آهي، جڏهن اڃا هو ڪانگريس ۾ شريڪ نہ ٿيو هو، اُن مان پتو پوي ٿو تہ مولانا اسلام جي اهل تصوف جي ڪيل تشريح جو حامي هو.

اهي بزرگ، پيغمبر اسلام کي رحمت اللعالمين شمار ڪري، انسان ذات جي وچ ۾ مذهبي شريعتن، نسل ۽ رنگ جي نالي ۾ اڀاريل ديوارن کي ڊاهڻ جو پيغام بر سمجهن ٿا. هو انسان ذات کي هڪ بدن جا عضوا سمجهن ٿا. شيخ سعدي عليه الرحمت اڳئي چيو هو تہ:

بني آدم اعضائي يڪديگر اندر ڪہ در آفرينش زيد گوهراند
چو عضوي بدرد آورد روزگار دگر عضوها را نماند قرار
تو ڪز محنت ديگران بيخمي نشايد ڪہ نامت نهند آدمي

هو ڪهڙيءَ طرح گهرندا تہ هڪ ئي ملڪ ۾ پڪا پکن سان اڏي ويٺل، پاڙيسري، هڪ ٻين سان جنم گذارڻ وارا، ملاءَ ۽ پنڊت جي چوگان شطرنج ۾ باهمي جنگ و جدال ۾ مشغول ٿين!

انهيءَ ڪري مولانا ابوالڪلام جڏهن هند جي اتحاد لاءِ ڪوشش ٿي ڪئي تہ هُن اُن پيغام کي دهرايو ٿي، جو خواجہ معين الدين اجميريءَ ۽ خواجگان چشتي، ڪبير، بابا نانڪ، شاهہ عنايت ۽ شاهہ لطيف وغيره بزرگن ڏنو هو ۽ اڪبر ۽ دارا شڪوه جهڙن صاحب دل ۽ صاحب نظر حاڪمن ان جو بنياد وڌو هو ۽ هيءُ، جو انهيءَ عظيم ۽ متبرڪ روايت جو حامل، بزرگان دين جو صحيح نمائندو ۽ حقيقي جاءِ نشين هو، سو ڪيئن، چند زميندارن، ڪامورن ۽ تاجر مسلمانن جي طبقاتي مفاد خاطر، انهن بنيادي اصولن کي وساري سگهيو ٿي. انهيءَ رستي تان باز رکڻ لاءِ نہ ڪا گمراهہ عام راءِ هن

ڪي روڪي سگهي، نہ رجعت پسندن جا ڪي دڙڪا ۽ بي عزتيون.

چوبي خود گشت "حافظ"، ڪي شمادر!

بيڪ جو مملڪت ڪائوس ڪي را!

## سياسي ڪردار:

مولانا ابوالڪلام آزاد جو سياسي نقطہ نگاهہ هيٺين ٻن مرڪزي نڪتن تي ٻيٺل هو:

(1) هند ۽ مشرقي ممالڪ جي آزادي ۽ (2) امن عالم.

هي حضراتِ ديوبند جي تحريڪ آزاديءَ هند جو حامي هو، جن جي نقطي نگاهہ موجب موجودهہ مسلمانن جي پستيءَ جي ڪارڻ هندستان جو انگريزن جي غلاميءَ ۾ رهڻ هو، نہ صرف ايترو پر ايشيا ۽ آفريڪا جي گهڻن ملڪن جي مغربي طاقتن جي تسلط هيٺ رهڻ جو مکيہ ڪارڻ بہ هندستان جي غلامي هئي. دراصل، هو 1857ع جي تحريڪ آزاديءَ جي وقت کان بہ اڳ، مغربي غلاميءَ کان آزاد ٿيڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا هئا. هو تجربي بعد هن راءِ جا قائل ٿيا هئا تہ هندستان جي آزادي سيني قومن جي اتحاد کان سواءِ حاصل ٿيڻ واري نہ هئي، تنهن ڪري سيني قومن سان گڏجي آزاديءَ جي جنگ لڙڻي هئي. هندستان جي آزاديءَ ۾ دنياءِ اسلام ۽ ايشيائي ۽ آفريڪائي ممالڪ جي آزاديءَ جو راز لڪل سمجهيائون ٿي. هنن ڏسي ورتو هو تہ اُن وقت مشرق ۽ مغرب جي تهذيبن جو مقابلو هلي رهيو هو. مغربي ملڪن جي تهذيب جو بنياد مادي قدرن تي ٻڌل هو. مشرق روحانيت جو پيغام رسان هو. انهيءَ سلسلي ۾ هندستان کي مشرقي تهذيب جي رهبري ڪرڻي هئي. هي اُن راءِ تي پهتا هئا، جن تي مغرب ۾ ٿياسافسٽ پهتا هئا. فرق ٻنهي ۾ هي هو تہ ٿياسافسٽ مغرب ۽ مشرق جي تهذيبن جي ميلاپ مان نئين تهذيب ۽پيغام جا قائل هئا ۽ هي مشرقي تهذيب جي صلاحيت ۽ بزرگيءَ جا حامي هئا. انهيءَ ڪري ئي حضرات ديوبند ۽ مولانا ابوالڪلام، ڪثرت مسلمانن جي راءِ خلاف هئڻ جي باوجود، گليو ڪلايو

ڪانگريس سان شامل ٿي ڪم ڪرڻ لڳا. هنن جي راءِ ۾ مسلمانن جي جداگانہ قوميت جوَ تصور غلط، روحَ اسلامَ جي خلاف ۽ رجعت پسندانہ هو ۽ اهو مسلمانن ۽ هندن ٻنهي جي مفاد خلاف هو ۽ وڌيڪ هي تہ ان مان مغربي سامراجيت جي پاڙ پختي ٿيڻ واري هئي. جڏهن انهن ڳالهين جو هنن کي يقين ويهي ويو تہ انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ باقي زندگي پاڻ پتوڙيندو رهيو.

ٻي ڳالهہ، جا مولانا کي سدائين خيال ۾ ويٺل هئي، سا امن عالم جي هئي. هُن اسلام کي مذهب امنَ سمجهيو هو. اهو دنيا لاءِ امن جو پيغام کڻي آيو هو. مغربي سامراجيت کي بدامنيءَ ۽ جنگين جو ڪارڻ سمجهيائين ٿي.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ وقت جيڪي اتحادين نندين قومن جي حمايت جا وعدا ڪيا هئا، تن کي هُن مشرق ۾ زير تسلط ملڪن سان لاڳو نہ ڪيو ۽ انهيءَ لڙائيءَ کان پوءِ ويتر مشرقي ملڪن تي پنهنجي تسلط ۽ ظلم کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪيائون. مسلم ملڪن سان کهڙو برتاءُ ورتو هئائون، ان جي کيس خبر هئي، ٻيءَ لڙائي وقت اتحادين جي گذريل وعده خلافيءَ جي مدنظر ڪانگريس صاف ظاهر ڪيو تہ، "پهرين هندستان کي آزادي ڏيو، پوءِ مدد وٺو!" مولانا ڏٺو تہ مسلمانن ۾ هڪ گروهہ اهڙي موقعي تي هندستان جي آزاديءَ لاءِ لڙندڙ قومي ڪارڪنن جي سات ڏيڻ جي عيوض مورڳو جنگ آزاديءَ جي راهہ ۾ مشڪلاتون وجهي رهيو هو ۽ ان لاءِ اسلام ۽ مسلمانن جي مفاد جو نالو ورتو ٿي ويو. هن کي گذريل تجربي مان اهو معلوم ٿي چڪو هو تہ اُن تحريڪ ۾ اڪثريت انهن ماڻهن جي هئي، جي سدائين انگريزن جا ايجنٽ ۽ نمڪ خوار ٿي رهيا هئا. اهي پهرينءَ لڙائيءَ وقت انگريز ۽ ان جي اتحادي حڪومتن طرفان ترڪن سان لڙي، مسلمان ملڪن جي غلاميءَ جو باعث بنيا هئا. هو انگريز قوم جا لقب بردار هئا ۽ انگريزن جي اشاري تي سڀ ڪو برو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هئا. هي اسلام جو انهن سيني کان وڌيڪ چاڻو هو. هن کي خبر هئي تہ مسلمان عوام ۽ هندو عوام جا مفاد يڪسان هئا، جيڪو مسلمانن جي مفاد جو نالو ورتو ٿي ويو، سو حقيقت ۾ انگريزن جي پيدا ڪيل مٿاهين طبقي جي مفاد جو سوال هو. اها مسلمانن جي مٿاهين طبقي جي مفاد جي لڙائي هندستان ۾ خانہ جنگي ۽

خونريزيءَ جو باعث بنجڻ واري هئي. ان مان اسلام ۽ مسلمانن کي فائدي بدران نقصان پهچڻ وارو هو.

پر ان وقت هوش تي جوش غالب ٿي ويو، اسلام جا چاٽو، خدا پرس، آزاديءَ لاءِ قرباني ڪندڙ مسلمان، ڪافر ۽ غدار ملت بنجي پيا. انگريزي نمڪ خوار، ٽوڏي، اسلامي تعليم ۽ روايات کان اڻ واقف عَلم برداران اسلام ٿي پيا. سچ ڪوڙ ٿي پيو، ڪوڙ سچ ڪري هلايو ويو، ليڪن انهن ڳالهين هن جي استقلال ۽ يقين ۾ ڪوبه لوڏو نه آندو. هو پنهنجي مقرر ڪيل راهه تي هلندو رهيو. اڳتي هلي تاريخ کي فيصلو ڪرڻو آهي ته حق تي هي هو يا سندس مخالف.

سندس ادبي ۽ علمي ڪردار بابت اڳم چاٿائي آيو آهيان ته هو وڏي پايي جو عالم، اديب ۽ مفڪر هو. هن، باوجود سياسي سرگرمين جي 80 کن ڪتاب ۽ رسالا لکيا آهن. ازانسواءِ، سندس متفرقه مضمونن جي لسٽ ڏکهي آهي، جا سندس سوانح عمريءَ جي ڪتابن مان ملي سگهندي.



سردار ولڀ ڀائي پٽيل

(۲۱- اڪٽوبر، ۱۸۷۵ع — ۱۵- نومبر، ۱۹۵۰ع)

# 5- سردار ولڀ ڀائي پٽيل

سردار ولڀ ڀائي پٽيل پوئين دور جي ڪانگريس حلقي ۾ خاص حيثيت رکندڙ هو. هي ڪانگريس جي اڪثريت جو ترجمان هئڻ ڪري، جيڪي چاهيندو هو سو ڪرائي سگهندو هو. انهيءَ جا مکيه سبب سندس حقيقت شناسي، تدبر، سياست عملي، انتظامي لياقت، ڪانگريس جي مالي ضرورتن لاءِ پيسي ميسر ڪرڻ جي اهليت ۽ سياسي معاملن بنسبت صاف ذهني هئا.

ڪانگريس اندر ٻيا به ڪيترا هن کان وڌيڪ قرباني ڪندڙ، لائق، جهونا ۽ تجربيڪار ڪارڪن موجود هئا. انهن جي ذڪر ڪي ڇڏي، هن جي احوال لکڻ لاءِ مون کي هيءُ سبب آهي، جو ڪانگريس جو، گانڌيجيءَ کان پوءِ، حقيقي روح روان هي هو. ملڪ جو ورهاڱو ۽ پاڪستان جو قيام ڪانگريس کان هن ئي قبول ڪرايو هو. پنڊت جواهر لعل نهرو، بابو سباش چندر بوس وغيره بيشڪ وڏا ليڊر هئا، پر ڪانگريس ۾ هن جي راءِ ئي فيصلو ڪُن هئي.

اها حقيقت هئي ته ڪانگريس، باوجود قوم پرست، آزاديءَ لاءِ لڙندڙ ۽ هندستان جي ڪثرت راءِ ماڻهن جي نمائنده هئڻ جي به، هندو سرمايه دار ۽ ڪاموري جي طبقاتي تسلط هيٺ هئي. اهوئي ڪارڻ هو، جو مسلمانن جي متاهين طبقي جي گروهه، مسلم ليگ ۾ داخل ٿي، جناح صاحب جي اڳواڻيءَ هيٺ، جدا حڪومت جي گهر ڪئي.

اڪثر مسلمان، سردار پٽيل کي فرقه پرست، تنگ نظر، هندو سياستدان سمجهندا هئا ۽ ڪيترا ڪانگريسي ڪارڪن ڪيس ضدي، ڊڪٽيٽرانه ذهنيت جو ليڊر ظاهر ڪندا هئا، جهڙيءَ طرح سان ڪيترا هندو جناح صاحب کي فرقه پرست ۽ هندن جو مخالف سمجهڻ لڳا. مون کي ٻنهي سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو هو. ساڻن ڪجهه وقت اختلاف راءِ به رهيا هئا، ليڪن، تجربي جي بنياد تي، هي چوڻ کان رهي نٿو سگهان ته ٻنهي کي فرقه پرست شمار ڪرڻ ساڻن صريحاً بي انصافي ٿيندي. جناح صاحب ۽ پٽيل صاحب ۾ ڪيتريون خصوصيتون هڪ جهڙيون هيون. جناح صاحب جي

خصوصيتن جو ذڪر سندس حياتيءَ جي بيان ۾ ايندو. هتي سردار صاحب متعلق بيان ڪندس.

سردار پٽيل حقيقت شناس سياسي ڪارڪن هو. هن جي خامي اها هئي تہ هن ”آئيڊيلزم“ جي بنياد تي سياسي معاملات کي حل ڪرڻ نٿي گهريو. مسلمانن مان ڪيترا سندس شخصي دوست هئا. هن سياست ۾، ملڪ جي صحيح حقيقتن کان واقف هئڻ سبب، پنهنجي زير اثر سياسي گروهہ ۽ طبقي جي ايمانداريءَ سان ترجماني ڪئي ٿي. هن جي دوربين نظر تاڙي ورتو هو تہ هندو عوام خواب غفلت ۾ ستل هو. سياسي شعور شاهوڪار ۽ وچئين طبقي جي افراد ۾ هو، جن جي اڪثريت پنهنجن طبقاتي مفادن کي ڇڏي، ملڪي ۽ قومي فلاح ۽ اتحاد جي نقطي نگاهہ کان قرباني ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي. هنن پنهنجي طبقاتي مفاد کي ملڪي ۽ قومي مفاد جي برابر ٿي سمجهيو. هن اهو بہ محسوس ڪيو هو تہ مسلمانن جي بہ حالت ساڳي هئي. اُتي بہ زميندار ۽ ڪامورو طبقو پنهنجن مفادن جي حفاظت لاءِ جناح صاحب جي پوئلڳيءَ ۾ ڪٺو ٿيو هو ۽ پنهنجي طبقاتي مفادن کي مسلمانن جو مفاد ظاهر ڪري رهيو هو. هن کي اها بہ خبر هئي تہ مهاسڀا جماعت، مسلم ليگ وانگر هندو متاهين طبقي کي، هندو مفادءِ مذهب جي نالي ۾، پاڻ ڏي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ڊاڪٽر مونجي، ساورڪر ۽ پنڊت مدن موهن مالو يہ جهڙا مکيہ ڪارڪن انهن جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا. هنن حالتن هيٺ، جيڪڏهن هي ”آئيڊيلسٽ“ بنجي هندو طبقاتي مفاد جي حفاظت کان غيرالتفاتي ڏيکاري ها تہ هندن جي ڪثرت، باوجود گانڌي جيءَ جي ڪشش جي، ڪانگريس کان ٻاهر نڪري وڃي ها. اها ڳالهہ هن ملڪي ۽ قومي مفاد جي خلاف ٿي سمجهي.

انهيءَ ڪري سياسي مصلحت ان ۾ سمجهيائين تہ هندن جي متاهين ۽ وچين طبقي کي پاڻ سان ملائي هلائي. تنهن ڪري هندو ڪارخانيدار، تاجر ۽ ڪاموري کي پاڻ سان رکڻ جي ڪوشش ڪيائين. سمجهيائين ٿي تہ آزادي مهاتما گانڌيءَ ۽ ڪانگريس کان سواءِ ملڻ مشڪل هئي، تنهن ڪري سمورو وقت مهاتما گانڌيءَ جو دست راست ٿي، ڪانگريس کي منظم ڪرڻ ۾ صرف ڪندو رهيو.

هي سياست عمليءَ جو ليڊر هو، هن کي ”آئيڊيلسٽ“ جي نقطہ

نگاهم ڪان ڏسڻ ۽ تورڻ تڪڻ ٺيڪ نہ ٿيندو. آئيڊيلسٽ ۽ پريڪٽيڪل پاليٽيشن جا آخري مقصد ساڳيا رهن ٿا، ليڪن سندن مقصد جي حصول جا طريقي ڪار علحده ٿين ٿا. پهريون، آخري ۽ دائمي مقصد کي مدنظر رکي، بنيادي اصولن ۾ تبديلي نٿو ڪري ۽ مستقبل لاءِ حال کي قربان ڪرڻ کان نٿو هٻڪي. ٻيو، سياسي مصلحتن خاطر، تر ۽ عارضي مفاد کي هٿان ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهي؛ اُن کي هو مستقبل جو پيش خيمو سمجهي، حال کي نظرانداز ڪرڻ سياست عمليءَ ۽ مصلحت وقت جي خلاف سمجهي ٿو.

ڪانگريس ۾ آزاديءَ جا روح روان مهاتما گانڌي، پنڊت جواهر لعل نهرو، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ خان عبدالغفار جهڙا آئيڊيلسٽ ليڊر هئا؛ ليڪن ان کی جلد نزديڪ آڻڻ جو سهرو سردار پٽيل تي هو، جنهن حالتن جي تقاضا ۽ سياسي مصلحت کي مدنظر رکي، ملڪ جي ورهاڱي کي قبول ڪري، ان کي ترت عمل ۾ آندو. هن جي دوربين اکين ڏسي ورتو هو تہ هندو مسلم اختلاف ناسور جي صورت وٺي ويا هئا ۽ انهيءَ جو علاج جراحيءَ کان سواءِ ٿيڻ مشڪل هو. هن ڏٺو تہ باوجود ڪيترين ڪوششن جي فرقيوار سوال مختلف سببن ڪري حل نہ ٿي سگهيو هو. انگريز ورهاڱي جو اصول قبول ڪري چڪا هئا. مسلمانن جي اڪثريت انهيءَ تي مُصر هئي. انهيءَ ڪري جذبات يا اصولن جي خيال کان ان کي نہ قبولڻ مان آزاديءَ جي راهہ ۾ رنڊڪ ۽ دير پوڻ جو امڪان هو. ان مان هندو مسلم اختلاف وڌڻا هئا، گهٽجڻا ڪونہ هئا. هن اهو چڱو ڪم ڪيو يا غلط، ان جو فيصلو اڳتي هلي تاريخ کي ڏيڻو آهي، ليڪن هن کان انڪار ڪري نٿو سگهجي تہ هن، جو ڪيو، سو خلوص دل سان ملڪ جو فائدو سمجهي ڪيائين.

انهيءَ مختصر تعارف کان پوءِ، سندس شخصي زندگيءَ ۽ سياسي ڪردار تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس.

## شخصي زندگي:

هي صاحب گجرات جي پٽيدار ڪٽنب ۾، ناديا جي ڳوٺ ۾، 31 آڪٽوبر 1875ع تي ڄائو هو. سندس والد جو نالو جهاور ڀائي پٽيل ۽ سندس والده جو نالو لاڏ ٻائي هو. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هن ناديا هاءِ اسڪول ۾ پڙهي، مئٽرڪ جو امتحان ڏنو. ان کان پوءِ ڊسٽرڪٽ

پليڊرس امتحان ڏيئي، پهرين گوڌرا ۾ فوجداري ڪيسن جي وڪالت ڪرڻ لڳو. جڏهن لياقت ۽ قابليت سان ڪيسن هلائڻ ڪري مشهور ٿي ويو ۽ چڱو پيسو گڏ ڪري ورتائين ته هن پهرين پنهنجي وڏي ڀاءُ، ويٺل ڀائي پٽيل، کي پنهنجي خرچ تي انگلينڊ ۾ بئرسٽريءَ جي پڙهڻ لاءِ موڪليو. جتان هو امتحان ڏيئي، سند وٺي، 1908ع ۾ واپس آيو. ان کان پوءِ، 1910ع ۾ پاڻ پڙهڻ لاءِ ولايت ويو، اتي مڊل ٽيمپل ان ۾ داخل ٿيو.

انگلينڊ جي رهائش جي دور ۾، هن کي انگريزي قوم ۽ عملدارن ۽ حاڪمن بنسبت ڪي ڳالهيون معلوم ٿيون، جن آئنده جي سياسي فيصلن ۾ هن تي گهڻو اثر ڪيو. هن انگريزي قوم ۾ سندن گذشته روايات تي فخر ۽ روشن مستقبل بابت ويساهه ويٺل ڏٺو. ڪيترن فروعي ڳالهين ۾ منجهن اختلاف هئا، ليڪن انهيءَ ڪري هڪ ٻئي سان بغض ۽ دشمني ڪانه ٿي رکيائون. هر هڪ ايمانداريءَ سان پنهنجي راءِ جو اظهار ۽ ان تي عمل ڪندو ٿي آيو. جمهوريت جي اصول ۾ اعتقاد رکڻ ڪري، ڪثرت راءِ جي فيصلي ۽ قانون جي عزت رکيائون ٿي. نشست برخاست ۾ مهذب هئا، ليڪن تعجب جي ڳالهه اها هئي ته هندستان جي زمين تي پير پائڻ بعد هنن جي ذهنيت ئي بدلجيو ويئي ٿي! انهن مان گهڻا احساس برتريءَ ۽ طاقت جي گهمنڊ ڪري اهو سمجهڻ ٿي لڳا ته هندستاني پنتي پيل ۽ قابل رحم هئا ۽ انهن جي قسمت جون واڳون سندن هٿن ۾ هيون، جن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائڻو هون. منجهن اهو وهم ويهي ويل هو ته هندستاني محبت سان گڏ، دڙڪي ۽ دٻاءَ سان زيادهه باز اچي سگهيا ٿي ۽ هو انهن مان هرهڪ کي هيسائي يا خريد ڪري سگهيا ٿي.

هيءُ 1913ع ۾ بئرسٽريءَ جي سند وٺي موٽي وطن آيو ۽ احمد آباد ۾ اچي وڪالت ڪرڻ لڳو. احمد آباد ۾ وڪالت به ڪندو هو ۽ مٿين طبقي جي ماڻهن سان ڪلب ۾ وڃي شام جو وقت گذاريندو هو. برج جو ڏاڍو شوقين هو.

اڳتي هلي سياسي زندگيءَ ۾ برج جي تجربي گهڻو ڪم ڏنس، هن ڏٺو ته سياست قسمت جي بازي هئي. اُن ۾ هوشياري ۽ همت جي ضرورت هئي. ان ڪري جهڙيءَ طرح هو برج ۾ هوشياريءَ ۽ همت سان وڏن داون

هُن کان نہ هيسبو هو، ساڳي روش هن سياست ۾ بہ ورتي.

مهاتما گانڌي، ڏکڻ آفريڪا مان واپس موٽڻ بعد، جڏهن احمد آباد ۾ سابرمتي نديءَ جي ڪناري تي اچي آشرم ٺاهيو ۽ هڪ دفعي ڪلب ۾ ميمبرن وٽ پنهنجين تجويزن جي پرچار لاءِ ويو تہ هيءُ برج کيڏندو رهيو ۽ هن جي تقرير ٻڌڻ لاءِ بہ نہ ويو. ڪيڏانهن آشرم ۾ ويهڻ وارو ساڌو ۽ ڪٿي فوجداري ڪورٽ ۾ وڪالت ڪندڙ برج جو شوقين ڪلب جو ميمبر. ڪوڙوئي نٿي لڳو.

1917 ۾، هن ساڌوءَ، چمپارن ۾، نير جي پوک ڪندڙ مزدورن، جي انگريز زميندارن وٽ ڪاشت ڪندا هئا، جي شڪايتن جي جاچ ڪرڻ وقت منع نامي ملڻ تي ان جي ڀڃڪڙي ڪئي. ڪورٽ ۾ مٿس ڪيس هليو. هُن ڏوهہ قبول ڪيو. مئجسٽريٽ فتويٰ مهمل ڪئي. ليفٽيننٽ گورنر ڪيس ڪڍائي ورتو. اهڙيءَ طرح پهريون دفعو هڪ هندستانيءَ هند سرڪار جي قانوني انحرافيءَ بعد فتح حاصل ڪئي. اُن ڪارنامي اُن ساڌوءَ جي شهرت ساري هندستان ۾ پکيڙي ڇڏي. تڏهن مس وڃي هِن برج کيڏڻ واري لاپرواهہ جوان کي پتو پيو تہ هي ساڌو رڳو ساڌو نہ هو پر اخلاق، جريت ۽ خدمت خلق جو علمبردار هو.

چمپارن جي واقعي کان ٿورڙوئي پوءِ، گوڌرا جي گجرات سڀا پنهنجي ساليانا اجلاس جي صدارت لاءِ گانڌيجيءَ کي دعوت ڏني. انهيءَ ميٽنگ ۾ سردار ولڀ ڀائي پٽيل کي گجرات سڀا جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. سڀا ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ بعد گانڌيجيءَ جي صداقت ۽ خلوص کيس موهي وڌو ۽ ان کان پوءِ ساري زندگي هُن سندس دست راست تي ڪم ڪيو.

سردار ولڀ ڀائي مستقل مزاج، محنتي ۽ باهمت ماڻهو هو. جنهن بہ ڪم ۾ هيڪر دلچسپي ورائين تہ ان کي توڙ تائين نباهي نيندو هو. جڏهن هي ملڪي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو، تہ پهرين هن وڏن آفيسرن جي منزلن وقت ڇيڙهہ ۽ رسائيءَ جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي. هڪ وڪيل لاءِ، جنهن جو گذر ماجسٽريٽن جي رحم ڪرم تي هجي. اُنهيءَ زماني ۾ اهڙو جريت وارو قدم کڻڻ معمولي ڳالهہ ڪانہ هئي. ان سندس دليريءَ جي ساک وڌائي ڇڏي.

هي اهو زمانو هو، جڏهن سنڌ جي قومي ڪارڪن، رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، بمبئي ڪائونسل ۾ چيڙهه ۽ رسائيءَ جي بند ڪرڻ لاءِ ٺهراءُ پيش ڪري ڪميشن مقرر ڪرائي هئي.

ان ڪان پوءِ، 1918ع ۾، جڏهن کيرا ضلعي ۾ سخت بارش ڪري آبادگارن جي فصلن کي نقصان پهتو ۽ روينيو ڪوڊ موجب کين معافي ملڻي هئي، پر آفيسرن معافي ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي، تڏهن هن سرزمين ڏسي، ڪمشنر کي لکيو تہ ماڻهو معافيءَ جا حقدار هئا ۽ کين ڪشاده دليءَ سان معافي ڏني وڃي؛ پر ان جو ڪيس خاطر خواهہ ۽ تسلي بخش جواب ڪونہ مليو. سرڪاري عملدارن کي اهو گهمنڊ وينل هو تہ حڪومت طرفان ملڪ جي واڳ کين مليل هئي، هو ان جي سياهہ سفيد جا مالڪ هئا ۽ ان ۾ ڪنهن خانگي ماڻهوءَ طرفان صلاح ۽ مشورو سندن انتظام ۾ دست اندازيءَ شان يڪتائيءَ جي خلاف هو. سو انهن ان ڳالهہ کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ان تي گانڌيجيءَ جي صلاح سان، سردار ولڀ ڀائي پٽيل، 16 فيبروري 1918ع تي ستياگرهہ هلچل هلائي. هن هلچل جي سلسلي ۾ هن کي ڳوٺاڻن سان گهڻو وقت رهڻو ٿي پيو. تنهن ڪري وڪيل جهڙي شهري ۽ رئيساڻي زندگي ترڪ ڪري، ولائتي ڪپڙا ڦٽا ڪري، هُن ڌوتي، قميص ۽ صدري پائڻ شروع ڪئي.

ان هلچل ۾، باوجود مشڪلاتن جي، هي هارين کي ڪجهہ رعايتون وٺي ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان ڪري هن جي انتظامي لياقت، قربانيءَ جي ماده ۽ همت ملڪ ۾ سندس ساک پيدا ڪري ڇڏي.

هي 1917ع ۾ احمد آباد ميونسپالٽيءَ جو ميمبر چونڊيو هو. انهن ڏينهن ۾ بمبئي سرڪار مسٽر شيلڊي کي احمد آباد ميونسپالٽيءَ جو ميونسپل ڪمشنر ڪري رکيو هو، جيڪو جيتوڻيڪ پگهار ميونسپالٽيءَ جو کڻندو هو، پر بورڊ جي راءِ جو ڪوبہ خيال نہ رکندو هو. هن جو خيال هو تہ جنهن صورت ۾ هو سرڪار جو مقرر ڪيل هو، تنهن ڪري هن جي جوابداري بورڊ سان ڪانہ هئي. هن جي خيال ۾ بورڊ تي چونڊيل سڀ ميمبر بي سمجهہ، خود مطلب ۽ اڻ ڄاڻ هئا، ۽ سندس عقل سيني ڪان زيادهہ هو. هي انهيءَ غلط فهميءَ ۾ بہ ورتل هو تہ شهر جي ڀلي لاءِ عوام جي عيوضين ڪان خود هن کي اونو زيادهہ هو، تنهن ڪري انهن جي راءِ کي وقعت ڏيڻ

غير ضروري ۽ بيسود ڳالهہ هئي. سردار ولڀڀائي پٽيل ولايت کان پڙهي آيل، مضبوط ارادي ۽ شهر جي ڀلي بابت خاص تجويزون ۾ راءِ رکندڙ هو. ان ڪري ٻنهي جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيو، سردار صاحب مخالف پارٽي منظم ڪئي ۽ نيٺ جڏهن 1927ع ۾ احمد آباد ميونسپالٽيءَ جو پاڻ پريزيڊنٽ چونڊيو تہ ميونسپاليٽيءَ کان نهراءِ پاس ڪرائي، مسٽر شيلڊي کي ڪڍارائي ڇڏيائين.

ان کان پوءِ جڏهن 1929ع ۾، هن ٻردوليءَ ۾ ستياگرهہ شروع ڪيو، تڏهن ميونسپالٽيءَ تان استعيفا ڏيئي ڇڏيائين.

هن جي ڪانگريس ذريعي ڪيل ڪمن جو مختصر احوال هيٺيون آهي:

(1) 1918ع واري عدم تعاون واريءَ تحريڪ ۾ حصو ورتو هئائين.

(2) 6 اپريل 1919ع تي، گانڌيجيءَ طرفان رولٽ ائڪٽ خلاف احتجاج ڪرڻ جي ڏينهن مقرر ٿيڻ تي، هي احمد آباد ۾ وڏو سرگس ڪڍي، سابرمتيءَ جي ڪناري تي ويو، جتي سرڪار جا ﭘہ ضبط ڪيل ڪتاب ڪليو ڪلايو وڪرو ڪيائين، پر حڪومت سندس خلاف قدم نہ کنيو.

(3) گانڌيجيءَ جي دهلي وڃڻ وقت گاڏيءَ ۾ گرفتاريءَ تي، گجرات ۾ فساد ٿيا؛ ان ڪري سرڪار احمد آباد جي رهاڪن تي 9 لک روپيا ڏنب وڌو، جنهن ۾ هن جو گهرو سامان ضبط ڪيو ويو.

(4) ڊسٽرڪٽ جج، هن جي قانون خلاف ڪارروايُن ۽ قانون جي انحرافين ۽ عدم تعاون وغيرہ ڪري، ٻين وڪيلن سان گڏ، هن جي بہ سند رد ڪرڻ لاءِ لکيو. هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس هليو، سر چمن لعل سيتلواد سندن وڪالت ڪندي بيان ڪيو تہ ستياگرهہ ڪرڻ ڏوهہ نہ آهي، آخر هاءِ ڪورٽ کين تنبيهہ ڪري ڇڏي ڏنو.

(5) 1921ع ۾ احمد آباد ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو اجلاس مسٽر سي.آر.داس جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيڻ وارو هو. مسٽر داس جي جيل ۾ هئڻ ڪري حڪيم اجمل خان ان جي صدارت ڪئي. هي استقباليہ ڪاميٽيءَ جو چيئرمين هو. ڪانگريس ان اجلاس ۾ ستياگرهہ ڪرڻ جو فيصلو ڪري ان جي هلائڻ جا اختيار گانڌيجيءَ کي ڏنا. ان تي ٻردوليءَ ۾ ڍلن نہ ڏيڻ جي تحريڪ شروع ڪئي ويئي، ان ساري ڪم جو بار سردار پٽيل تي هو.

۵- فيبروري ۱۹۲۲ع تي، ماٺهن ٻيو. ٻيءَ جي چورا چوري ڳوٺ ۾ سرگس ڪڍيو. پوليس انهن کي روڪيو ۽ گوليون هلايون. ماٺهن جوش ۾ اچي پوليس ٿاڻي ۽ پوليس وارن کي ساڙي ڇڏيو. ان تي گانڌيجيءَ قانون جي انحرافيءَ (سول ڊس او بيڊينس) جي تحريڪ بند ڪري ڇڏي. انهيءَ يڪ طرفي فيصلي تي ڪانگريس ڪارڪنن ۾ ناراضگي پيدا ٿي. چي، هزارها ماٺهو جيل ۾ ويا هئا، تحريڪ اڃا زور سان شروع مس ٿي هئي، تہ بردوليءَ ڪان دوردراز پنڌ تي تشدد جي هڪ ڪارروائيءَ ٿيڻ تي تحريڪ کي يڪدم بند ڪرڻ ماٺهن جي جذبن تي ٿڌي پاڻيءَ جي اڇلڻ برابر هو. سگهوئي گانڌيجيءَ کي گرفتار ڪري سزا ڏني ويئي. پوءِتان سردار پٽيل ولايتي ڪپڙي جو بائيڪاٽ شروع ڪرايو. هو انهيءَ وقت ڪان وٺي بردوليءَ کي منظم ڪندو رهيو. نيٺ ۹۲۸ع ۾، وري ٻئي دفعي هن بردوليءَ ۾ ڍلن نہ ڏيڻ جي تحريڪ هلائي. هن دفعي هلچل ساري تعلقي ۾ وچ وانگر پکڙجي ويئي. آبادگارن کي انهيءَ تحريڪ ۾ گهڻين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. سندن زمينون ضبط ڪيون ويئون. ٻاهران پناڻ آڻي سندن زمين تي ويهاريا ويا. ماٺهو هر مصيبت کي برداشت ڪندا رهيا. ڪجهہ قدر گهرون قبول ٿيون. گانڌي- ارون پئڪٽ ٿيو.

ڪراچيءَ ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو ۱۹۳۱ع ۾ اجلاس سردار پٽيل جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. گانڌيجي گول ميز ڪانفرنس لاءِ لنڊن ويو، جتي سردار پٽيل کي صلاحڪار ڪري وٺي ويو.

سردار صاحب ستيا گرهہ تحريڪن ۾ ڪيترا ڀيرا جيل ۾ ويو. گهڻي وقت تائين آل انڊيا ڪانگريس جي پارليامينٽري بورڊ جو، ۽ ۱۹۳۷ع بعد ڪانگريس وزارتن ۽ پارليامينٽري پارٽين تي ڪنٽرول رکڻ لاءِ چيئرمن ٿي رهندو آيو. وزارتن مٿان ڪرڙي نظر رکندو هو. ڊاڪٽر ڪاري، وزير اعظم سي. پيءَ کي وزير اعظميءَ تان لاهڻ جو واقعو انهيءَ جو مکيہ مثال آهي. ڪانگريس وزارتن مٿان هي بي تاج بادشاهہ هو.

۱۹۴۲ع ۾ ڪانگريس "ڪئٽ انڊيا" (هندوستان مان نڪرو) جو نعراءُ پاس ڪري، سول نافرماني شروع ڪئي. ان ۾ هن کي بہ گرفتار ڪري جيل ۾ موڪليو ويو. ۱۹۴۵ع تي آزاد ٿيو. آخر برٽش سرڪار ۲ سيپٽمبر

١٩٤٦ع تي هندستان جي مرڪزي وزارت ٺاهي، جنهن ۾ ڪانگريس شريڪ ٿي، ۽ سردار پٽيل ان ۾ وزير داخلہ جي حيثيت ۾ مقرر ٿيو.

ان کان پوءِ، هندو مسلم سمجهوتي لاءِ ڪوشش ٿي، پر سمجهوتو ٿي نہ سگهيو. آخر ۾ برٽش سرڪار لارڊ مائونٽ- بيٽن کي هندستانين جي هٿن ۾ سمورن اختيارن جي سونپڻ لاءِ موڪليو. ان ٻنهي ڌرين کي گهرائي سمجهوتي لاءِ ڪوشش ڪئي. مسلم ليگ هندستان جي ورهاڱي تي زور ڏيندي رهي. گانڌيجي ۽ ٻيا ڪيترا ڪانگريس اڳواڻ ان لاءِ رضامند نہ هئا. سردار ولڀ ڀائي پٽيل پنهنجي دل ۾ فيصلو ڪيو تہ آزادي وٺڻي هئي؛ جي سارو ملڪ هڪ ٿي نٿو رهي تہ ڀلي مسلم اڪثريت وارا صوبا مسلم ليگ جي حوالي ٿين. جنهن ڪري، هن جي انهيءَ راءِ کي وزن ڏيئي، ڪانگريس مسلم ليگ سان سمجهوتو ڪري، ورهاڱو قبول ڪيو: ملڪ جو هڪ حصو ڀارت نالي سان ڪانگريس حڪومت جي حوالي ٿيو ۽ ٻيو حصو پاڪستان نالي سان مسلم ليگ حڪومت جي هٿ ۾ ڏنو ويو.

ڀارتي حڪومت ۾ وزير اعظم پنڊت جواهر لعل نهرو ٿيو ۽ هن کي وزير داخلہ ڪري ڪيو ويو. ورهاڱي کان پوءِ ملڪ جي ٻنهي ڀاڱن ۾ هندو-مسلم فساد ٿيا، جنهن ڪري لکين ماڻهو قتل ٿيا، هزارين زالون اغوا ٿيون، ڪروڙن جون ملڪيتون تباهہ ٿيون ۽ جهلي ڏيڍ ڪروڙ کن ماڻهو پنهنجا آبائي وطن ڇڏڻ تي مجبور ٿيا. ڪي ماڻهو ڀارت ۾ فسادن کي روڪي نہ سگهڻ جي ذميواري هن تي رکن ٿا- ٽن سببن ڪري، هڪ تہ هي وزير داخلہ هو ۽ امن قائم رکڻ جي جوابداري هن تي هئي؛ ٻيو تہ هي ڪانگريس جي ساڄيءَ ڌر جو مدارالمهام هو، جي فرقہ پرست ليکيا ويا ٿي؛ ۽ ٽيون تہ هن کي اهڙا جملا بيانن ۽ تقريرن ۾ چيا، جي فرقہ پرست هندن جي همت افزائيءَ جو باعث ٿيا ٿي ويا.

وزارت ۾ اچڻ بعد جنهن دانشمنديءَ ۽ همت سان هن ڏيهي رياستن کي ڀارت ۾ ملائي ڇڏيو، اهو سندس وڏي ۾ وڏو ڪارنامو ليکجي ٿو.ورهاڱي کان پوءِ هن جي تندرستي ٺيڪ نہ رهي باوجود ان جي هو ڪم ڪندو رهيو. هي ڪجهہ وقت بيمار رهڻ بعد ١٠ نومبر ١٩٥٠ع تي بمبئي ۾ وفات ڪري ويو.

## سياسي ڪردار

سردار پٽيل لبرل خيالن جو قومپرست ليڊر هو. هي ارادي جو پڪو ۽ ذهن جو تيز هو. هر ڳالهه کي ٻڌڻ سان ترت فيصلو ڪري سگهندو هو هن کي ڪوبہ ڌوکو ڏيئي نہ سگهندو هو. سچو دوست هو. جنهن سان تعلقات ٿيس، ان جو ڪيتريءَ بہ قيمت تي ساٿ ڏيندو ايندو هو.

اها مهاتما گانڌيءَ جي ڪرامت هئي، جنهن ههڙي نوس طبع ۽ دنياوي ماڻهوءَ کي سادي زندگي گذارڻ ۽ ملڪي خدمت لاءِ حياتي وقف ڪرڻ ۽ قربانيون ڏيڻ ڏانهن راغب ڪيو.

هي پاڻ سياست عمل ۾ ويساهہ رکندڙ هو، جيتوڻيڪ سندس ليڊر، گانڌيجي، آئيڊيلسٽ هو. هو گانڌيجيءَ جي ڪيترين ڳالهين کي ناقابل عمل يا اڻ پورو سمجهي، اهميت نہ ڏيندو هو. مثلاً هندو- مسلم اتحاد تي هِن جا جدا رايا هئا. هن جي خيال ۾ هندو- مسلم جي سوال کي اهميت ڏيڻ مان فائدي بدران نقصان ٿيڻ جو انديشو هو. سندس خيال ۾، مذهبي نقطہ نگاهہ کان يا مذهبن جي الڳ الڳ هئڻ ڪري، هندن مسلمانن جي عوام ۾ نفاق هوئي ڪونہ. اهو نفاق انگريزن جي سياسي پاليسي، ۽ هندو مسلم شاهوڪار ۽ ڪاموري طبقي جي طبقاتي مفادن جي تصادم جو ڪارڻ هو. ڇي، هندو عوام ۽ مسلم عوام ۾ سياسي شعور ڪونہ هو. سندن شاهوڪار ۽ ڪامورا طبقا ئي سندن مفادن جي تحفظ ۽ اقتدار لاءِ مذهب جي نالي ۾ عوام کي برغلائي رهيا هئا.جيئن تہ اُن وقت عوام تي انهن طبقن جو تسلط هو، ۽ انهن طبقن جا مفاد متضاد هئا، تنهن ڪري هندو مسلمانن ۾ سمجهوتو ٿيڻ ناممڪن هو. هڪ ڌر ٺورو تيار ٿيندي، تہ ٻي ڌر انگريزن جي اشاري ۽ آڌار تي انڪار ڪندي. اها لڪيل ڇپ جي راند هلي هلندي، جيستائين هندستان مڪمل طرح آزاد نہ ٿي ويو هو. تنهن ڪري پهرين هندستان آزاد ڪرائجي، پوءِ سمجهوتي ٿيڻ ۾ ويرم ئي ڪانہ ٿيندي.

ڪانگريسين جو اهڙو رخ ڏسي، مسلم ليگ جي اڳواڻ قائد اعظم محمد علي

جناح کي، جو پڻ سردار پٽيل وانگر حقيقت شناس هو. ويتر شڪ ٿي پيو تہ جيڪڏهين هن وقت هندن جو مٿيون طبقو مسلمانن جي صاحب اقتدار طبقي جي حقن جي حفاظت لاءِ ڪو سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. تہ آزاديءَ کان پوءِ گڏيل هندستان ۾ هندن جي اڪثريت هئڻ ڪري اهڙي توقع رکڻ بي عقليءَ جي ڳالهہ هئي.

هِن ٻنهي مخالف ليڊرن سمجهيو ٿي تہ هندو مسلمانن جي مٿانهن طبقن ۾ شعور ۽ عوام تي تسلط هئڻ ڪري هندستاني سياست کي حال صرف انهن جي نقطہ نگاهہ کان ڏسڻ سياست عمليءَ جي تقاضا هئي. ٻنهي کي پتو هو تہ اُن وقت اجا هندستاني عملي طرح مغربي ملڪن وانگر متحده قوم بڻيا ئي ڪونہ هئا. انهن ۾ زبانن، مذهبن، ذاتين ۽ صوبائي مفاد جا اختلاف هڪ طرف هئا، تہ ڪامورن، ڪاخانيدارن، زميندارن، راجائن، مزدورن ۽ هارين جا اختلاف ٻئي طرف هئا. اهي اختلاف معاشري جي خامين ڪري پيدا ٿيل هئا. ۽ جيستائين اهو درست نہ ٿيو هو، صرف ڳالهين سان، ڌارئين راڄ هوندي، انهن اختلافن جي دور ٿيڻ جو امڪان ڪونہ هو. ان لاءِ آزاديءَ کان پوءِ، ڪافي وقت جي ضرورت هئي، جو اُهي اختلاف پنهنجي اهميت ازخود وڃائي ويهن، وغيره.

گانڌيجيءَ ۽ ڪن ٻين قومي ڪارڪنن جو رايو هو تہ ساڳئي وقت هندستان جي متحده قوم بہ ٿئي، معاشرو بہ درست ٿئي ۽ آزادي بہ حاصل ٿئي. اِها ڳالهہ هِن ٻن عملي سياستدانن عمل ۾ اچڻ جهڙي نہ ٿي سمجهي ان ڪري سردار پٽيل جو سمورو زور ان ڳالهہ تي هو تہ جنگ جي نازڪ حالت مان فائدو وٺي، انگريزن کي دٻائي، آزادي وٺجي ۽ باقي مسئلن جي فيصلي ڪرڻ جو سوال مستقبل تي ڇڏجي. انهيءَ ڳالهہ ڪري، جناح صاحب وري ساڳئي موقعي کي غنيمت ڄاتي، ڪانگريس ۽ انگريزي حڪومت جي تصادم جو فائدو وٺي، ملڪ جي ورهاڱي ۾ مسلم طبقاتي مفاد جو تحفظ ڄاتي، ان لاءِ ڪوشش ٿي ڪئي. مطلب تہ ٻئي صاحب سراسر عقل ۽ سياست عمل جا پيروڪار هئا. ٻهي کي معلوم هو تہ انگريز خوشيءَ سان مطيع ٿيڻ وارا ڪونہ هئا. ۽ منجهائن ڪم ڪڍڻ جو موقعو اهو هو. انهيءَ ڪري اُن وقت ئي هو ڪين دٻائي ڪم ڪڍي سگهيا ٿي. سياست عملي هِن انهيءَ سوديبازيءَ ۾ ڏٺي: يعني جيئن هڪ طرف ڪانگريس ۽ ٻن انگريزن کي دٻائي هڪ طرفو فيصلو ڪرائڻ گهريو ٿي، تہ مسلم ليگ وارن وري ٻئي طرف دٻائي ورهاڱو

ڪرائڻ تي گهريو.

نيٺ جڏهن جنگ کان پوءِ انگريزن آزادي ڏيڻ قبولي، بشرطيڪ هندومسلم ڪنهن ناهہ تي اچن. تڏهن ڪين وري خيال هو تہ هي ٻئي ناهہ تي ڪونہ ايندا؛ ان ڪري هو پاڻ ملڪ تي ڪجهہ وقت وڌيڪ حڪمران رهي سگهندا. ليڪن سردار پٽيل جي دور نظر ۽ حقيقت شناسيءَ ان ڳالهہ کي تاڙي ورتو ۽ ڪانگريس کان هندستان جي ورهاڱي جو اصول قبول ڪرائي ورتائين.

ڪن جو چوڻ آهي تہ سردار پٽيل ملڪ جو ورهاڱو هيٺين خيالن جي اثر هيٺ قبوليو هو: (١) مسلم ليگ جا اڳواڻ مسلمانن کي مذهبي نفرت جي بنياد تي جدا قوم ٺهرائي،سندن مٿئين طبقي جي مفاد لاءِ ملڪ ورهائي، جدا حڪومت قائم ڪرڻ گهرن ٿا. ليڪن ورهاڱي بعد انهيءَ پاليسيءَ ڪري، هندستاني مسلمانن ۾ پاڪستان وڃڻ جي ڪشش ٿيندي، انهن سڀني مسلمانن لاءِ پاڪستان ۾ جاءِ نہ ٿيندي. پاڪستان جي مالي حالت اهو بوجو گهڻو وقت برداشت ڪري نہ سگهندي. نتيجو اهو نڪرندو تہ اها مذهبي نفرت تي ڪڙي ڪيل عمارت ڊهي پوندي. (٢) پاڪستان جي حاصل ڪرڻ لاءِ جي ذريعا ڪتب آندا ويا هئا، يعني هندن جي خلاف نفرت، مذهب جي نالي ۾ اشتعال ۽ انگريزن سان سوديبازي، سي ملڪ جي جدا ٿيڻ بعد چڱا نتيجا نہ ڪيندا. پاڪستان مان هندن جي نڪري وڃڻ بعد، اُتي اهو ساڳيو حربو حڪمران طبقي جي خلاف ڪتب آندو ويندو. مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ ڪري آهستي ٿي ٿي، عوام تان مذهبي اثر گهٽ ٿي ويندو ۽ منجهن لاديني وڌندي، جا اڳتي هلي ڪين پارت سان سمجهوتي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندي. (٣) ڌاريون حڪومتون آباديءَ جي لحاظ، تعليمي ترقيءَ ۽ پيسي ڪري، پارت جي دوستيءَ کي ترجيح ڏينديون؛ ۽ ٻئي پاسي پاڪستاني پنهنجيءَ ڦرندڙ گهرندڙ پاليسيءَ ڪري بين الاقوامي وقار وڃائي ويهندا، ۽ لاچار هو مجبور ٿي سندن مفاد خاطر پارت سان ناهہ ڪندا. (٤) مسلمانن ۾ جناح صاحب کان سواءِ ٻيو ايڏيءَ لياقت ۽ اهليت وارو ماڻهو ڪونہ آهي ان کان پوءِ پاڪستان ۾ انتشار سبب حڪومتون بدلجنديون رهنديون. لاچار ٿي، ملٽري حڪومت قائم ٿيندي، جن ۾ پنجابين جي اڪثريت رهندي. اهي طاقت جي گهمنڊ ۾ اچي،

بنگال، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحدي رهاڪن کي هڪ طرف ناراض ڪندا ۽ جنگجو ذهنيت هئڻ ڪري ڀارت، افغانستان ۽ روس سان اختلاف پيدا ڪري جيان واڻگر خودڪشي ڪندا، وغيره وغيره.
ازانسواءِ هن جو اِن ڳالهه ۾ ويساهه هو تہ "لتر کي چڪر پهچي سگهي ٿو".
جڏهن ورهاڱي کان پوءِ ٻنهي طرف، ڪن ناعاقبت انديش ماڻهن جي روش ڪري، هندو مسلم فساد ٿيا، تہ ٻنهي طرف جي مکيہ ليڊرن يعني مهاتما گانڌيءَ ۽ قائد اعظم جناح صاحب انهن جي گهٽائڻ ۽ هند مسلم سمجهوتي آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪئي. جناح صاحب تہ پاڪستان آئين ساز اسيمبليءَ جي افتتاحي تقرير ۾ ان جو اظهار ڪري ڇڏيو هو. ليڪن سردار پٽيل کي اهو يقين ٿي نٿي ٿيو تہ مسلم ليگي هيتري قدر نفرت ۽ نفاق جي اشتعال کان پوءِ يڪدم بدلجي ويا هوندا. ڀارت ۾ جيڪي هندو مسلم فساد ٿيا ٿي، تن جو ذميوار بہ هُن اتي جي مسلمانن کي ٺهرايو ٿي. ڇي، مسلمان عوام اڪثري ليگي هئا، هنن جي گهر ڪري ملڪ تقسيم ٿيو هو، هنن جي حقيقي جاءِ پاڪستان ۾ هئي، وغيره. طاقت ۽ ضد ڪري ماڻهوءَ جو دماغي توازن ٺيڪ نٿو رهي. هي وزير داخلہ هو. جڏهن مسلمان وٽس داد خواهيءَ لاءِ وڃڻ لڳا، تہ چند گفتا اهڙا ڪڍيائين، جي سندس لبرل روايات ۽ عهدي جي شايان شان نہ هئا.
آزاديءَ کان پوءِ، هن سمورو توجهہ ڀارت کي متحد ۽ منظم ڪرڻ طرف ڪيو. هن جي خيال ۾ ڀارت جي مضبوطيءَ ۽ اتحاد جي راهہ ۾ ٽي رڪاوٽون هيون: (١) راجائون، (٢) فرقہ پرست مسلمان، (٣) پاڪستاني حڪومت جي پاليسي.
پهريائين هن جملي رياستن کي ختم ڪري، ڀارت جي انتظامي ضابطي هيٺ آڻڻ طرف توجهہ ڏنو، ۽ نيٺ ڀارت جي گورنر جنرل جي مدد، سياسي تدبير ۽ تاليف قلوب سان، هُن سيني رياستن کي ملڪ سان ملائي ڇڏيو. حيدرآباد دکن ۾ چند مسلمانن قاسم رضويءَ جي رهبريءَ هيٺ مقابلو ڪيو، پر ان کي زوريءَختم ڪرڻ هن لاءِ ڏائي هٿ جو کيل ثابت ٿيو. ساڳي حالت جهونا ڳڙهہ جي ٿي. اتي نواب صاحب ڪجهہ ٻين راجائن جي حشر جي ڊپ کان ۽ ڪجهہ ڪن پنهنجن مشيرن جي صلاح سان پاڪستان سان الحاق ڪيو، ليڪن هُن زوريءَ لشڪر موڪلي هِن رياست کي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو.

ڪشمير جي راجا جي ذاتي پسند ۽ ناپسند ۽ ڦرندڙ گهرندڙ رويي سبب ان رياست جو آخري فيصلو هو ڪرائي نہ سگهيو. ۽ ان رياست بابت اجا تائين ٻنهي ملڪن ۾ اختلاف هلي رهيا آهن ان دور ۾ ہڏڻ ۾ آيو هو تہ پاڪستان جي ڪن نوابن بہ ڀارت سان الحاق بابت هن سان ڳالهيون ان شرط تي ڪرڻ گهريون تہ سندن رياستن کي بحال رکيو ويندو. ليڪن هن جواب ڏنو تہ هو ڀارت جي راجائن مان ئي ڪڪ هو. جن کي ختم ڪرڻ گهريائين ٿي، سو ڪهڙيءَ طرح ٻاهرين کي پاڻ سان ساڳيءَ حالت ۾ رکڻ لاءِ رضامند ٿي سگهيو ٿي.

فرقہ پرست مسلمانن سان هُن صاف گوئيءَ سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. چي، ڀارت هندو مسلمانن جي جداگانہ قوميت جي بنياد تي ورهايو ويو هو؛ مسلمانن پنهنجي لاءِ جدا "هوم لئنڊ" گهري ٿي، اهو کين ملي چڪو هو؛ هاڻ يا اسان جي شرطن تي هتي رهڻو هون يا پنهنجي وطن وڃڻو هونِ. لکها هندو پاڪستان کان ايندا ڏسي، هن جي دل گهريو ٿي تہ ايترا يا ان کان بہ گهڻا، بلڪ جي ٿي سگهي تہ سڀ، مسلمان ڀارت مان هليا وڃن. مهاتما گانڌيءَ، پنڊت نهروءَ ۽ مولانا آزاد جي ڪري ڀارتي حڪومت کي سيڪيولر حڪومت بنايو ويو ۽ هيءُ انڪار ڪري نہ سگهيو. ليڪن صاف طور ظاهر ڪندو رهيو تہ هندستان جي مسلمانن مذهبي بنيادن تي ملڪ جو ورهاڱو ڪرايو هو. پاڪستان ۾ مذهبي طريقي جي حڪومت قائم ڪئي ويئي هئي جتي هندن ۽ ڀارت لاءِ ساڳي نفرت جي پاليسي هلائيندا ٿي رهيا؛ ان ڪري هندو پاڪستان ۾ رهي نہ سگهندا ۽ سڀيئي ڀارت ۾ لڏي ايندا. جن لاءِ مسلمانن کي جاءِ خالي ڪرڻي هئي. سندس چوڻ موجب ڀارتي مسلمانن کي هيءَ ڳالهہ صاف ذهن ۾ وهارڻي هئي تہ هو ڀارتي حڪومت جو حصوهئا ۽ اُتي انهن جي جدا حقن جو سوال ئي نٿي نڪتو. يعني هنن کي ان ڏان پوءِ ڀارت ۾ ثانوي حيثيت قبول ڪري رهڻو هو يا نڪري وڃڻو هو. آزاديءَ کان پوءِ مسلمانن خلاف هندو عوام ۾ ناراضگي پيدا ٿيڻ لاءِ ڪيتري قدر سندن گذشتہ روايات جوابدار هيون ۽ ڪيتري قدر سردار پٽيل جي پاليسي جوابدار هئي، ان جو پورو اندازو لڳائڻ آئنده تاريخ جو هڪ دلچسپ ۽ سبق آموز موضوع رهندو.

سندس چوڻ موجب ملڪ جو ورهاڱو هُن حالتن کان مجبور ٿي ڪيو هو. ان

جو مثال اهڙو ئي سمجهائين، جيئن ڪنهن بيمار عضوي کي وڍي ڇڏبو آهي، بعد ۾، باوجود جناح صاحب جي پهرينء مدبرانہ تقرير جي، هن کي پاڪستاني حڪومت جي پاليسي ڀارت جي خلاف ڏسڻ ۾ آئي ٿي. ان ڪري هو پاڪستاني حڪومت سان ڪابہ رعايت ڪرڻ لاء تيار نہ هو. گانڌيجي جيڪڏهن زوريء پاڪستان حڪومت کي نہ ڏياري ها، تہ هي هوند ڪنهن بہ صورت ۾ اهي پيسا پاڪستان کي ڏيارڻ نہ قبول ڪري ها. هو گانڌيجيء ۽ پنڊت نهروء جي پاڪستان ۽ مسلمانن سان فراخدليء جي پاليسيء جي خلاف هو. هُن ان کي ڀارت جي يڪجهتيء، سلامتيء ۽ سياست عمل جي خلاف ٿي سمجهيو. ڇي، باوجود گذريل ڇاليهہ سالن جي محنت ۽ ڪوشش جي، ڪانگريس مسلم ليگ ڪارڪنن کي رضامند ڪري نہ سگهي هئي؛ ۽ اڃا بہ ساڳيء طرح ڪوشش ڪندو رهڻ، بيڪار هو.

حقيقت هيء هئي تہ ڪانگريس جي مکيہ ڪارڪنن، جهڙوڪ گانڌيجيء، پنڊت نهروء ۽ مولانا آزاد، ورهاڱي کي خوشيء سان قبول ئي ڪونہ ڪيو هو. سردار صاحب ان کي قبول ڪيو هو. ليڪن انهيء خيال سان تہ پاڪستان هلي نہ سگهندو ۽ نيٺ وري ملڪ گڏبو. ڪانگريس جا هي ٻئي گروهہ ان ورهاڱي کي عارضي سمجهڻ لڳا هئا پهرئين گروهہ تاليف قلوب ۽محنت ذريعي پاڪستان جي حڪومت ۽ مسلمانن کي پنهنجو ڪرڻ گهريو ٿي، ۽ سردار صاحب ان کي سختيء سان ملائڻ جي فائدي ۾ هو. هن جو خيال هو تہ پاڪستان مسلمانن جي جداگانہ قومي نظريي، هندن خلاف نفرت ۽ مذهب جي نالي ۾ قائم ڪيو ويو هو ۽ آئينده بہ انهن بنيادن تي قائم رهي سگهڻ وارو هو. ڀارت جي سيڪيولر پاليسي ۽ پاڪستان جي فرقہ وارانہ پاليسي ٻئي متضاد هيون. ان ڪري ٿوري گهڻي ڏينهن انهن ۾ تصادم ضرور ٿيڻ وارو هو. ان ڪري هينئر ئي ان آخري جهيڙي لاء تيار رهڻو هو. هن کي انهيء معاملي ۾ ڪنهن بہ خوشامد ۽ نرمائيء جي پاليسيء مان فائدي ٿيڻ جو امڪان ڪونہ ٿي نظر آيو. سياست عمل جو سياستدان پنهنجي حرفت ۽ عقل جي گهمنڊ ۾ ئي ورتل رهي ٿو. هن جي خيال ۾ هيء ڳالهہ مشڪل سان اچي سگهي ٿي تہ:

من درچہ خيالم و فلک درچہ خيال!



سر سید احمد خان

(۱۷- اکتوبر، ۱۸۱۷ء — ۲۷- مارچ، ۱۸۹۸ء)

# ٦- سر سيد احمد خان بن مير تقي دهلوي عليڳڙهه

سيد صاحب جو جنم ١٧ آڪٽوبر ١٨١٧ع تي ٿيو، ۽ ٢٧ مارچ ١٨٩٨ع تي وفات ڪيائين. ڪيس ٢٠ صديءَ جي مسلمان ليڊرن ۾ شمار ڪرڻ ظاهري طرح عجيب پيو معلوم ٿئي. ليڪن هندستان جي جديد مسلم سياست جي پس منظر معلوم ڪرڻ لاءِ هُن جي زندگيءَ جو احوال ڏيڻ لازمي آهي. سچ تہ اهو آهي تہ هندستان جي ١٨٥٧ع واريءَ آزاديءَ جي جنگ کان وٺي اڄ تائين اُتان جا مسلم سياسي ۽ مذهبي نظريا هُن جي ئي ظاهر ڪيل خيالن ۽ راين مطابق هلي رهيا آهن. پوءِ جا جملي مسلم ليڊر جهڙوڪ مولانا محمد علي، علامہ اقبال ۽ قائد اعظم محمد علي جناح هن جي پيش ڪيل خيالن ۽ پاليسيءَ جي نقش قدم تي پئي هليا آهن. تنهن ڪري برصغير جي مسلم سياست کي پوريءَ طرح پرکڻ لاءِ هن جو احوال معلوم ڪرڻ ازحد ضروري آهي.

هن هندستاني مسلمانن جي هيٺين ڳالهين ۾ رهبري ڪئي:

(١) مغربي تهذيب، علم ۽ سائنس جو صحيح اندازو لڳائي، قرآن ۽ اسلام جي انهن جي روشنيءَ ۾ تعبير ڪري، مسلمانن کي انهن مان بهره ياب ٿيڻ لاءِ آماده ڪرڻ ۽ تيار ڪرڻ.

(٢) مغربي قومن جي مادي ترقي، ملٽري نظام، نون هٿيارن ۽ صلاحيت کان مرعوب ٿي، هندستاني مسلمانن کي انگريزن جي دوستيءَ ۽ وفاداريءَ جي ترغيب ڏيڻ.

(٣) اُن لاءِ هندستاني مسلمانن کي جداگانہ قومي حيثيت قائم رکي، هندستان جي قومي تحريڪ (ڪانگريس) کان علحده رهڻ جو مشورو ڏيڻ.

(٤) مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جي حصول لاءِ عليڳڙهہ ۾ ڪاليج برپا ڪري ان کي نئين تحريڪ جو مرڪز بنائڻ.

ان سان گڏ اهو ڄاڻڻ بہ ضروري آهي تہ مسلمانن ۾ ٻئي مڪتب

فڪر جا ماٿهو بہ هئا، جن جي شروعات شاهہ ولي الله دهلويءَ ڪان ٿي، جنهن جا روح روان ان وقت حضرات علماء ديوبند هئا. جن جو نقطہ نگاهہ سر سيد احمد خان جي مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين ڪان علحده هو. سندن چوڻ هو تہ مسلمانن جي پستيءَ ۽ تنزل جا مکيہ ڪارڻ هيٺيان هئا:

(١) هنن اسلام جي بنيادي توحد، سادگيءَ ۽ قديم روايات کي ڇڏي، عجمي اثرن هيٺ ان ۾ بدعتون پيدا ڪيون هيون؛ تنهن ڪري اسلام جي عروج ۽ غلبي لاءِ اها ڳالهہ نهايت ضروري هئي تہ قرون اولي جي روايات طرف راغب ٿجي.

(٢) مغربي قومون مسلمان ملڪن تي مسلط ٿي، انهن جي آزاديءَ، تهذيب ۽ ترقيءَ ۾ ڪاوٽ وجهي رهيون آهن؛ ان ڪري اتحاد اسلاميءَ ذريعي آزادي حاصل ڪري، مسلماني تهذيب ۽ تمدن کي نئين سر زندهہ ڪجي.

(٣) انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ مشرقي ملڪن جي ٻين قومن سان بہ تعاون ڪجي.

(۴) انهيءَ تحريڪ جو مرڪز ديوبند رهيو، ۽ مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جي حصول لاءِ اتان ڪوشش ٿيندي رهي.

جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪبو تہ باوجود انهيءَ جي ٻئي تحريڪون پنهنجن مقصدن ۾ متضاد هيون، پر ٻنهي هڪٻئي ڪان پرايو هو. مثال‌طور:-

(١) سيد عابد حسين جو چوڻ آهي تہ ديوبند جو باني مولانا محمد قاسم نانوتوي ۽ سر سيد احمد خان،عليگڙهہ جو باني، ٻئي هڪ ئي استاد جا شاگرد هئا. ليڪن ڪن محققن ان سان اتفاق نہ ڪيو آهي. ساڳئي وقت سر سيد، بقول مصنف "حيات جاويد" ، پاڻ چوي ٿو تہ منهنجن ناناڻن کي شاهہ عبدالعزيز ۽ ان جي خاندان سان عقيدت هئي.

(٢) مسٽر بشير احمد دار پنهنجي ڪتاب "ريليجس ٿاٽ آف سر سيد" ۾ لکيو آهي تہ سر سيد جي مذهبي خيالن ۾تجديد جو سلسلو شاهہ ولي الله سان ملي ٿو.

(٣) خود سر سيد احمد خان هڪ هنڌ چوي ٿو تہ "آءٌ پاڻ وهابي

آهيان؛ وهابي ٿيڻ ڏوهہ نہ آهي.“

مولانا ابوالڪلام آزاد جي احوال ۾ ڄاڻائي آيو آهيان تہ جيتوڻيڪ سياسي مسلڪ ۾ ٻئي جدا هئا، تہ بہ سر سيد احمد خان جي مذهبي تعليم ۽ خيالات جو خود هُن تي بہ نمايان اثر هو.

هندستاني مسلمانن جو ٻيو مقتدر رهنما، مولانا محمد علي، بہ هن جي خيالات کان ڪجهہ قدر مستفيد ٿيو. هن جو خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺڻ، مسلمانن جي جداگانہ قومي نظام ۽ نظريي جو هڪ نتيجو هو، ۽ ان نظريي جو بنياد سر سيد احمد خان وڌو.

علامہ شيخ محمد اقبال بہ انهيءَ نقطي کي پنهنجي بي نظير فلسفيانہ شاعريءَ جي لباس ۾ هندستان جي مسلمانن اڳيان پيش ڪيو.

مسلمانن هند جي چوٽين مقتدر اڳواڻ، قائد اعظم محمد علي جناح، بہ انهيءَ هڪ نقطي جي بنياد تي پاڪستان تحريڪ جي تشڪيل ڪئي، ۽ پاڪستان قائم ڪيو.

جنهن صورت ۾ هِن آخر ۾ ذڪر ڪيل ٽنهي صاحبن جي زندگيءَ جو جدا احوال اڳتي ڏيڻ وارو آهيان، هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو تہ اُهي سڀئي سر سيد احمد خان جي مسلمان جداگانہ قومي هستي قائم رکڻ واري خيال جا مرهون منت آهن.

ايتري تعارف کان پوءِ آءٌ هيٺ سر سيد احمد خان جي شخصي زندگيءَ، مذهبي عقائد، سماجي خدمات ۽ سياسي ڪردار جو ذڪر ڪريان ٿو، جيئن پڙهندڙن کي پتو پئجي سگهي تہ جن مسلم سياستدانن جو ذڪر اڳتي پيش ڪندس، اُهي ڪيتري قدر، سندس انهيءَ فيض جي چشمي مان سيراب ٿيا.

(١) هندوستاني مسلمان ائينہ ايام ۾“ ص ٦٨ (٢) ”هندستاني مسلمان...“ ص ٦٣ (٣) ”حيات جاويد“ ص ٢٣٢

## شخصي زندگي

هي دهليءَ ۾ ١٧- آڪٽومبر ١٨١٧ع تي سيد خاندان ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو مير تقي، سندس ڏاڏي جو سيد هادي نالو هو. سندس نسب جو سلسلو امام محمد تقي بن امام موسيٰ رضا سان ملي ٿو.

هن جو وڏو ڏاڏو شاهه جهان مغل شهنشاهه جي دور حڪومت ۾ هرات کان هندستان آيو، جنهن کان پوءِ هو ۽ سندس پونير مغل سرڪار جي نوڪري ڪندا رهيا.

سر سيد احمد خان قرآن شريف هڪ گهرو استاد مائيءَ وٽ پڙهيو. فارسي ۽ عربي، مڪتب ۾ مولوين وٽ حاصل ڪيائين. سندس والد ١٩٣٨ع ۾ وفات ڪئي. ان بعد هي گذر معاش لاءِ انگريز سرڪار جي نوڪريءَ ۾ فوجداري ڪي ۾ سروس ڪرڻ لڳو، جنهن ۾ ترقي ڪندو سب جج جي عهدي تي پهچي، ان تان پينشن ۾ ويو.

هن جي زندگيءَ جا مکيه ڪارناما هيٺيان هئا:

(١) فوجداري قانون ۾ مهارت پيدا ڪرڻ ڪري پنهنجن عملدارن وٽ مقبول رهيو.

(٢) نوڪريءَ جي سموري عرصي ۾ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪندو رهيو. مختلف مضمونن تي ڪيترا ڪتاب لکيائين. دهلي شهر ۽ آسپاس جي قديم عمارتن جي احوال تي ڪتاب "آثار صناديد" نالي سان لکيائين. ان ڪتاب جا يورپ جي ڪيترين ٻولين ۾ حوالا ڇپيا، جنهن ڪري هن کي رائل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جو آنرري ميمبر نامزد ڪيو ويو، جا ڳالهه انهيءَ وقت وڏيءَ اهميت واري سمجهي ويندي هئي. "آئين اڪبري" کي درست ڪري ڇپڻ لاءِ ڏنائين.

(٣) ١٨٥٧ع جي جنگ آزاديءَ (بغاوت هند) ۾ هن صدق دل سان انگريزي حڪومت جي مدد ڪئي.

(۴) ان جنگ کان پوءِ جڏهن انگريزي حڪومت مسلمانن تي سختي ڪرڻ شروع ڪئي، هن، سرڪاري نوڪريءَ ۾ هوندي، هڪ ڪتاب

"اسباب بغاوت هند" نالي لکيو، جنهن ۾ بغاوت جي اصلي ڪارڻن جو ذڪر ڪري، ان کي معمولي سببن جو نتيجو ۽ فوج جي بغاوت قرار ڏنائين. اهو ڪتاب ڇپائي، هُن برٽش پارليامينٽ جي ميمبرن ڏي موڪليو. ان ڪتاب ۾ مسلمانن کي انگريزن جو وفادار ڄاڻائي، هن انگريزن کي ٿڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

(۵) ۱- اپريل ۱۸٦۹ع ۾ پٽن کي پڙهائڻ لاءِ انگلنڊ وٺي ويو. جتي ۱۸ مهينا رهيل هو. ان عرصي ۾ هن اسلام تي هڪ ڪتاب لکي، انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائي ڇپايو، جنهن ۾ عيسائيت ۽ اسلام کي نزديڪ آڻڻ ۽ منجهانئن هڪٻئي بابت غلط فهمين دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل هئي. اتان ۲- آڪٽوبر ۱۸۷۰ع تي هي هندستان واپس آيو.

(٦) هن اسلام جي نئين تشريح جي سلسلي ۾ ڪيترا مضمون لکيا، جي پوءِ "خطبات احمدي" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپيا.

(۷) هن ڪجهه تبديليءَ سان يوروپي لباس پائڻ جو رواج وڌو ۽ ڪاڏو ٻيتو ٻه انهيءَ طرز تي کائڻ لڳو.

(۸) هُن قديم روايات ۽ معنائن جي برعڪس، قرآن شريف ۾ ظاهري طور خلاف عقل آيل ڳالهين جي نئين سر تاويل ۽ معنيٰ ڪري، چند قراني سورتن جو تفسير لکيو، جنهن ۾ انهن ڳالهين جي معنيٰ عقل مطابق ٻيهاريائين. جهڙوڪ (الف) اصحاب فيل جي مڪي تي حملي وقت، جا اڳي معنيٰ ڪئي ويندي هئي ته آسمان مان ابابيل پکين اچي هاٿين مٿان پٿريون وسائي کين تباهه ڪيو هو. ان جي معنيٰ اها ڪيائين ته ماتا جي بيماريءَ پوري ڪري هو مري کپي پوئتي موٽي ويا. (ب) قرآن شريف ۾ لکيل هو ته مٿي ست آسمان چنين وانگر هڪٻين جي مٿان بيٺا هئا؛ ان جي معنيٰ ڪيائين ته اهو ذڪر نظام شمسيءَ جي ستن سيارن جو هو، جي هڪٻئي کان وڏيڪ سچ کي ويجها پري هئا. (ج) تي ڳالهه جا قرآن ۾ حضرت موسيٰ جي معجزي بابت هئي ته هن جبل ۾ لٺ هئي، پنهنجن پوئلڳن لاءِ پاڻيءَ جا ۱۲ چشما پيدا ڪيا هئا- ان جي معنيٰ اها ڪيائين ته جبل ۾ گهمي چشما ڳولي لڌائين. (د) چوٿين ڳالهه، جا قرآن ۾ لکيل هئي ته حضرت موسيٰ جي تعاقب ۾ فرعون

لشڪر سميت پڌي مٿو هو- ان کي معجزي قرار ڏيڻ جي عيوض تاريخي حقيقت ۽ اتفاقي حادثو ڄاڻايائين. اهڙيءَ طرح سان ملائڪن، شيطانن، جنن جي معنيٰ ۽ تشريح عقل مطابق ڪيائين. انهن سندس معنائن خلاف مولوين ۽ ملن وڏو هنگامو مچايو، پر هن ان جي پرواهہ نہ ڪئي.

(۹) ان ڪان سواءِ رسالي "تهذيب الاخلاق" ۾ ڪيترين ڳالهين تي جديد خيالات جا مضمون لکي، مسلمانن کي نئينءَ روشنيءَ جي نون مسئلن بابت سمجهائين ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائين.

(۱۰) نوڪريءَ جي عرصي ۾ جتي بہ ويندو هو، تہ هاءِ اسڪول يا مڊل اسڪول کولائي، تعليم جي واڌاري لاءِ ڪوشش ڪندو هو. انهن اسڪولن جي سنڀال لاءِ انجمنون برپا ڪندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ عليڳڙهہ ۾ مسلمانن جي تعليم لاءِ ڪاليج برپا ڪيائين، جتي مسلمان طالب علمن جي رهڻ جو انتظام ڪيائين. ان ۾ مسلمانن جي جداگانہ قوميت جي بنياد تي تعليم ۽ تربيت جو انتظام ڪيائين. ان ڪاليج جا پرنسپال انگريز رکندو هو، جي اُتي مسلمانن کي انگريزن جي وفاداريءَ طرف راغب ڪرڻ جي پاليسي هلائيندا رهندا هئا.

(۱۱) مسلمانن کي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيڻ ڪان روڪي، ڪين جداگانہ سياسي تنظيم قائم ڪرڻ لاءِ رغبت ڏياريائين، جنهن جو مکيہ مقصد انگريزن جي وفاداريءَ ذريعي مسلمانن لاءِ ڪن فائدن ۽ سهوليتن حاصل ڪرڻ جو هو.

هي انهيءَ زماني ۾ پيدا ٿيو هو، جڏهن مغربي قومون، سندن جديد علم، سائنس، نون هٿيارن، هنري ترقيءَ ۾ ملٽريءَ جي اعليٰ نظام ڪري، مشرقي ملڪن تي ڇانئجي، ڪين پنهنجي تسلط هيٺ آڻي رهيون هيون. مسلمان حڪومتون هڪبئي پٺيان ڪمزور ٿي، سندن زير اثر اچي رهيون هيون. ساريءَ مسلم دنيا جا مفڪر مسلمانن جي هن پستيءَ ۽ تنزل جي ڪارڻن کي ڳولي، سندن نشات ثانيہ (نئين سجاڳيءَ لاءِ طريقا سوچي رهيا هئا.

اُهي اصلاح ۽ نئين سجاڳيءَ جا خواهشمند حضرات فڪر جي پن مڪتبن ۾ ورهائجي ويا هئا. هڪڙن جو رايو هو تہ انهيءَ ساريءَ پستيءَ ۽

مجتهد هو. سندس خيال مطابق، دنيا جي تاريخي ارتقا کي پوئتي هٽائي، قرون اولي طرف وڃڻ قانون فطرت جي خلاف هو. هندستاني مسلمانن جي ترقيءَ جو راز ان ۾ لڪل هو تہ ڪجھہ عرصي لاءِ ادب ۽ احترام سان گوڏا ٽيڪي، مغربي تهذيب جي علمبردار ۽ حڪمران برٽش سرڪار کان ڪجھہ سکن ۽ ان جي وسيلي اقتصادي ترقي حاصل ڪن. ملڪ جي سياسي آزاديءَ لاءِ اڃا حالتون موزون نہ هيون. انگريزن جي برتريءَ، هندن جي اڪثريت، ۽ مسلمانن جي پستيءَ هن کي مرعوب ڪري ڇڏيو هو. هن جي ساري پاليسي پرئڪٽيڪل پاليٽڪس (سياست عمل) ۽ حالات حاضره جي حقيقتن تي ٻڌل هئي. مستقبل ۾ حالتون ڪهڙو ڦير ڪائڻ واريون هيون، هندستان جي آزادي ڪهڙيءَ طرح حاصل ٿيڻ واري هئي، انهن سوالن کي هن حال سان واسطو نہ رکندڙ ڄاڻي، مستقبل جي مفڪرن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيو هو.

هن جي نگاھہ ۾ صرف هيٺيون ڳالهيون موجود هيون:

(١) مسلمانن جي مٿاهين طبقي جي حقن جي حفاظت ۽ (٢) مغربي تهذيب ۽ تعليم جو حصول، جنهن صورت ۾ اهي ٻئي ڳالهيون انگريزن جي معرفت حاصل ٿي سگهڻ واريون هيون تنهنڪري انهن جي دوستي ۽ وفاداري ان لاءِ لازمي شرط هئا. سندس آئينده جا مکيہ ڪم انهيءَ اثر هيٺ سرزد ٿيا.

هي ١٨٣٨ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو. ١٨٧٦ع ڌاري پينشن تي لٿو. انهيءَ عرصي ۾ دهلي، بجنور، مراد آباد، غازي پور ۽ عليڳڙھہ ۾ نوڪري ڪيائين. جتي بہ ويندو هو تہ مڪاني تعليم لاءِ مڊل اسڪول قائم ڪرائيندو هو. ان وچ ۾ محمدن ائسوسئيشن، محمدن ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس، ۽ پيٽرياٽڪ ائسوسئيشن قائم ڪيائين، جي سيئي مسلمانن جي مٿاهين طبقي جي حقوق جي حفاظت ۽ تعليم لاءِ ڪوشش ڪندڙ هيون. عليڳڙھہ مدرسو هن پهرين جون ١٨٧٥ع تي جاري ڪيو. ان کان پوءِ ان کي ڪاليج جي صورت ڏيڻ لاءِ، هن ١٨٧٨ع ۾ لارڊ لٽن، وائسراءِ هند، کان عليڳڙھہ ڪاليج جو سنگ بنياد رکارايو. پوءِسارو وقت ڪاليج جي عمارتن ٺهرائڻ، ان لاءِ پيسي گڏ ڪرڻ ۽ ان کي ڪامياب بنائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. مدرسي جي چندي لاءِ جڏهن بہ سفر ڪندو هو، تہ اهو خرچ پنهنجي

ڪيسي مان ڪندو هو.

سنڌس علمي لياقت، وفاداريءَ نون خيالن ڪري، هيءُ انگريزي حڪومت جو دلدادو بنجي ويو. هن کي ١٨٧٨ع ۾ لارڊلٽن، وائسراءِ هند جي ليجسليٽو ڪائونسل تي ميمبر نامزد ڪيو، جتي ڪيترائي بل پيش ڪيائين ۽ عمديون تقريرون ڪيائين. ١٨٨٢ع ۾ هن ايڊيوڪيشن ڪميشن اڳيان شاهدي ڏني، جنهن ۾ نهايت ڪارآمد تجويزون پيش ڪيائين. ڪيس لارڊ ڊفرن ١٨٨٧ع ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ۽ هن کي ١٧٨٨ع ۾ سر (K.C.S.I) جو خطاب مليو.

هن کي سنڌس علمي ۽ قانوني لياقتن ڪري، ايڊمبرا يونيورسٽيءَ ١٨٨٩ع ۾ ڊاڪٽر آف لا جي آنرري ڊگري عطا ڪئي.

عليڳڙھ ڪاليج ۾ هن مسٽر ٿيوڊوربيڪ، هڪ سامراجي ذهنيت جي انگريز کي نومبر ١٨٨٣ع ۾ پرنسپال ڪري رکيو، جنهن سر سيد احمد خان جي انگريز دوستيءَ، شرافت ۽ اعتبار جو فائدو ورتو، اهڙي پاليسي هلائي، جو آئينده لاءِ هي ڪاليج رجعت پسند، توڙي انگريزن جي وفادار تعليم يافته گروھ پيدا ڪرڻ جو ادارو ٿي پيو. خود سر سيد احمد خان تي به هن انگريز جو اثر گهڻو ٿي ويو. انهيءَ ئي ڪيس ڪانگريس جي مخالفت لاءِ آماده ڪيو. اهو ئي سنڌس پوئين زماني جي سياسي پاليسيءَ لاءِ جوابدار هو.

سر سيد احمد خان، ڪجھ وقت بيمار رهڻ بعد، ٨١ ورهين جي عمر ۾ ٢٧- ماچ ١٨٩٨ع تي عليڳڙھ ۾ وفات ڪئي، ۽ اتي ئي ڪاليج جي مسجد ۾ مدفون آهي.

سيد صاحب جي تعليمي، ادبي ۽ سماجي خدمات جو مختصر ذڪر ڪري آيو آهيان. آن جي مفصل احوال معلوم ڪرڻ لاءِ سنڌس سوانح عمرين، خاص ڪري مولانا حاليءَ جي لکيل ڪتاب "حيات جاويد" کي پڙهڻ گهرجي. هتي آءٌ سنڌس مذهبي ۽ سياسي نقطه نگاهن جو ذڪر ڪندس، ڇاڪاڻ ته هن ڪان پوءِ هندستان جي مسلمانن جو مذهبي فڪر ۽ مسلم سياست سنڌس ئي ايجاد ڪيل نظرين ۽ خيالن جي بنياد تي تعمير ٿي.

## سنڌس مذهبي نقطہ نگاهہ

سر سيد احمد خان فارسيءَ ۽ عربيءَ مان چڱي طرح واقف هو. ليڪن ڪنهن مدرسي ۾ مقرر ڪيل مذهبي درس موجب سند حاصل ڪري، صاحب دستار مولوي ڪونہ ٿيو هو.

هن مطالعو گهڻو ڪيو هو. خداداد ذهانت ڪري هي مذهبي ڳالهين ۾ چڱي مهارت حاصل ڪري ويو هو.

هن جو واسطو شاهہ غلام علي ۽ شاهہ عبدالعزيز جي خاندان سان هو، ان ڪري آزاد خياليءَ جي اڳيئي سَٽي پيل هيس.

شاهہ غلام عليءَ جو اصلي نالو عبدالله بن عبداللطيف هو. ١١٥٦هہ (١٧٤٣ع) يا ١١٥٨هہ (١٧٥٤ع) ۾ بٽالہ يا پٽيالہ ۾ پيدا ٿيو. ميرزا مظهر جانجانان جو مريد ۽ خليفو هو. پوءِ دهليءَ ۾ رهڻ لڳو. سر سيد احمد خان آثار صناديد (صفح ١١-٥١) ۾ لکي ٿو تہ "سندس فيض مان سڄي ملڪ کي فائدو پهتو، ۽ مختلف ملڪن جي ماڻهن هن جي بيعت ورتي. مون حضرت جي خانقاه ۾ پنهنجي اکين سان روم، شام، بغداد، مصر، چين ۽ حبش جي ماڻهن کي ڏٺو هو تہ حاضر ٿي بيعت ورتي هئائون. حضرت جي خانقاهہ ۾ ٥٠٠ فقيرن کان گهٽ نہ رهندا هئا. سيني جي روٽي ڪپڙي جو انتظام سندس طرفان ٿيندو رهندو هو- جيتوڻيڪ ڪتان بہ هڪ پيسو نہ ملندو هو! الله تعاليٰ غيب مان ڪم هلائيندو هو". ٢٢ صفر ١٢٤٠هہ (١٨٤٠ع) ۾ هن جو وصال ٿيو، سندس مڪاتيب شريعت علم ۽ عرفان جا مخزن آهن. هي مڪاتيب ڇپجي چڪا آهن.

شاهہ عبدالعزيز، شاهہ ولي الله بن سيد عبدالرحيم دهلويءَ جو فرزند هو، جنهن جي مڪتب فڪر ۽ احوال کان هرڪو واقف آهي.

سر سيد احمد خان جڏهن هندستان ۾ مروج اسلامي عقيدن کي مغربي علم، سائنس ۽ عقلي دلائل جي عينڪ سان ڏٺو، تہ ڪيس انهن ۾ ڪيتريون ڳالهيون خلاف عقل، غلط ۽ فرسوده ڏسڻ ۾ آيون. هن جي دوربين نظر تاڙي ورتو تہ نئين علم ۽ تهذيب جي مقابلي ۾ اُهي آهستي آهستي ٿي،

پنهنجو اثر وڃائي ويهندا. هڪ طرف مسلمانن جي حڪومت بدران عيسائي مذهب جي پوئلڳن جي حڪومت قائم ٿي هئي،جنهن ۾ حڪومت جي پشت، پيسي، جديد علم ۽ عقل سان ملبوس ٿي، عيسائي پادري انهن عقيدن خلاف پرچار ڪري رهيا هئا. ٻئي طرف هن ڏنو ته جديد علم سان روشناس ٿيڻ بعد، نوجوان گروهه جلد ئي انهن قديم دقيانوسي عقيدن مان اعتبار وڃائي ويهڻ وارو هو. هن صورتحال جي سامهون ٻه رستا هئا: يا ته انڌا ڌنڌ اڳين عقيدن جي پوئلڳي ڪري مذهب اسلام جو مستقبل اونداهو ڪجي، يا بدليل حالات ۽ وقت جي تقاضا موجب مذهب جي نئين تشريح ڪري، مسلمانن اڳيان پيش ڪئي وڃي، هُن پويون رستو اختيار ڪيو.

ان وقت هُن انسانذات کي ڇئن عالمگير مذهبن ۾ ورهايل ڏٺو، جن مان سڀ کان وڌيڪ مقابلو عيسائيت ۽ اسلام جي وچ ۾ ڏٺائين. هن ڏٺو ته ڪيترن ڪرستان پادرين پيغمبر اسلام ۽ ان جي مذهب کي، مروج مذهبي عقيدن جي بنياد تي، غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ان لاءِ هُن اسلامي عقيدن کي "آئينه ايام" يعني وقت جي روشنيءَ سان ڏسي، ان جي جديد نقطه نگاهه کان تصحيح ڪئي. انهيءَ واسطي هن قرآن شريف جو تفسير لکيو. ڪرستان پادرين جي نڪته چينين جا جواب ڏنا، ۽ مسلمانن جي اختلاف ۽ عقيدن جي درستيءَ لاءِ اخباري مضمونن، تقريرن ۽ ڪتابن ذريعي حتي الامڪان ڪوشش ڪئي.

پنهنجي اُن ساريءَ جدوجهد ۽ محنت جو هي نتيجو حاصل ڪرڻ گهريائين ٿي ته (١) اسلام کي دنيا جي ترقي يافته، جديد ۽ عالمگير مذهب جي حيثيت ۾ پيش ڪري، ان جي پوئلڳن لاءِ جواز پيدا ڪري، ڪين ٻين عالمگير مذهبن جي مقابلي ۾ بيهي سگهڻ جي لائق بنائي ۽ (٢) هندستاني مسلمانن کي علمي، سياسي ۽ سماجي طرح منظم ڪري، ترقي ڏياري.

هن ڏٺو ته سياسي طرح مسلمان محڪوم ٿي چڪا هئا، اقتصادي طرح زبون ٿي رهيا هئا ۽ مذهبي ۽ جماعتي طرح به انتشار ۾ هيا، ته سندن وجود ختم ٿيڻ جو امڪان هو.

هن کي معلوم ٿيو ته هو برٽش سامراجي پنهنجي مذهب کان وڌيڪ

پنھنجي سامراجي مفاد کي قائم رکڻ جا حامي ھئا. جنھن صورت ۾ ٻن محاذن تي مقابلو مشڪل ھو، ان ڪري سياسي پھلوءَ کي قطع نظر ڪري، ھو مسلمانن جي جماعتي نظام، اقتصادي ترقي ۽ مذھبي حفاظت طرف متوجهہ ٿيو.

انگريز سامراجين محسوس ڪري ورتو ھو تہ ھندو سندن ڪثرت تعداد، مذھبي نشاط ثانيہ جي جذبي، جديد تعليم ۽ ڪن وسيع خيال انگريز شخصن جي آڌار تي آزاديءَ ۽ خود حڪومت جا خواب ڏسڻ لڳا ھئا. انھن ارادن جي حصول لاءِ ڪانگريس جماعت جديد قومي نظريي جي بنياد تي قائم ٿي چڪي ھئي. ھندستانين جو آئين ھڪ ٽيڻ انگريزن جي مجموعي سامراجي مفاد جي خلاف ھو. ان ڪري ھُن سر سيد احمد خان جي ھٿ ۾ ڪنيل مسلمانن جي علحده جماعتي نظام، مٿانھين طبقي جي اقتصادي مفاد جي حفاظت ۽ مذھبي آزاديءَ جي ڳالھين کي گھٽ نقصانڪار سمجھي، انھن جي پذيرائي ڪرڻ شروع ڪئي.

ھتي ھيءَ ڳالھہ ذھن نشين ڪرڻ جي لائق آھي تہ جڏھن سر سيد احمد خان مذھب اسلام جي حفاظت ۽ مسلمانن جي قومي نظام جو ذڪر ٿي ڪيو، تہ انھيءَ مان ڪيس اسلام جا اُھي شريعتي عقائد ۽ مسلم سوسائٽيءَ جو اھو روايتي نظام مقصود ھو. جو مذھب اسلام بابت حڪمران طبقي يا سندس فائدي ۾ ملا جي تخيل جو ھو. صوفيائي ڪرام جي اسلامي تشريح تہ اسلام، بنا تفاوت عقيدي، نسل ۽ رنگ جي انسانذات جي، اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جو پيغام آندو ھو؛ ۽ مذھبن جي ظاھري شريعتن جي ڪثرت پويان بنيادي ۽ اصولي وحدت سمايل ھئي ۽ اسلام انھيءَ حقيقت جو اظھار ھو- ھُن جي ذّھن ۾ نہ ھئي يا تہ اسلام جي انھيءَ نقطہ نگاھہ کان ھو واقف نہ ھو يا تہ سياست عملي ان ۾ ٿي سمجھيائين ۽ وقتي ضرورتن جي بنياد تي انھيءَ پھلوءَ کي ھُن ڇڏي ڏنو ھو.

اسلامي سفارت کي ابتدا کان وٺي ٻن ذريعن وسيلي تڪميل تي پھچائيو ھو: ھڪ مسلم جماعتي نظام ۽ ان جي قوانين شريعت جو ذريعو ھو، جنھن جو واسطو مصلحت وقت يا حالات حاضره سان رھيو ھو؛ ٻيو

(ب) ڌارينءَ حڪومت جي تسلط کان آزاد ٿيڻ لاءِ مڪاني مسلمانن کي غلبہ اسلام جي ترغيب ڏيئي، ٻاهرين آزاد مسلمان حڪومتن جي مدد سان جهاد ڪرڻي هئي.

سر سيد احمد خان انهن ٻنهي گروهن جي عقيدن ۽ طريقہ ڪار کي غلط، ناممڪن العمل ۽ خلاف قانون ارتقا سمجهيو ٿي. ڇي، تيرهن سو ورهيہ پوئتي جي حالتن ۽ معاشري جي روشنيءَ ۾ شريعت اسلام جي تعبير ڪرڻ تاريخي ارتقا جي خلاف هو. هن دين اسلام جي، قانون فطرت مطابق، تشريح ڪرڻ گهري ٿي. هن جو چوڻ هو تہ دين اسلام کي موجودهہ دور جي عوام، سائنس، معاشري جي ضرورتن ۽ معلومات مطابق بيهارڻو هو. ان جي تعبير تيرهن سو ورهيہ اڳي جي حالتن ۽ معاشري موجب ڪرڻ صحيح ڳالهہ نہ هئي ۽ ٻيو تہ هندستان کي ڌارينءَ حڪومت جي تسلط کان آزاد مسلمان حڪومتن جي مدد سان، آزاد ڪرائڻ جو خيال عملي طور ناممڪن هو، ڇاڪاڻ خود تہ اهي ٻاهريون مسلمان حڪومتون پاڻ پوريءَ طرح آزاد نہ هيون ۽ خود پنهنجي جان بچائڻ جي فڪر ۾ مشغول هيون. ازانسواءِ انگريزي حڪومت، سائنس، جديد علم، نين ايجادن، نون هٿيارن ۽ ملٽري تنظيم جي ڪري، اهڙي درجي تي پهتل هئي، جتان ان کي هٽائڻ ناممڪن پئي ڏٺو.

تنهنڪري هن مسلمانان هند لاءِ اهو طريقہ ڪار زيادهہ موزون ڄاتو تہ سياسي تسلط حاصل ڪرڻ جا خيال ترڪ ڪري، ڪين سيڪنڊ لائيف آف ڊفينس (ثانوي محاذ) مضبوط ڪرڻ ۽ محفوظ ڪرڻ گهرجي، يعني دين اسلام کي بچائڻ ۽ پنهنجي رهيل اقتصادي مفاد جي حفاظت لاءِ انگريزن جي پوئلڳيءَ ۾، جديد مغربي علوم سان مذهب جي نئين تعبير ڪري، پنهنجي جماعتي نظام کي سلامت رکڻ گهرجي.

ان وقت انهن راين جو اظهار سياسي ۽ مذهبي اجتهاد هو. ملڪ ۾ هنگامو مچي ويو. بدعتي ملن هن کي ڪافر، زنديق، ملحد وغيره لقبن سان ياد ڪيو. ساريءَ دنيا جي مسلمانن کان اهڙيون فتوائون ڪڍرايائون. ٻئي طرف ديوبندي مڪتب فڪر جي حريت پسند عالمن هن کي ابن الوقت ۽ انگريزن جو ٽوڊي سڏيو.

جيڪڏهن ان ساري مسئلي تي نظر ڊوڙائبي تہ معلوم ٿيندو تہ هُن جا تجويز

ڪيل حل فروعي، عارضي ۽ روح اسلام جي خلاف هئا. ليڪن هِن ڳالهہ کان انڪار ڪري نہ سگهبو تہ ان وقت جي مروج اسلامي نظرين کان ترقي پسند ۽ سياست عمل جي تقاضا، ۽ دستور موجب بلڪل موزون هئا.

**هن جي انهيءَ نقطہ نگاهہ ۾ دراصل هيٺيون خاميون موجود چئي سگهجن ٿيون:**

(١) هن شريعت (دين) اسلام ۽ روح اسلام ۾ تميز نٿي ڪئي. هُن شريعتي تنظيم جي حفاظت کي عين روح اسلام جو بچاءُ ٿي سمجهيو. (٢) هن شريعت اسلام جي مڃيندڙن کي جدا قوم تسليم ڪري، انهيءَ جي مٿئين طبقي جي حقوق جي حفاظت کي ملڪ جي آزاديءَ ۽ مفاد عام تي ترجيح ٿي ڏني.

اِهو انهيءَ ڪري جو، جيئن مٿي چئي آيو آهيان، اسلام جو بنيادي نقطو تہ ظاهري ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت سمايل هئي، جنهن جا مقصد، اتحاد، امن ۽ عام انساني ترقي هئا، يا تہ هي سمجهي نہ سگهيو هو يا تہ مصلحت وقت ڪري ان جو اظهار مناسب نہ سمجهيو هئائين.

**بهرحال سر سيد جا هيٺيان مذهبي ۽ سياسي نظريا اڄا تائين هندستاني مسلمانن جي گهڻي حصي تي اثرانداز آهن:**

(١) شريعت اسلام مڪمل ۽ همہ گير دين هو. ان جي تنظيم هيٺ آيل پوئلڳن کي سندن جداگانہ هستي قائم ڪئي هئي.

(٢) هندي مسلمانن کي ٻين مذهبن جي پوئلڳن کان علحده رهي، انگريزي حڪومت جي مدد سان، پنهنجي حفاظت ڪرڻي هئي.

سندس مٿي ذڪر ڪيل مسلمانن جي جداگانہ قوم وارو نظريو، وسيع ڪرڻ سان "پئن اسلام ازم" نظريي جو جزو بنجي پوي ٿو. خبر پئجي نہ سگهي آهي تہ ان مسئلي تي سندس راءِ ڪهڙي هئي. انهيءَ نظريي جو مکيہ مبلغ سيد جمال الدين افغاني سندس همعصر ٿي گذريو آهي. هو افغانستان جو رهاڪو، امير دست محمد خان جو پروردهہ، جنهن جي حڪومت ۾ ڪيس ڪو منصب بہ مليل هو. ١٨٦٣ع ۾ جڏهن امير دوست محمد خان وفات ڪئي ۽ ان جي جاءِ تي تخت نشينيءَ تان اختلاف پيدا ٿي پيا، ۽ ان ۾ ڪاميابي امير شير علي خان کي ٿي، جنهن جا سائس تعلقات خوشگوار نہ هئا. ان ڪري هي حج جو عذر ڪري، هندستان آيو، جتي انگريزن سندس گهڻي عزت ڪئي.

اهو شايد ١٨٦٧ع جو زمانو هو سر سيد انهيءَ وقت غازي پور کان عليگڙهہ تبديل ٿي آيل هو. سيد جمال الدين افغانيءَ سان ملاقات ٿي اٿس يا نہ، ان جو پتو نہ آهي.

انهيءَ سال انگريزن سيد جمال الدين افغانيءَ کي سياسي مصلحتن خاطر، مصر موڪليو. اهو ملڪ گهڻي وقت کان محمد علي پاشا جي اثر هيٺ اسلام جي جديد تعبير ۽ انگريز دوست پاليسيءَ جو مرڪز هو. ان وقت خديو اسماعيل (١٨٦٣ع کان ١٨٧٩ع) اتي جو حاڪم هو. اتي هڪ سال رهائڻ بعد، هن کي سلطان عبدالعزيز جي وزير اعظم، علي پاشا، جي دعوت تي ترڪيءَ گهرايو ويو، جتي ٻہ سال رهائڻ بعد هن کي وري ١٨٧١ع ۾ مصر ۾ واپس آڻي جامع ازهر ۾ استاد ڪري رکيو ويو. اتي هُن نو سال گذاريا. اسماعيل پاشا کان پوءِ توفيق پاشا (١٨٧٩ع کان ١٨٩٢ع) خديو مصر ٿيو، جنهن هن کي عوامي تحريڪن سان واسطي رکڻ سببان، مصر ۾ وڌيڪ وقت رهائڻ خلاف مصلحت سمجهي، انگريزن جي حوالي ڪيو، جن ١٨٨٠ع ۾ هن کي موڪلي هندوستان آندو. اتي پوءِ هو ١٨٨٥ع تائين رهيو. هندستان ۾ هو ڪنهن سان مليو ۽ ڪهڙو ڪم ڪيائين، اهو تفتيش طلب مسئلو آهي.

بهرحال سر سيد احمد خان ۽ هن جي خيالن ۾ مماثلت هئي. مسلمانن جي جداگانہ قومي نظام جا ٻيئي قائل هئا. انگريزن جا هڪ حد تائين ٻيئي دوست هئا. تفاوت ٻنهي ۾ هيءُ هو تہ سر سيد حقيقت شناس هئڻ ڪري سياست عمل جو پيرو هو، جنهن ڪري هن پنهنجي عمل جو دائرو هندستاني مسلمانن ائين محدود رکيو. سيد جمال الدين افغاني آئيڊيلسٽ هئڻ ڪري، پنهنجي عمل جو دائرو وچ مشرق تائين وڌائي ڇڏيو هو.

هندستان اڳيئي انگريزن جي قبضي هيٺ هو.مصر، ترڪي، ايران ۽ افغانستان سان انگريزن جا دوستانہ تعلقات هئا. ليڪن انهن ملڪن اندر ڪي ترقي پسند گروهہ سندن حاڪمن جي انگريز دوستيءَ کي ناپسنديءَ جي نظر سان ڏسندا هئا. تنهن ڪري سيد جمال الدين جي مسلمانن جي تنظيم کي ٻن نقطہ نگاهن کان ڏٺو ٿي ويو. انگريزن ان تحريڪ کي ان ڪري پسند ٿي ڪيو تہ انهيءَ نظريي ذريعي سندن زير اثر مسلمان ملڪن جي حاڪمن ۽ حڪمران گروهن جي طاقت ۽ اثر، مذهبي فضا جي زور وٺڻ تي، وڌيو ٿي ۽ مضبوط ٿي ٿيو، ۽ اها ڳالهہ انگريزن جي طاقت لاءِ فائديمند ثابت ٿي ٿي. انگريزن ان

تحريڪ جي سياسي ڪاميابي ناممڪن ڄاڻي ٿي، تنهن ڪري پنهنجي سامراجي مفاد لاءِ ان کي بنهه نقصانڪار ڪونہ ٿي سمجهيائون. ليڪن انهن ملڪن جي ترقي پسند ۽ حريت جي دلداده ڪارڪنن کي ان تحريڪ ۾ مسلمانن جي نشاة ثانيہ ۽ مغبي اثرن کان آزاديءَ جي اميد جي جهلڪ ڏسڻ ۾ آئي ٿي ۽ هڪ حد تائين مڪاني حڪمرانن کي پڻ تحريڪ جي انتهائيت ۾ ڪجهہ خوف جا سامان نظر ٿي آيا. ان ڪري سيد جمال الدين کي انگريزن گهڻو وقت ڪنهن بہ هڪ ملڪ ۾ رهڻ نٿي ڏنو. جڏهن بہ ڪين ڏسڻ ۾ ٿي آيو تہ سندن مقرر ڪيل طريقہ ڪار جي حدود کان هن جي تجاوز ڪرڻ جو امڪان هو، تہ يڪدم هن کي اُتان ڪڍي ٻئي هنڌ موڪليو ٿي ويو، جيئن هن کي عوامي تحريڪن سان حد کان مٿي رابطي قائم ڪرڻ جو وجهہ نہ ملي.

انهيءَ وقت ڌاري يورپ جي ٻن مکيہ طاقتن، جهڙوڪ فرانس ۽ روس، کي بہ مسلم ملڪن ۾ اثر ۽ رسوخ وڌائڻ جو شوق هو. تن بہ سيد جمال الدين سان رابطي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انگريزن جي پاليسيءَ ۽ مٿي ذڪر ڪيل مسلم حڪومتن جي دست اندازيءَ سبب هو ان ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيا. نيٺ هو ترڪيءَ ۾ سلطان عبدالحميد جي زماني ۾ نظربنديءَ جي حالت ۾ وفات ڪري ويو.

سر سيد بہ ڪم و بيش ساڳئي نظريي کي مجيندڙ هو. پر هن کي عرب ۾ وهابي تحريڪ، سوڊان ۾ مهدوي تحريڪ ۽ جمال الدين جي پئن- اسلام ازم تحريڪن جي ڪارڪردگيءَ جا مثال اکين اڳيان هئا. هي سياست عمل جو پوئلڳ هو. ان ڪري هن پنهنجو دائرو عمل گهٽائي ڪري، هندستان جي مسلمانن تائين محدود رکيو. هن انگريزن جي راءِ مطابق مسلمانن کي آزاديءَ جي تحريڪن کان علحده رکي، پنهنجي ڪم کي مسلمانن جي مٿانهين طبقي جي حقوق جي حفاظت ۽ شريعت اسلام جي تنظيم تائين محدود رکيو. ان ۾ هي ڪامياب ٿيو. هوڏانهن سيد جمال الدين ناڪامياب ٿيو. اهو تفاوت آئيڊيلسٽ (خيال) ۽ پرئڪٽيڪل (عملي) سياستدان جو آهي. انهيءَ ڪري ئي، سر سيد ڪامياب سياستدان، مذهبي رفارمر ۽ اعليٰ درجي جو مدبر شمار ڪيو وڃي ٿو.

# سنڌس سياسي نقطہ نگاهہ

سر سيد ابتدا ۾ هندستانين جي متحده قوميت جو حامي هو. جهڙيءَ طرح پنهنجي هڪ تقرير (۱) ۾ چيو اٿس تہ "قوم لفظ جو استعمال هڪ ملڪ جي رهاڪن تي ٿئي ٿو. ياد رکڻ گهرجي تہ هندوءَ مسلمان صرف هڪ مذهبي لفظ آهي. تنهن ڪري جي هندو، مسلمان ۽ عيسائي هن ملڪ ۾ رهن ٿا، سي جملي هڪ قوم آهن. انهيءَ نقطہ نگاهہ کان انهن جا ملڪي مفاد هڪ هئڻ گهرجن. هاڻ اهو زمانو نہ هو تہ صرف مذهب جي خيال کان هڪ ملڪ جا رهاڪو بہ قومون شمار ڪيون وڃن".

ڪجهہ وقت کان پوءِ جڏهن هن ڏٺو تہ دهليءَ جي ۱۸۵۷ع جي بغاوت کان پوءِ انگريزن جي پاليسي مسلمانن خلاف ٿي ويئي هئي، عيسائي پادرين طرفان اسلام خلاف سخت حملا شروع ٿي ويا هئا. يو پيءَ جا مسلمان خاندان. جن جو گذر سرڪاري نوڪرين يا زميندارين تي هو، سي تباهہ ٿي رهيا هئا، ۽ محسوس ڪيائين تہ انگريز پختي پايي سان هندستان تي قابض ٿي چڪا هئا. تہ هن پنهنجي پاليسي بدلائي ۽ هن نتيجي تي پهتو تہ مسلمانن جي مٿانهين طبقي جي بچاءَ ۽ شريعت اسلام جي تنظيمي حفاظت لاءِ مسلمانن لاءِ انگريزن سان وفادار ٿي رهڻ ۽ انهن سان اشتراڪ عمل ڪرڻ فائديمند هو.

انهيءَ ڏس ۾ انگريزن جي سامراجي گروهہ هن جي همت افزائي ڪئي، جو ان وقت ڪانگريس ۾ هندن مسلمانن جي گڏجي ڪم ڪرڻ جي آئنده نتيجن کان خوفزده ٿي چڪو هو.

ان وقت هُن سوچي سمجهي هيٺين ڳالهين جي بنياد تي مسلمانن جي جداگانہ سياست جو آغاز ڪيو:

(۱) هندستان جي قومي زندگيءَ کان علحده ٿي، مسلمانن جي جداگانہ سياسي هستي ۽ نظام قائم ڪيو وڃي.

(۲) مسلمانن جي ڪاموريءَ خاندان طبقي جي حقن جي حفاظت ڪئي وڃي.

(۳) انگريزن سان وفاداري قائم رکي، سندن پوٺلڳي ڪجي.

(۴) عوام سان جوابدار حڪومت جي قائم ٿيڻ جي مخالفت ڪجي.

(۵) سياست عملي جي تقاضائن موجب، مسلم سياست کي ابن الوقتيءَ

(۱) "هندستاني مسلمان آئينہ ايام ۾" صفحو ۳۹

### (۴) عوام سان جوابدار حڪومت جي مخالفت:

سر سيد نہ صرف مسلمانن جي مٿانهين طبقي جي حفاظت لاءِ ملڪ جي آزاديءَ ۽ ٻيءَ ترقيءَ جي تجاويز جي خلاف هو، بلڪ بنيادي طرح عوام کي اختيارن ملڻ جي بہ خلاف هو. عام ماڻهن کي چونڊن ذريعي نمائندگيءَ جي سوال تي هن جو سوانح نويس، مولانا الطاف حسين حالي، هيٺينءَ طرح لکي ٿو:

(۱) "انگريزي اخبارن جا مسلمانن خلاف آرٽيڪل نڪرندا رهيا ٿي، جنهنڪري انگريزن جو رويو مسلمانن جي خلاف ٿيندو ويو. ڪچهريون ۽ دفتر مسلمان نوڪرن کان خالي ٿيندا ويا. فوج ۾ انهن جي ڀرتي بند ٿي ويئي هئي. هنن کي درٻارن ۾ گهٽ سڏايو ويندو هو. انهن ڳالهين سندس دل کي گهڻو صدمو پهچايو." انهيءَ مان پتو پئجي ٿو تہ هن جي دل ڪهڙي طبقي لاءِ ڏکي ٿي. ان کان پوءِ جڏهن ڪانگريس طرفان قانون ساز اسيمبلين ۾ عام ووٽرن جي عيوضي نمائندن موڪلڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو، تہ ان جي سخت مخالفت ڪيائين. انهيءَ تي لکنو جي هڪ جلسي ۾ تقرير (۲) ڪندي، ظاهر ڪيائين تہ "جناب اعليٰ وائسراءِ هند جي مجلس ۾ گڏ ويهڻ لاءِ اها ڳالهہ لازمي هئي تہ اهو ماڻهو معزز ۽ خاندان گهر سان واسطو رکندڙ هجي. ڇا اسان جي ملڪ جا رئيس اهو پسند ڪندا تہ هڪ ادنيٰ قوم يا ادنيٰ درجي جو ماڻهو، ڀيتوڻيڪ اهو بي.اي، يا ايم.اي. پاس ڪيل هجي، انهن جي مٿان حڪومت ڪري ۽ سندن جائداد، مال ۽ عزت جو نگهبان ٿئي؟ اسان ڪڏهن بہ اهڙي ڳالهہ قبول ڪري نہ سگهنداسون. سرڪاري ڪرسيءَ جو درجو نهايت مٿانهون آهي. ان تي خانداني عزت واري کان سواءِ ٻئي کي نہ ويهارڻ گهرجي. وائسراءِ بهادر ڪهڙيءَ طرح اهڙي گهٽ درجي جي ماڻهن کي "منهنجا ڪليگ" (هم مجلس ۽ همڪار) سڏڻ لاءِ تيار ٿيندو"؟

ٻئي موقعي تي جڏهن ڪانگريس طرفان سِول سروس (ملڪي نوڪرين) ۾ مقابلي جي امتحان جي گهر ڪئي ويئي، تہ هن پنهنجي تقرير (۱) ۾ چيو تہ "ولايت ۾ تہ ڊيوڪ ۽ درزيءَ جو پٽ مقابلي جي امتحان ۾ ويهي سگهي ٿو. امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ جڏهن گهٽ ذات وارو ماڻهو هي اسان تي

---

(۱) "حيات جاويد." ص۳۹۴ (۲) مسلمانون ڪا روشن مستقبل"، ص ۲۸۸

حڪومت ڪرڻ اچي ٿو، تہ اسان کي انهيءَ ڳالھہ جو پتو نٿو پوي تہ اهو ماڻهو خاندان گهراڻي مان هو يا گهٽ درجي جي ماڻهن مان هو. ليڪن هتي هندستان جو احوال جداگانہ آهي.هتي جا شريف خاندان ماڻهو ڪهڙيءَ طرح سان گهٽ ذات جي ماڻهن کي، جن جي جڙ بنياد کان هو واقف آهن، پاڻ تي حڪومت ڪرڻ ڏيندا، يا ان کي پسند ڪندا"! نہ صرف ايترو پر پوئين زماني ۾، مسٽر بيڪ جي مشوري تي، انگريزن جي هر بري ڪم جي هو پٺيرائي ڪرڻ لڳو. انگريزي حڪومت جڏهن اتر الهندي هند ۾ آزاد پٺاڻن کي پنهنجي ماتحت ڪرڻ لاءِ رٿ سوچي، ۽ ان واسطي لشڪر وغيره جي خرچ لاءِ بجيٽ ۾ رقم وڌي، تہ ڪانگريس طرفان، جنهن کي هي هندن جي جماعت سڏي مسلمانن کي ان ۾ شموليت کان منع ڪندو هو، ان جي مخالفت ٿي، تہ هن ان معاملي جي حمايت لاءِ ڊفينس ڪائونسل، ناهي، ان جي ذريعي هيٺين طرح انگريزن جي پٺيرائي ۾ ٺهراءُ (٢) پيش ڪيو:

" هن انجمن جي راءِ ۾ هي امر نهايت ضروري آهي تہ هندستان ۾ هڪ قومي فوج هجي. تنهن ڪري هيءَ انجمن انهيءَ راءِ

جي سخت مخالف آهي تہ فوج ۽ ان جي موجوده خرچن ۾ ڪمي ڪئي وڃي." انهيءَ ٺهراءَ جي حمايت ۾ تقرير ڪندي، سر سيد فرمايو تہ "ملڪي فوج ۾ اضافو ڪيو وڃي. هندستان ۾ انگريزي لشڪر جو تعداد منهنجي راءِ موجب تمام گهٽ آهي. هڪ موقعي تي مون لارڊ ڊفرن سان ان مضمون تي گهڻو بحث ڪيو هو، ۽ مون ان ڳالھہ تي زور ڏنو هو تہ "سرحد" جي حفاظت لاءِ فوج ناڪافي آهي."

اُن جي ابتڙ ڪانگريس هيٺيون ٺهراءُ پاس ڪيو هو: "سرحد جي پيشقدميءَ جي پاليسي سلطنت برطانيہ واسطي ۽ هندستان جي مفاد لاءِ نقصان رسان آهي. ڇاڪاڻ تہ ان ڪري هندستان جي حد کان ٻاهر فوجي مهمون ڪڙيون ڪيون وڃن ٿيون، جن مان قيمتي جانيون هڪ پاسي تلف ٿين ٿيون ۽ رعيت جو پيسو ٻئي پاسي ضايع ٿئي ٿو. تنهن ڪري ڪانگريس جو عرض آهي تہ ان اڳرائيءَ جي ڪارروائيءَ کي بند ڪيو وڃي ۽ هي فيصلو ڪيو وڃي تہ

(١) "مسلمانون ڪا روشن مستقبل" ص ٢٨٨ (٢) "مسلمانون ڪا روشن مستقبل" ص ٣١٨



مولانا محمد علي "جوہر"

(۱- دسمبر، ۱۸۷۸ع — ۴- جنوری، ۱۹۳۱ع)

هڪ وقت هو مسلمانن ڪارڪنن ۾ نهايت اعليٰ مرتبو رکندو هو، ليڪن ڪجهه وقت کان پوءِ مسلمانن بہ هن جو پورو قدر نہ سڃاتو، ۽ هي پوئتي رهجي ويو. انهيءَ ۔ءِ نہ تہ هِن جي صداقت، قوت ايماني، جذبي آزاديءَ يا قربانيءَ جي مادي ۾ گهٽتائي ٿي هئي. پر ان جا مکيہ سبب هي هئا:

(١) هي ذهن ۾ صاف نہ هو. عملي طرح قوم پرست سياستدان هو، جذباتي طرح پئن- اسلام ازم جو حامي هو، جي ٻئي ڳالهيون بنيادي طرح متضاد هيون.

(٢) ٻي ڳالهہ جا سندس راهہ ۾ رڪاوٽ بني، سا اها هئي تہ هن خدمت خلق جي جنون ۾ پاڻ کي مفلس بڻائي ڇڏيو هو. مسلمانن جي سياست، سر سيد جي ڏينهن کان وٺي، وڏن ماڻهن جي هٿ ۾ رهي هئي، جنهن جو مکيہ مقصد مٿئين طبقي جي مفاد جو بچاءُ هو. وڏو ماڻهو اهو هو، جنهن کي پيسو هو. اُن ۾، مفلس هئڻ ۽ غريبن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ ان ماحول ۾ بي معنيٰ ڳالهہ پئي ڏسڻ ۾ آئي. مذهب جي نالي جو استعمال ان وقت تائين نيڪ هو، جيستائينڪ ان جو تصادم وڏن ماڻهن جي طبقاتي مفاد سان نہ ٿيو هو. مسلمانن ۾ سياسي شعور ڪاموري، زميندار ۽ تاجر طبقن ۾ هو. اهي انگريزن جي آڏار تي پلجي وڏا ٿيا هئا. عوام جي مفاد ۽ سندن مفاد ۾ ٽڪر هو. مذهب جي محبت ان وقت تائين هين، جيستائين اهو سندن مفاد جي موافق ثابت ٿي ٿي آيو. مولانا محمد عليءَ جي پاليسيءَ جو ٽنهي عنصرن جي مفاد سان ٽڪر ٿي ٿيو، تنهنڪري انهن سان بہ هو گهڻو وقت هلي نہ سگهيو.

(٣) مولانا، باوجود پئن- اسلامسٽ هئڻ جي، هندستان جي آزاديءَ جو دلدادو هو. هن جي نظر ۾ مسلمان ملڪن جي غلاميءَ ۽ تڪليفن جو ڪارڻ هندستان جي غلامي هئي، ۽ هندوستان جي آزاديءَ ڪري اهي سڀ آزاد ٿيڻ وارا هئا. اُها آزادي هندو مسلم اتحاد ۽ قربانين ذريعي حاصل ٿيڻ واري هئي. ليڪن مفاد پرست مسلمان اها پاليسي اختيار ڪري نٿي سگهيا. هُن جي ساريءَ سياست جو مدار انگريزن جي آڏار ۽ مسلمانن جي جداگانہ نظام جي نعري تي رکيل هو. هندو- مسلم اتحاد بعد هو انگريزن سان پنهنجي مفاد جي حفاظت لاءِ سوديبازي ڪري نٿي سگهيا. تنهن ڪري تحريڪ آزاديءَ ۾ شامل ٿيڻ

ورتي.

ٻئي طرف مولانا آزاد جڏهن ڏٺو تہ (۱) مسلمانن جو متانهون طبقو انگريزن جي اثر هيٺ هئڻ ڪري آزاديءَ جي تحريڪ ۾ حصي وٺڻ لاءِ تيار نہ هو، (۲) هُنن پنهنجي طبقاتي مفاد کي قوميءَ ملڪي مفاد تي ترجيح ٿي ڏني؛ تڏهن هن فيصلو ڪري ڪانگريس ۾ رهڻ قبول ڪيو.

ليڪن مولانا محمد علي صاحب گهڻي وقت تائين مذبذب رهيو ۽ فيصلو ڪري نہ سگهيو.

انهن سببن ڪري، هي، باوجود قابليت ۽ قربانين جي، پوئتي رهجي ويو؛ ۽ نہ مسلم ليگ ۾ مکيہ جاءِ والاري سگهيو، نہ ڪانگريس ۾.

انهيءَ مختصر تعارف کان پوءِ، مولانا جي شخصي زندگيءَ، مذهبي خيالات ۽ سياسي ڪردار جو ذڪر ڪندس.

## شخصي زندگي :

هي رياست رامپور جي هڪ وچولي درجي جي قدامت پسند خاندان مان هو. سندس ڏاڏو ميان علي بخش رياست ۾ خانسامي جي عهدي تي هو، ۽ ۱۸۵۷ع جي جنگ آزاديءَ ۾ رياست رامپور ۾ ملازم هو. سندس خاندان ڪلال شيخن مان هو.

هيءَ ۱۵ ذوالحج ۱۲۹۵هہ مطابق ۱. ڊسمبر ۱۸۷۸ع تي ڄائو هو. سندس والد عبدالعلي، جوانيءَ ۾، پنج فرزند ۽ هڪ نياڻي ڇڏي، ۱۸۸۰ع ۾ وفات ڪري ويو. انهن ۾ محمد علي سڀ کان ننڍو هو، ۽ والد جي وفاتيءَ وقت ٻن ورهين جو هو.

سندس والده گهر ۾ ٻارن کي ان وقت جي مروج تعليم، فارسي ٻوليءَ ۾، ڏياري. اڳتي هلي، خانداني رواج جي خلاف، هُن پٽن کي انگريزي مدرسن ۾ پڙهڻ ويهاريو. محمد علي ڪجهہ وقت رامپور پوءِ بريليءَ جي هاءِ اسڪولن ۾ تعليم وٺي، آخر علي ڳڙهہ جي ايم. اي او. ڪاليج سان شامل اسڪول ۾ داخل ٿيو. انهيءَ وقت سندس ٻہ وڏا ڀائر، ذوالفقار علي خان ۽ شوڪت علي خان، ان ڪاليج ۾ پڙهندا هئا. اتي چار سال اسڪول ۾ ۽ چار سال ڪاليج ۾

پڙهي، هن ١٨٩٦ع ۾ آنرس ۾ بي.اي پاس ڪئي. عليگڙهه ۾، سندس خيال موجب، مذهبي تعليم جو انتظام نالي ماتر هو، ۽ مذهبي زندگيءَ جو تہ نالو نشان ڪونہ هو. بهرحال اُتي هُن مولانا شبلي نعمانيءَ جي صحبت هيٺ، ڪجهہ مذهبي معلومات بہ حاصل ڪئي.

عليگڙهہ ڪاليج مان ڊگري وٺڻ بعد، سندس وڏو ڀاءُ، شوڪت علي خان، سرڪاري نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو، جنهن ڪري هو آسوده حال ٿي ويا هئا. اُنهيءَ هِن کي وڌيڪ تعليم لاءِ انگلنڊ جي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو. اُتي هِن جديد تاريخ ۾ بي.اي (آنرس)پاس ڪئي. اُنهيءَ وقت ۾ هن کي تاريخ اسلام جي مطالعي جو موقعو مليو. هن سِول سروس جي امتحان ڏيڻ لاءِ بہ ڪوشش ورتي، پر ان ۾ ڪامياب نہ ٿيو.

هي ١٩٠٠ع ۾ هندستان ۾ واپس ايو، جتي رياست رامپور جي تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. ان کان پوءِ هي ڪيترا سال رياست بروده جي نوڪريءَ ۾ رهيو. ان وچ ۾ هن کي ٻين رياستن مان بہ سٺن پگهارن تي نوڪريءَ لاءِ آڇون ٿيون. پر هن کي پبلڪ جي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ جو شوق اهڙو دامنگير هو، جو نوڪريءَ تان ٻن سالن جي موڪل وٺي، 1910ع ۾ ڪلڪتي اچي، انگريزي اخبار " ڪامريڊ " نالي سان ڪڍيائين.

" ڪامريڊ " اخبار ۾ هُن مسلمانن ۾ حب الوطنيءَ جي مادي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ساڳئي وقت ٻاهرين مسلمان حڪومتن سان همدرديءَ جو اظهار ڪندو رهيو. هي منڍ کان هن راءِ جو هو تہ هڪ طرف مسلمان وطن جا خيرخواهہ ۽ وفادار ٿي رهن، ۽ ٻئي طرف هو مسلمانن جي بين الاقوامي مذهبي تنظيم ۾ دلچسپي وٺندا رهن.

ان وقت، منٽو مارلي سڌارن موجب، قانون ساز اسيمبلين ۾ مسلمانن کي جدا نمائندگي ملي هئي، ان تي هند سرڪار مان هيءُ راضي هو. ليڪن جلد ئي جڏهن برٽش سرڪار بنگال جي ورهاست کي رد ڪري، ساڳيو يڪو بنگال بنائي ڇڏيو، تہ هُن اُن ڳالهہ کي مسلمانن سان سرڪار جي وعده خلافي ۽ بي وفائي ڄاتي، ناراضپي جو اظهار ڪيو. اڙانسواءِ، ان کان اڳ، روس ۽ برطانيہ ۾ سامراجي تعصبن ڪري اختلاف هئا، جنهن ڪري

برطانيہ هميشہ ترڪن جي مدد ڪندو رهيو هو ۽ هندستان ۾ ترڪن جي همدردن جي همت افزائي ڪئي ويندي هئي. ليڪن اُن وقت اِن ڏس ۾ پڻ حالتون تبديل ٿيل هيون. مشرق بعيد ۾ جپان جي اڀرندڙ طاقت، روس ۽ برطانيہ جي ٻنهي طاقتن کي هڪ ٻئي جي نزديڪ آندو هو. 1911ع ۾ روس مسلمان حڪومتن مان ايران ۽ ترڪيءَ خلاف سازش ڪري ڪئي هئي. هڪ طرف اُن ننڍين بلڪاني رياستن ايران اُڀاري ترڪن خلاف بغاوت لاءِ ڪڙو ڪيو، تہ ٻئي طرف ڪين جي اندروني معاملن ۾ دست اندازي ڪري، اُن تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. هوڏانهن اٽليءَ، ترڪن خلاف، طرابلس ۾ بنا سبب جنگ شروع ڪري، ان تي قبضو ڪري ورتو. هندستاني مسلمانن کي، مسلم برادريءَ جي ناتي ۾، ترڪن سان همدردي رهي هئي، جنهن ۾ انگريزن جي ڪين همت افزائيءَ پنيرائي هئي. پر هاڻ ڏسڻ ۾ آيو ٿي تہ انگريزن جي پاليسي بدلجي چڪي هئي. جيڪڏهن روس ۽ اٽليءَ جي ڪارروائين ۾ انگريزن جو هٿ نہ هو، تہ بہ ان تي سندن چشم پوشي ضرور هئي. انهيءَ وقت مسلمان اخبار نويسن مان مولانا ابوالڪلام آزاد "الهلال" ۾، مولانا محمد علي "ڪامريڊ" ۾، ۽ مولانا ظفر علي خان "زميندار" ۾ ترڪن جي فائدي ۾ مضمون لکندا پئي آيا، جنهن ڪري انگريزي حڪومت سان هنن جا تعلقات ڪشيده ٿي پيا. مولانا محمد عليءَ جي دماغ ۾، مسلمان ملڪن جي حقيقي حالتن کان پوري واقفيت نہ هئڻ ڪري، اهو وهم ويهي ويو هو تہ اسلام جي بقا، مسلمانن جي ترقي ۽ مسلمان ملڪن جي آزاديءَ ۽ مضبوطيءَ لاءِ ترڪيءَ جي خلافت قائم رکي، ان کي مسلم عالمگير تنظيم جو مرڪز بنائڻ نهايت ضروري هو. اهو خيال "پئن – اسلام ازم" جو جزو هو، جو خليفي عبدالحميد جي ذهن ۾ پيدا ٿيل هو، جنهن سان، پنهنجي سماجي مفاد سبب، انگريزن جي همدردي هئي. سر سيد احمد خان ۽ سيد جمال الدين افغانيءَ جي زندگيءَ جي احوالن ۾ ڳالهہ جي اُن پهلوءَ تي روشني وجهي چڪو آهيان.

هن کي اهو پتو نہ هو تہ مسلمان ملڪن ۾، مغربي ملڪن وانگر، عوام طرفان قومي تحريڪون پيدا ٿي چڪيون هيون ۽ انهن جا پوئلڳ هڪ طرف مغربي سامراجي حڪومتن جي خلاف هئا تہ ساڳئي وقت ترڪي سامراج هيٺ

ناراض ٿيڻ لڳا ۽ هن کان پنهنجي اخبارن لاءِ ضمانت جي گهر ڪيائون. سگهوئي يورپ ۾ مهاڀاري لڙائي شروع ٿي. انگريزن جڏهن ترڪيءَ سان اعلان جنگ ڪيو، تہ ان تي مولانا محمد عليءَ ترڪن جي تائيد ۾ ”ڪامريڊ“ ۾ ايڊيٽوريل لکيو، جنهن تي حڪومت ناراض ٿي، سندس اخبار جي ضمانت ضبط ڪري، وري ڪانئس وڏيءَ ضمانت جي گهر ڪئي، جنهن ڪري لاچار ٿي هن کي ”ڪامريڊ“ اخبار بند ڪرڻي پيئي. ڪجهہ وقت ٿيو هو تہ مولانا شوڪت علي، ننڍي ڀاءُ محمد علي سان گڏ، مولانا عبدالباري فرنگي محلي لکنويءَ جي مدد سان، ”انجمن خدام ڪعبہ“ قائم ڪئي هئي، ان ڪري بہ سرڪار مٿن ناراض هئي. تنهن ڪري نيٺ سرڪار ڪين اول ۾ 17 مئي 1914ع تي دهليءَ کان ٻاهر مهروليءَ ۾، پوءِ اپريل 1915ع ۾ لينسڊائون ۾ نظربند ڪيو؛ ان کان پوءِ ساڳئي سال ۾، ڪين وچن علائقن جي ڳوٺ چندواره ۾ ساڍن ٽن سالن لاءِ نظربند ڪري رکيو.

نظربنديءَ جي زماني ۾ مولانا محمد عليءَ کي قرآن شريف ۽ اسلام جي مطالعي جو موقعو مليو. آخر هو هن نتيجي تي پهتو تہ، ”ساري ڪائنات هڪ حڪومت الاهيہ آهي، جنهن جو حاڪم خدا آهي. زمين تي ان جو خليفو انسان آهي. ماڻهو خدا جو عڪس آهي، هو حادثن جو رانديڪو ۽ تقدير جو غلام نہ هو، پر پنهنجي قسمت جو مالڪ هو. ”اطاعت“ جو لفظ قرآن جي ڪنجي هو. ائين تہ انسان آزاد هو ۽ جنهن جي وڻيس اطاعت ڪري، مگر ان جي اندروني عقيدي ۽ خلقي سرشتي جي تقاضا اها هئي تہ هو صرف هڪ خدا جي اطاعت ڪري.“ چوڻ ۾ اچي ٿو تہ ان زماني ۾ هن علامہ اقبال جا نظم ”اسرار خوديٰ نظم“ ۽ ”رموز بي خودي“ غور سان پڙهيا هئا. انهن مٿس گهڻو اثر ڪيو هو. هن اقبال جي پيام کي وڏيڪ هن طرح سمجهيو هو تہ، ”زندگي هڪ هيٺ مٿاهينءَ وارو رڻ پٽ آهي، جنهن کي پار ڪرڻ لاءِ مقصدن جي مقرري نهايت ضروري ڳالهہ آهي. ماڻهوءَ ۾ سندس خوديءَ جي احساس جو پيدا ٿيڻ مقصد جي سڃاڻپ آهي. اها مشيت ايزدي ٿي آهي، جنهن جي پوري ڪرڻ لاءِ حڪومت الاهيہ زمين تي قائم ڪئي ويئي آهي.“ مون کي پڪ نہ آهي تہ نظربنديءَ جي زماني ۾ ”اسرارخودي“ ۽ ”رموز بي خودي“ مولانا

جي مطالعي ۾ اچي ٿي ته، ڇاڪاڻ ته پهريون نظم 1914ع ۾ ۽ ٻيو 1918ع ۾ ڇپيو هو. جيڪڏهن مٿيان حوالا صحيح آهن، ته معلوم ٿيندو ته جهڙيءَ طرح سياسي راين ۾ ورهاڱل هئڻ ڪري هو ان ميدان ۾ ڪو صاف فيصلو ڪري نه سگهيو هو، اهڙيءَ طرح سندس مذهبي ۽ فلسفاڻه عقائد به متضاد راين تي مشتمل رهيا آهن.

مٿين حوالن مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا: (1) ڪائنات ۾ خدا جي حڪومت هئي ۽ ماڻهو ان جو خليفو هو. (2) ماڻهو تقدير جو غلام نه هو، بلڪ پنهنجي قسمت جو مالڪ هو. (3) قرآن جي ڪنجي اطاعت ۾ هئي. (4) زندگيءَ ۾ مقصدن جو هئڻ ضروري آهي ۽ خوديءَ جو احساس مقصدن جي سڃاڻپ آهي. انهن نقطن مان هيٺيان سوال پيدا ٿين ٿا. جن جي حل ڪان سواءِ مسئلو منزل رهي ٿو: (1) خليفو فرد واحد هو، مسلم قوم هئي يا انسانذات؟ (2) قسمت جو مالڪ فرد واحد هو يا انسانذات؟ (3) جي حڪم الاهيءَ جي ڪنجي اطاعت آهي ته اها اطاعت ڪنهن جي؟ ڇا اطاعت ۽ آزادي متضاد ڳالهيون نه آهن! (4) زندگيءَ ۾ مقصدن جو هئڻ ضروري آهي ته اهي ڪهڙا؟ (5) ڇا، ڪابه حڪومت، ضابطي ۽ آئين ڪان سواءِ هلي سگهي ٿي يا نه؟ (6) تقدير، آئين، منصوبه (رٿا) جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ مٿين ذڪر ڪيل سوالن جي جوابن ڪي مولانا جي ڪڍيل نتيجن سان ڀيٽ ڪبي ته معلوم ٿيندو ته مولانا جا ڪڍيل نتيجا خود متضاد هئا.

بهرحال اهو سارو مسئلو علمي بحث آهي، ان ڪي اتي ڇڏي، اڳتي سندس حياتيءَ تي نظر ڪنداسون نه سندس نظربنديءَ جي دور ۾ مولانا ۾ گهڻي تبديلي ڏسنداسين. انگريزي لباس مٽائي سادو لباس اختيار ڪيائين، ڏاڙهي رکيائين. صوم ۽ صلواة جو پابند ٿي پيو. نظربنديءَ مان ڊسمبر 1919ع ۾ آزاد ٿيڻ بعد، سڌو امرتسر ۾ گڏ ٿيل آل انڊيا ڪانگريس، مسلم ليگ، خلافت ڪانفرنس ۽ جمعيت العلماءِ جي اجلاسن ۾ وڃي شريڪ ٿيو. ان وقت آهي چارئي جماعتون قومي آزاديءَ جي معاملي ۾ متفق هيون. سندس وڏي ڀاءُ، مولانا شوڪت علي، خلافت ڪانفرنس جي صدارت ڪئي، جنهن اهو فيصلو ڪيو ته مولانا محمد عليءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ وفد

ولايت موڪليو وڃي، هندستان جي مسلمانن جو نقطہ نگاھ پيش ڪري. ان ٺهراءَ ۾ خلافت جي عظمت ۽ عزت خاطر ترڪيءَ جي حڪومت کي سالم رکڻ جي گهر ڪيل هئي.

مولانا ولايت مان پنهنجي ان مشن ۾ ناڪامياب ٿي آيو. ان ڳالهہ مٿس پوريءَ طرح اثر وڌو تہ مسلمان ملڪن جي آزادي هندستان جي آزاديءَ تي مدار رکندڙ هئي ۽ هندستان جي آزاديءَ جو راز هندو مسلم اتحاد ۾ موجود هو. ان کان پوءِ هن هڪ طرف مسلمانن ۾ خلافت جي نالي ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ طرف توجهہ ڏنو ۽ ٻئي طرف مهاتما گانڌيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ انڊين نيشنل ڪانگريس ذريعي آزاديءَ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ۽ جدوجهد ڪئي. هن، مهاتما گانڌيءَ سان ملي، علي ڳڙهہ ڪاليج کي انگريزي اثر کان آجي ڪرڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي، جنهن جي ڪري هڪ گروهہ شاگردن جو علحده ٿي، جامع مليہ ۾ وڃي پڙهڻ لڳو. جنهن جي هلائڻ ۾ حڪيم اجمل خان، ڊاڪٽر مختار احمد انصاري، مولانا ابوالڪلام آزاد، خواجہ عبدالحميد ۽ مولانا محمد عليءَ پاڻ گهڻي دلچسپي ورتي. مولانا محمد علي پهريون شيخ الجامع مقرر ٿيو.

ان کان پوءِ هو ساري هندستان ۾ سفر ڪري، ملڪ جي آزاديءَ لاءِ تقريرون ڪرڻ لڳو. 8-9-10 جولاءِ 1921ع تي، ڪراچيءَ ۾ خلافت ڪانفرنس جو اجلاس سنڌس صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو، جنهن جي هڪ ٺهراءَ ذريعي هندستانين کي انگريزي فوج ۾ داخل ٿيڻ کان منع ڪيل هئي. انهيءَ سلسلي ۾ هن کي مدراس مان، مهاتما گانڌيءَ سان گڏ گشت ڪرڻ وقت، گرفتار ڪري، ڪراچيءَ آندو ويو. جتي مٿس ٻين پنجن ساٿين سان گڏ ڪيس هلائي، سيني کي ٻہ ٻہ سال قيد جي سزا ڏني ويئي. انهيءَ ڪيس هلندي، ڪورٽ ۾ جو هن بيان ڏنو، اهو تاريخي، سياسي ۽ ادبي نقطہ نگاھ کان نهايت اعليٰ ادب جو ٽڪرو آهي. جيل جي انهيءَ عرصي ۾ هن "حڪومت الاهيہ" تي هڪ نامڪمل ڪتاب لکيو ۽ پنهنجي حياتيءَ جو بہ ڪجهہ احوال لکيو آهي. جو پوءِ 1943ع ۾ افضل اقبال ڇپائي پڌرو ڪيو.

1923ع ۾ جڏهن هي جيل مان آزاد ٿيو، تہ ملڪ جون حالتون ٺي

ڪونہ ٿي پيو.

## سندس مذهبي نقطہ نگاهہ:

نفسياتي طرح جذباتي هئڻ ڪري مولانا تي مذهب جو گهڻو اثر ويٺل هو. هُن نظربنديءَ جي زماني ۾ قرآن شريف ۽ ڊاڪٽر اقبال جي ڪتابن جو مطالعو ڪيو هو. علي ڳڙهہ ۾ پڙهڻ ڪري مسلمانن جي جداگانہ نظام جي نظريي جو قائل هو. هن اسلام کي مڪمل، عالمگير ءِبهترين مذهب ۽ فلسفہ ء حيات پوئلڳ تصور ڪري، بهترين قوم سمجهڻ لڳو هو. هن جي خيال ۾ انسانذات جي نجات صرف اسلام مان حاصل ٿيڻ واري هئي. انهيءَ نقطہ نگاهہ کان هن دنيا جي مسلمانن کي هڪ مذهبي تنظيم ۾ پوئڻ بعد ڪنهن مرڪز ۾ ان جو نظام هئڻ ضروري سمجهيو هو." پئن - اسلام ازم" انهيءَ نظريي مان نڪتو ٿي. اُنهن بنيادن تي هن ڪيئي تجويزون تيار ڪيون هيون ۽ پروگرام رٿيا هئا، ليڪن انهن مان هڪ بہ پورو ٿي نہ سگهيو.

هي نهايت مخلص، اهل دل، صاحب عقل، قربانيءَ جو مجسمو، تحرير ۽ تقرير جو ماهر، بي خوف، عوام دوست قومي ڪارڪن هو، پر ان هوندي بہ ناڪامياب ٿيو. اها ڳالهہ ڳوڙهي فڪر جي لائق آهي تہ ڇو اهڙو بزرگ سندس مشن ۾ ڪامياب نہ ٿيو ۽ هُن کان صفتن ۾ گهڻو گهٽ مسلم ڪارڪن ڪامياب ٿي ويا. ڇا، سندس اخلاص، همت ۽ صداقت جي گهٽتائيءَ ڪري ائين ٿيو؟ نہ، اُن لاءِ ڪوبہ ماڻهو مولانا محمد عليءَ ۾ ڪوتاهيءَ جي شڪايت ڪري نہ سگهندو، پوءِ ڪهڙي حامي هئي، جنهن ڪري هي وطن کان ٻاهر ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ مدفون آهي ۽ سندس ساٿي اوج تي آهن. اهڙا مثال ٻين ملڪن جي تاريخن مان بہ ملي سگهندا. غازي انور پاشا هڪ وقت اسلامي دنيا جو هيرو هو. ڪنهن ڇٽي مسلمان جو گهر هو، جنهن ۾ ان وقت سندس فوٽو نہ رکيل هوندو هو، سوين ماڻهن پنهنجي اولاد تي ان جا نالا رکيا. هڪ وقت ائين ٿي سمجهڻ ۾ آيو تہ سيد جمال الدين افغانيءَ جي پئن - اسلام ازم کي اُهو ئي عملي شڪل وٺائي سگهندو، پر تاريخي تجربي ڇا ثابت ڪيو؟ اڄڪلهہ اُهو ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ ترڪستان جي هڪ

تڪريءَ تي مدفون آهي ۽ مصطفيٰ ڪمال، جو وطن پرستيءَ جو قائل هو ۽ مذهبي جذبي ۽ درد کان خالي هو، سو اڄ ڪلهه ترڪن جو ابو سڏجي رهيو آهي. سندس مزار اڄ ترڪن جي زيارت گاهه آهي. ساڳي حالت جناح صاحب ۽ مولانا محمد عليءَ جي آهي. جيلن ۾ مولانا محمد علي ويو، خدا جي اڳيان مسجدن ۾ نيزاريون ڪري محمد علي رنو، ملڪ جي آزادي ۽ اسلام جي ناموس خاطر آرام ۽ آسائش محمد عليءَ ڦِٽا ڪيا، مسلم عوام ۾ بيداري پيدا ڪرڻ جو باعث هي بنيو، مذهب جو پابند ۽ اسلام جي اعليٰ مستقبل ۾ هن جو ويساهه هو، سياست تي مذهب کي ترجيح هن ڏني؛ پر باوجود انهن سڀني خوبين جي، هندستاني مسلمانن پنهنجو قائداعظم جناح صاحب کي بنايو، عاليشان مرقد ان جو تيار ڪري رهيا آهن ۽ عام مسلمان ان جي پيروي ڪرڻ کي ثواب پيا سمجهن ۽ هوڏانهن جناح صاحب اهو هو، جنهن نه روزو رکيو، نه هو نماز جو پابند هو، نه ڏاڙهي رکي مولانا ٿيو، نه پڻ اسلام ازم ۾ ويساهه هوس ۽ نه جيل ۾ ويو، نه سجدي ۾ رُنو، آخر ڪا ته ڳالهه آهي، جنهن هڪ کي ڪامياب ۽ هڪ کي ناڪامياب بنايو؟

ڳالهه صاف ظاهر آهي ته نمازي انور پاشا ۽ مولانا محمد علي "جوهر" جا اسلام ۽ مسلمان بابت نظريه ئي غلط هئا. شريعتي اسلام، جنهن کي هُنن زنده ڪرڻ تي گهريو، اهو سوين فرقن ۾ ورهائجي، عوام کي متحد ڪرڻ جو اثر وڃائي چڪو هو. اهو، معاشري جي تبديليءَ ۽ نئين زماني جي تقاضائن ڪري، انسان ذات جي نجات لاءِ ڪو موثر حل پيش ڪري نٿي سگهيو. دنيا جي مسلمانن وٽ ڪو متحده نصب العين موجود نه هو. روحِ اسلامَ مطابق موجوده زماني جا سڀئي مسلمان صحيح طور تي مسلمان ئي نه هئا. مسلمانن کي ڇڏي، ٻين عالمگير مذهبن، جهڙوڪ عيسائيت، ٻڌمت ۽ هندو ڌرم جي دعويٰ به ساڳي هئي ته انسان ذات جي نجات سندن مذهبن جي پيرويءَ مان ٿيڻ واري هئي، پر ساڳيءَ طرح انهن جا پوئلڳ به وحدت خيال ۽ عمل ۾ يڪسان ٿي نه سگهيا هئا. سڀني مذهبن ۾ خدا پرست، صاحب اخلاق، انسان ذات جي محبت ۽ خدمت جي صفتن سان ڀرپور افراد پيا هئا ته انهن ۾ خود مطلب، بداخلاق، نفاق ۽ نفرت جي حامين ۽ فسادي ماڻهن جي

وجود ۾ آهي. اسان پاڻ کي هڪ اهڙي خيالي دنيا ۾ محدود ڪري ڇڏيو آهي، جو نہ رڳو اسان ٻين مسلمانن ملڪن جي ترقيءَ ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد جي تاريخ کان غير واقف رهجي ويا آهيون، پر خود پنهنجي ملڪ ۾ اسان جي اڳيان ڪو مقرر ٿيل عملي نظريو موجود نہ آهي." ان ڪري، مولانا محمد علي، باوجود ڪانگريس ۾ وڃي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ، جيلن ۾ وڃي قربانيون ڪرڻ، ۽ عوام ۾ وڃي منجهن سياسي شعور پيدا ڪرڻ جي، پنهنجي سياسي نظريي جي غلط هئڻ سبب ڪامياب نہ ٿي سگهيو. سندس پئن-اسلام ازم جو خواب تعبير کان سواءِ رهجي ويو، ۽ هندو مسلم اتحاد جو خواب بہ پورو نہ ٿي سگهيو. اسلام جي صوفيانہ تعبير مان غير واقف هئڻ ڪري هندستان اندر هندن ۽ مسلمانن جي ورهاست کي هو صحيح مذهبي ورهاست سمجهڻ لڳو هو. هن تيرنهن سو ورهين جي مسلماني حڪومت جي تاريخن جو مطالعو نہ ڪيو هو. نہ تہ بني اُمين ۽ بني عباسين جون جنگيون، عرب مسلمانن ۽ عجمي مسلمانن جا تفاوت، شيعن ۽ سنين جا جهڳڙا، حنفين ۽ وهابين جا اختلاف ، مغلن ۽ پناڻن جا جهيڙا، ايرانين ۽ ترڪن جي اقتدار لاءِ ڪوششن جا مثال سندس رهبري ڪري سگهن ها. انور پاشا جي پئن - اسلام ازم جي جذبي، شيخ سنوسيءَ، مهدي سوڊانيءَ ۽ سيد احمد بريلويءَ جون اسلام جي نالي ۾ غلبہ ء اسلام جي تحريڪن جي ناڪامي پڻ سندس رهبري ڪن ها. اُنهن مان هن کي خبر پوڻ کپندي هئي تہ دنيا ۾ آئنده مذهبي نظام تي برپا ڪيل قومون ختم ٿيڻ واريون هيون. مادي بنيادن تي قومن جي ٺهڻ ۽ ملڪي نظامن جي قائم ٿيڻ جو دور آيل هو. پوپ جو سياسي تسلط ختم ٿي چڪو هو. خلافت ختم ٿي ويل هئي. هندن ۽ ٻڌن جي سياسي نظامن جا تجربا اڳيئي ناڪام ٿيل هئا ۽ هاڻ هر مذهب شخصن جو ذاتي عقيدو ٿي رهڻ وارو هو ۽ انهن جو ملڪ جي سماجي ۽ سياسي نظامن سان ڪو تعلق نہ رهڻو هو. ديني نظامن جي ضرورت نہ رهي هئي. اهڙين حالتن کي مدنظر رکي هندستان ۾ شاهہ ولي الله اڳيئي چئي چڪو هو تہ:

"فڪ ڪل نظام"

پر جذباتي ماڻهو پنهنجي دنيا ۾ رهڻ ڪري دنيا جي بيروني حالات کان اڻ واقف رهي ٿو. مولانا به اهڙي قسم جو ماڻهو هو. هڪ دفعي، جا ڳالهه ذهن ۾ ويهي ويندي هيس، ته چوندو هو ته:

**ڪيا ڊر هي ڪه هو ساري خدائي ڀي مخالف**
**ڪافي هي اگر ايڪ خدا ميري لئي هي.**

پڇاڙيءَ ۾ آءٌ سندس احوال کي سندس سوانح نويس، عبدالقدوس هاشميءَ، جي چند جملن تي ختم ڪندس: ”مولانا محمد علي هڪ سنو، صحيح عقيدن رکڻ وارو پابند اعمال مسلمان هو. بهترين خطيب، اردو ۽ انگريزي زبانن جواعليٰ انشا پرداز، بهترين مقرر، صاحب دل و دماغ، حاتم طائيءَ وانگر سخي، ابوذر غفاريءَ جهڙو بي درهم ۽ بي دينار فقير هو. هو عالمن وانگر جبو پائيندو هو ۽ عابدن وانگر عبادت ڪندو هو.“ خدا مغفرت ڪريس. عجيب هنگامہ خيز ۽ هنگامہ آرا شخصيت جو مالڪ هو. ڪجهه قدر ڳڻ ڳوت ۽ حقيقت شناسيءَ سان تاريخ جي رخ کي موڙي سگهيو ٿي، پر افسوس جو پوري جو پورو جذبي وهيڻو ٿي، خود پاڻ ئي وهڪري ۾ لڙهي ويو.



علامہ اقبال

(۲۲۔ فبروري، ۱۸۷۳ع — ۲۰۔ اپريل، ۱۹۳۸ع)

# 8 - علامہ شيخ محمد اقبال بن نورمحمد ڪشميري، سيالڪوٽي، لاهوري

علامہ اقبال برصغير هندستان جي مسلمان مفڪرن ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو. هن جي مذهبي تشريح ۽ سياسي فلسفي جيتري قدر الهندي هندستان جي پڙهيل طبقي جي مسلمانن تي هن صديءَ جي اول ۾ اثر ڪيو آهي، اهڙو ٻئي ڪنهن جو نہ ٿيل آهي.

حضرت سليمان عليه السلام جو چوڻ آهي تہ، "هن سج هيٺان ڪابہ شئي نئين نہ آهي." يعني ساڳيون شيون مختلف وقتن تي رنگ ۽ روپ بدلائي اچن ٿيون.

ان ڪري جي چتائي ڏسبو، تہ علامہ جيڪي فرمايو آهي، ان جو بنياد هندستان ۾ حضرت امام رباني عليہ الرحمت يارهين صديءَ هجريءَ جي اول ۾ وجهي ڇڏيو هو ۽ اورنگزيب انهيءَ نظريي مطابق پنهنجي مذهبيءَ سياسي پاليسي متعين ڪئي هئي. ان ڪان پوءِ انگريزن جي ڏينهن ۾ سر سيد احمد خان ساڳيءَ طرح مسلمانن جي جداگانہ قومي نظام قائم رکڻ جو مشورو ڏنو هو. علامہ اقبال انهن بنيادن تي صرف پنهنجي جديد طرز ۾ انهيءَ نظريي کي دهرايو آهي. امام رباني وحدت الشهود جي ذريعي ان جو جواز پيدا ڪيو. سر سيد ڪجهہ اڳتي وڌي مغربي تهذيب، سائنس، جديد علم ۽ نئين معاشري ڪري پيدا ٿيل حالتن کي مدنظر رکي، شريعت اسلام جي نئين تعمير ڪئي ۽ مسلمانن جي سياسي محاذ تي شڪست کائڻ سبب، ڪين، سياسي اقتدار جي حاصل ڪرڻ جو ارادو ڦٽو ڪري، انگريزن جي سايہ ء عاطفت هيٺ، پنهنجي جداگانہ هستي قائم رکي، ترقي ڪرڻ جي صلاح ڏني. علامہ صاحب جي ايامڪاريءَ ۾ ملڪ جون حالتون وڌيڪ بدليل هيون. مذهبن جون شريعتون سندن اثر گهٽائي چڪيون هيون. تنهن ڪري هن اسلام جي بنيادي عقيدن تي مغربي فلسفن جي نقطہ نگاهہ سان نظر ڪري، اسلام ۽ مسلمانن

جو نئون رول مقرر ڪيو. ان جو مفصل احوال اڳتي ايندو؛ هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو تہ سندس اسلامي تشريح ۽ مسلمانن جي جداگانہ قوميت جي نظريي مغربي هندستان جي مسلمانن کي گهڻو متاثر ڪيو آهي. جيڪڏهن پاڪستان جي تعمير جناح صاحب ڪئي، تہ ان جو نقشو علامہ صاحب جو تيار ڪيل هو.

هندستاني مسلمانن جي مذهبي عقيدن ۽ سياسي نظرين جو ذڪر علامہ صاحب جي زندگيءَ جي احوال پيش ڪرڻ ڪان سواءِ نامڪمل رهجي ويندو.

دنيا ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي مڪمل ۽ معصوم چائڻ ذرا زيادتي آهي، جيتوڻيڪ اڪثر مذهبن جي پوئلڳن جي پنهنجن پيغمبرن لاءِ اهڙا دعوي پئي رهي آهي. بهرحال هن جَيد عالم ۽ شاعر يڪتا جي مذهبي تشريح، سياسي نظريي ۽ ڪردار کي پنهنجو خاص مُقام آهي.

انهيءَ تعارف ڪان پوءِ، هيٺ آءٌ سندس شخصي زندگي، اسلامي تشريح، مسلمانن جي جداگانہ قوميت جي عقيدي، سياسي نظريي ۽ ڪردار جي مختلف پهلوئن تي پنهنجي سمجهہ آهر روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس.

## شخصي زندگي :

علامہ صاحب جا وڏا اصل ڪشميري برهمڻن جي سَپرو خاندان مان هئا، جي سندس ڄمڻ ڪان اٽڪل اڍائي سؤ سال اڳ مسلمان ٿيا هئا. هي اصل سرينگر جا رهاڪو هئا، جتان 1857ع ڌاري لڏي اچي سيالڪوٽ ۾ ويٺا هئا. هن جو ڏاڏو شيخ محمد رفيق پهريون بزرگ هو، جو ڪشمير مان لڏي اچي سيالڪوٽ ۾ رهيو هو. ان کي بہ فرزند ٿيا : هڪ جو نالو شيخ نور محمد (علامہ جو والد) هو، ٻئي جو نالو شيخ غلام قادر هو، جو انجنيئري کاتي ۾ ملازم هو.

شيخ نور محمد شڪل ۾ شاندار، سفيد ريش، سادو لباس ڍڪيندڙ، گهٽ ڳالهائڻ وارو بزرگ هو، درزڪو ڪم ڪندو هو. محلي ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو، پڙهيل ڪونہ هو، ليڪن سنيءَ صحبت ڪري

ڪافي معلومات رکندو هو. هن جي گهرواري امام بيبي پرهيزگار ۽ شريف عورت هئي. ان مان کيس ٻه پٽ (1) شيخ عطا محمدء (2) محمد اقبال ۽ ٽي نياڻيون پيدا ٿيون. وڏو پٽ عطا محمد، تعليم ٿوري حاصل ڪري، انجنيئري کاتي ۾ اوورسير ٿي، نوڪري ڪرڻ لڳو. ان مان ڪافي پيسو ڪمايائين، جنهن مان هن علامه جي پڙهائڻ ۽ ولايت موڪلڻ تي خرچ ڪيو. هن 1940ع ۾ 80 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي، عقيدي موجب هو قادياني فرقي سان تعلق رکندڙ هو.

علامه اقبال 22 فيبروري 1873ع تي سيالڪوٽ ۾ ڄائو هو. هن فارسي ۽ عربي مولوي مير حسن شاھ وٽ پڙهي، جو پرهيزگار ۽ قديم وضع جو بزرگ هو. انهيءَ زماني ۾ هن کي پکين پالڻ ۽ ڪبوتر اڏائڻ ۽ آکاڙن ۾ ورزش ڪرڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. فارسي پڙهڻ کان پوءِ، اسڪاچ مشن هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ 1892ع ڌاري، "انٽرنس" جو امتحان پاس ڪيائين ۽ اتي ئي ڪاليج ۾ داخل ٿي ايف.اي. پاس ڪري، گورنمينٽ ڪاليج لاهور ۾ 1895ع ۾ پڙهڻ لاءِ ويٺو، جتان 1897ع ۾ امتياز سان بي.اي پاس ڪيائين.

انهيءَ وقت ڌاري، پروفيسر ٿامس آرنالڊ، علي ڳڙھ ڪاليج ڇڏي، لاهور گورنمينٽ ڪاليج ۾ فلسفي جو پروفيسر مقرر ٿيو هو. ان جي صحبت ۾ فلسفي پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيس ۽ ايم.بي ۾ فلسفو مکيه سبجيڪٽ ڪري کنيائين، جنهن ۾ 1899ع ۾ پهريون نمبر پاس ٿيو، اتان فارغ ٿيڻ بعد، پهريائين ساڳئي ڪاليج ۾ ملازمت ڪيائين؛ پوءِ 1901ع ڌاري هن "ايڪسٽرا اسسٽنٽ ڪمشنر" جي مقابلي جي امتحان لاءِ ڪوشش ڪئي، پر ميڊيڪل بورڊ هن کي تندرستيءَ جو سرٽيفڪيٽ نه ڏنو، جنهن ڪري ساڳيءَ جاءِ تي نوڪري ڪندو آيو.

1905ع ڌاري، علامه صاحب کي سندس ڀاءُ، ميان عطا محمد، وڌيڪ تعليم واسطي ولايت موڪليو، جتي هو ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي ٽرنٽي ڪاليج ۾ داخل ٿي پڙهڻ ويٺو. اتي کيس مشرقي علمن جي ماهر يورپي عالمن، پروفيسر ميڪ ٽيگرٽ، پروفيسر براڻون ۽ پروفيسر نڪلسن

سان صحبت جو موقعو مليو. اتان هن جولاءِ 1908ع ڌاري بي.اي. ڪيمبرج مان پاس ڪئي ۽ جولاءِ 1908ع کان سيپٽمبر 1908ع تائين ميونڪ (جرمني) يونيورسٽيءَ سان پي.ايچ.ڊي جي سلسلي ۾ وابسته رهيو ۽ انهيءَ وچ ۾ بئريسٽريءَ جو امتحان ڏيئي، پوءِ واپس وطن موٽيو.

وطن پهچڻ بعد، هي لاهور جي چيف ڪورٽ ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو. سگهوئي گورنمينٽ ڪاليج ۾ پروفيسريءَ جي جاءِ، هڪ انگريز پروفيسر جي موڪل وٺڻ ڪري، عارضي طور خالي ٿي، جنهن تي هن کي عارضي طور پروفيسر ڪري رکيو ويو. هي وڪالت ۽ پروفيسري ساڳئي وقت ڪندو رهيو. هن وڪالت جي ڪم ۾ دلچسپي ڪانه ورتي.

پيسي ڪمائڻ جو شوق اڪثر وڪيلن کان محنت ڪرائيندو آهي. اهو هن ۾ ڪونه هو، وڪالت صرف ايتري ڪندو هو، جنهن مان سندس سادو گذر معاش ٿي سگهندو هو. ان ڪري ٻين وڪيلن جي مقابلي ۾ هن جي زندگي تنگ دستيءَ ۾ گذرندي هئي. هي گهڻو وقت مطالعي ۽ غور فڪر ۾ گذاريندو هو. مطالعي ۽ فڪر بعد جن نون نقطن جي کيس پروڙ پوندي هئي، سي، "درياءَ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ" وانگر، شعر ۾ ظاهر ڪندو هو. ڪي ليڪچر به ڏنا اٿس. اڪثر سندس قول ۽ فعل ۾ گهڻو تفاوت رهندو هو. جنهن ڳالهه جو کيس پتو ۽ احساس هو، پر طبيعت جي اهڙي سرشتي ڪري، اهو رويو وٺڻ لاءِ مجبور هو.

"چوڻ ۾ اچي ٿو (1) ته هڪ دفعي علامه جي خدمت ۾ هڪ بلوچن جو وفد آيو ۽ گهڻن ڳالهين تي بحث ڪرڻ بعد کيس عرض ڪيائون ته اوهان جي تعليم ته سڄي قوم کي جاڳايو آهي، ليڪن عوام کي هيءَ شڪايت ته اوهان قوم لاءِ عمل جو نمونو پيش نه ڪيو آهي. ان تي جواب ڏنائين ته جا اهو منهنجو عمل نه آهي ته قوم ۾ بيداري پيدا ڪئي اٿم! پوءِ چيائين ته دنيا ۾ وڏن پيغمبرن کان سواءِ ڪوبه اهڙو مثال نه آهي، جو ڪنهن شخص نظريو به پيش ڪيو هجي ۽ ان تي عمل به ڪري ڏيکاريو هجيس." "هڪ دفعي مولوي محمد عليءَ کي اهڙي سوال جي جواب ۾ چيائين ته، جيڪڏهن پنهنجي

(1) "ذڪر اقبال" ص 86-87

پيش ڪيل پروگرام تي عمل ڪريان ها ته شاعر نه هجان ها، بلڪ مهدي هجان ها." (2).

علامه انگلنڊ ۾ رهائش وقت سيد امير عليءَ جي برپا ڪيل مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ هندستان واپس اچڻ بعد ان ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. هي 23 نومبر 1926ع کان پنجاب قانون ساز اسيمبليءَ جو ميمبر ٿي رهيو، کيس 1923ع ۾ "سر" جو خطاب مليو. 1930ع ۾، الهه آباد مسلم ليگ جي ساليانه اجلاس ۾، خطبي صدارت ۾ هن مسلمانن جي جداگانه قوميت جي بنياد تي جدا حڪومت ناهڻ جو نظريو پيش ڪيو. مسلمانن جي مستقبل بابت جناح صاحب کي خط لکيائين، جي ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهن. علامه صاحب ملڪ جي وقتي سياست ۾ به حصو ورتو، ليڪن اهو زياده تر رجعت پسندانه هو.

هن ٽي شاديون ڪيون هيون، پهرين گجرات (پنجاب) جي هڪ دولتمند خانبهادر ڊاڪٽر عطا محمد خان جي نياڻيءَ سان، جنهن مان کيس هڪ فرزند آفتاب اقبال ٿيو ۽ هڪ نياڻي پيدا ٿي، ليڪن ڪجهه وقت کان پوءِ ان ٻنهي سان تعلقات خوشگوار نه رهيس. ٻي شادي ولايت مان واپس اچڻ بعد موچي دروازه، لاهور، مان هڪ ڪشميري خاندان جي نياڻيءَ سان ڪيائين. اول ان ۾ ڪجهه وقت لاءِ رنڊڪ پيئي، پر آخر غلط فهميءَ جي لهڻ بعد شادي ٿي. ٽين شادي لڌيانه جي هڪ دولتمند خاندان، ڊاڪٽر سبحان عليءَ، جي نياڻي سان ٿيس، علامه جي محبت ٻئي نمبر ٻي ٻيءَ سان گهڻي هئي، جنهن مان سندس فرزند جاويد پيدا ٿيو.

علامه صاحب جا، پاڪ و هند جي مشهور اديبه، فنون لطيفه جي ماهر ۽ همه صفت موصوف عورت، بيگم فيضيءَ، سان ولايت ۾ رهڻ جي وقت کان خاص دوستانه تعلقات هئا. جنهن سان سندس خط و ڪتابت ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهي.

آخر عمر ۾ علامه صاحب گهڻو عرصو بيمار گذاريو. نيٺ 20 اپريل 1938ع تي سوائين پنجين بجي صبح جو، لاهور جي شهر ۾، پنهنجي جاءِ

(2) ايضاً ص 258.

رهائش جاويد منزل ۾، وفات ڪيائين، سندس عمر عيسوي سن جي حساب سان پنجهٽ سال هڪ مهينو 29 ڏينهن ٿي.

## سندس مذهبي عقيدا :

علام صاحب جي مذهبي تشريح ۽ نقطہ نگاهہ بابت ڪيئي ڪتاب لکجي چڪا آهن، انهن تي مفصل بحث ڪرڻ هن ڪتاب جو موضوع نہ آهي، ليڪن پنهنجي سمجهہ آهر انهن جو لب لباب هيٺ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

سندس جملي رايا ۽ خيال وحدت الشهود جي بنياد تي قائم ٿيل آهن. انهيءَ اثر هيٺ، هو اسلام جي جداگانہ شريعتي پيغام ۽ نظام جو حامي هو، جنهن موجب

(الف) اسلام دنيا جو آخري، مڪمل ۽ عالمگير دين هو.

(ب) جنهن ۾ انسان ذات جي جملي مشڪلاتن جو حل سمايل هو ۽ جو مڪمل فلسفہ حيات رکندڙ هو.

(ج) انهيءَ دين جي سموري تعليم جو منبع [illegible] جو پيغمبر محمد صلعم جي ذريعي نازل ٿيل خدا جو پيغام هو، جنهن ۾ هر زماني ۽ هر حالت ۾ هر ضرورت جو حل ڇاتايل هو.

(د) حضرت محمد صلعم دنيا جو آخري پيغمبر هو، جنهن کان پوءِ نہ نبي پيدا ٿيڻ وارو هو، نہ ڪو دين اچڻ وارو هو ۽ سندس اقوال (حديثن) ۽ سنت مان قرآن شريف جي تشريح ۾ مدد ملئي هئي.

(هہ) انهيءَ دين جا پوئلڳ وحدت خيال ۽ عمل ڪري دنيا جي چونڊيل ۽ مثالي قوم هئا، جن کي انسان ذات جي رهبري ۽ اڳواڻيءَ ڪرڻ جي مِشن سپرد ٿيل هئي.

(و) اسلام مڪمل ۽ آخري دين هئڻ ڪري انسان ذات کي سمورين مشڪلاتن کان نجات ڏيارڻ جو لائق هو. انهيءَ ڪري ماڻهن کي راهہ راست تي آڻڻ لاءِ ان جو دنيا ۾ پکڙجڻ ضروري هو. تبليغ ۽ جهاد انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ لازمي جزا هئا.

(ز) انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻو هو.

ساريءَ مسلم دنيا ۾ انهيءَ اسلامي تشريح ۾ مجيندڙ ڪيترائي مسلمان پئي رهيا آهن. مختلف مهدين جو ظاهر ٿيڻ ۽ مُجددن جو پيدا ٿيڻ، انهيءَ سلسلي جي ڪڙي هو. مغلن جي دور حڪومت ۾ امام ربانيءَ جي مذهبي تشريح ۽ اورنگزيبي حڪومت جي مذهبي ۽ سياسي پاليسي انهيءَ اسلامي تشريح جي بنياد تي بيٺل هيون. علامہ صاحب ساڳئي نظريي ۽ خيال کي نئين زبان ۽ طريقي تي پڙهيل مسلمانن اڳيان، پنهنجي اعليٰ شاعريءَ ۽ سحربيانيءَ ذريعي، پيش ڪيو. حالات سازگار هئا، هندن جي اقتصادي، علمي ۽ سياسي ترقيءَ جي مقابلي ۾ منظم ٿيڻ جي واسطي، مسلمانن جي مٿاهين طبقي لاءِ، اُن سمجهاڻي مشعل راهہ تي ڪم ڏنو.

مٿي ذڪر ڪيل خيالن ۽ راين جي مدد ۾، هُن مسلمانن کي خوديءَ جي تعليم ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ "قدريہ" بنجڻ جي تلقين ڪيل هئي. هن کي غور فڪر ڪرڻ بعد مسلمانن جي موجوده تنزل ۽ پستيءَ جو ڪارڻ صوفيائي ڪرام ۽ ڪن فيلسوفن جي ڏنل بي خوديءَ جي تعليم ڏسڻ ۾ آيو. جيءَ انهيءَ ڪري قومن ۾ خود فراموشيءَ جو جذبو پيدا ٿي، منجهائن عمل جي جذبي کي فنا ڪري ڇڏي ٿو. اُنهيءَ ڪري مسلمانن کي خوديءَ يعني خودشناسيءَ جي تعليم ڏيڻ جي ضرورت هئي ۽ عمل کي زندگيءَ جو مکيہ رهبر راهہ بنائڻو هو.

انهيءَ نقطہ نگاهہ تي پهچڻ لاءِ علامہ تي مشرق ۽ مغرب جي هيٺين شخصيتن جي تعليم ۽ زندگيءَ جو گهڻو اثر پيل ڏسجي ٿو:

(1) امام رباني عليہ الرحمت (2) اورنگزيب عالمگير (3) سيد جمال الدين افغاني (4) سر سيد احمد خان (5) هيگل (6) نطشي ۽ (7) مسولني.

جيئن تہ سندس مٿي ذڪر ڪيل نقطن ۽ اسلامي تشريح جي سمجهاڻيءَ ۾ سوين ڪتاب لکجي چڪا آهن، تنهن ڪري انهن جي مزيد تشريح جي ضرورت نٿو ڄاڻان. هتي هي ڄاڻائڻ ڪافي ٿيندو تہ سندس اها تشريح ۽ اهي نقطا صوفيائي ڪرام جي اڪثريت جي راءِ جي خلاف هئا، جن ۾ حضرت جنيد بغدادي عليہ الرحمت، منصور عليہ، محي الدين ابن العربي

عليہ، شيخ فريدالدين عطار عليہ، سلطان بايزيد بسطامي عليہ، شمس تبريز عليہ، مولانا جلال الدين رومي عليہ، خواجہ معين الدين اجميري عليہ، خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي عليہ، خواجہ نظام الدينؒ دهلوي عليہ، حضرت عثمان مروندي قلندر شهباز عليہ، سچل سرمست عليہ سڀ اچي ٿي ويا. اُهي سيئي وحدت الوجود جي فلسفي جا قائل هئا. جيئن تہ وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جا تفاوت اهل علم کي معلوم آهن، ان ڪري ان جو بيان ڪرڻ غير ضروري ٿو سمجهان. هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو تہ هندن جو فلسفو ويدانت ۽ افلاطون جو فلسفو اعيان، وحدت الوجود کي ويجها آهن. زردشتين جو دوئيءَ جو مسئلو، وحدت الشهود سان مماثلت رکي ٿو.

وحدت الوجودي صوفين اسلامي تشريح هيٺينءَ طرح جي ڪئي ٿي:

ڪائنات رتا ۽ مقصد مطابق وجود ۾ آيل آهي. رتا قانون ارتقا ۾ مضمر آهي ۽ مقصد اتحاد، امن ۽ انساني ترقي آهن. انهن جي سمجهاڻيءَ لاءِ هر ملڪ، قوم ۽ زماني ۾ ڪي برگزيده انسان، جن کي پيغمبر، رشي، حڪيم، ولي وغيره جي نالن سان منسوب ڪيو ويو آهي، وقت بوقت پئي آيا آهن، جن جي تعليم جا بنياد ساڳيا هئا....صرف طريقہ ڪار ۾، حالتن جي تقاضائن ڪري، سندن تعليم ۾ ذرا جدائي پئي رهي هئي.

هر مذهب جي تعليم جا ٻہ پهلو هئا: هڪ جو واسطو مقصدن سان ۽ ٻئي جو طريقہ ڪار سان هو. پهرئين کي طريقت ۽ ٻئي کي شريعت سڏيو ويو ٿي، ٻنهي جا فرض منصبي علحده هئا.

اهل طريقت جو فرض منصبي انسان ذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ راسخ العقيده، سالم دماغ ۽ صادق دل ماڻهن کي تربيت ڏيڻ هو. انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ هنن هيٺين بنيادي اصولن کي نظر ۾ رکي ڪم ڪيو ٿي:

(1) جهڙيءَ طرح سج جي روشنيءَ يا هوا کي چند قبلن، قومن ۽ جماعتن جي هڪ هٽي يا ملڪيت بنائڻ خلاف فطرت آهي، اهڙيءَ طرح اسلام (حق) جي عالمگير اصولن کي ڪنهن فرقي، مذهب، گروه يا قوم جي دائري ۾ محدود ڪرڻ قانون فطرت ۽ روح اسلام جي خلاف هو.

(2) دين رضاڪارانہ حاصل ڪيل عقيدن جو مجموعو هو، حڪومت يا

شخص بحر انسانيءَ جو هڪ قطرو هو. انسان ڪائنات جو هڪ جزو هو، اهي سڀ شيون قانون ايزديءَ موجب هلي رهيون هيون. شخص جي آزادي نهايت محدود هئي، جيڪا بہ ٿوري آزادي هين، سا بہ ان وسيع قانون جي دائري اندر محدود هئي. تنهن ڪري هن مان ڪن چيو آهي تہ:

"درميان قعر دريا تخته بندم کرده
بازمي گوئي که دامن ترمکن هشيار باش!"

مطلب تہ صوفيءَ جو فڪر تي گهڻو زور آهي، هو صحيح فڪر کان سواءِ عمل بيڪار ٿو ڄاڻي. ٻئي طرف جملي شريعتون خوديءَ جي شر ۽ خير جي بنياد تي ٻڌل آهن. مذهبن جو جدا نظام ۽ انهن جي بنيادن تي قومن جو وجود انهيءَ نظريي جي پيداوار آهن. اسلام جي جدا مذهبي تنظيم، مسلمانن جي جداگانہ قوميت ۽ انهيءَ عقيدي تي جدا رياستن جو قيام، اهي سڀ ڳالهيون انهيءَ هڪ نقطي مان نڪرن ٿيون. پاڪستان جو تخيل، خلافت، پئن - اسلام ازم، سڀئي ساڳئي مرڪزي نقطي تي جمع ٿيل آهن.

علامہ جي اسلامي تشريح پڻ انهن شريعتي بنيادن تي ٿيل هئي ۽ اهل طريقت بزرگن جي نظر ۾، روح اسلام مطابق شريعت فروعي ۽ عارضي ڳالهين سان وابستہ هئي. ان جو مکيہ ڪارڻ اهو هو تہ علامہ صوفيائي ڪرام جي وحدت الوجودي گروهہ جي صحيح تعليم کان غير واقف هو. جيڪڏهن ائين چئجي تہ هو روح اسلام ۽ حقيقت محمديءَ کان بي خبر هو، تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ان لاءِ سندس هيٺين راين کي مثال طور پيش ڪجي ٿو.

علامہ جي نزديڪ * اسلام جا بنيادي رڪن پنج هئا، يعني (1) توحيد (2) نماز (3) روزو (4)زڪوات ۽ (5) حج. اسلام جي شريعت مطابق ائين ئي آهي ۽ شريعت ان کان مٿي ڪانہ ٿي چڙهي.

هن جو چوڻ هو ** تہ اسلام جڏهن عرب کان ٻاهر نڪتو تہ منجهس عجم جون خرابيون داخل ٿي ويون، جنهن جي معنيٰ تہ اسلام جي پاڪيزگي ۽ بزرگي صرف ان جي عربي روايات تائين محدود رکئي هئي.

علامہ جي نزديڪ * تصوف دين اسلام نہ هو، بلڪ ان جو فلسفو

* "ذڪر اقبال" ص 249.   ** ايضاً ص. 251.   * ايضاً 249.

هو، جو سندس خيال موجب مجوس، هنود ۽ نصارن جي خيالن کان متاثر ٿيل هو. علامہ تاريخ اديان کان غير واقف هو، نہ تہ ائين نہ چوي ها. جنهن کي هو دين اسلام چوي ٿو، اهو 90 سيڪڙو قديم مذاهب تان ورتل هو.

علامہ وڌيڪ ظاهر ڪيو ** آهي تہ تصوف مذهب جي انحطاط جي نشاني ٿئي ٿو؛ يوناني ۽ هندستاني فلسفا سڀ سندن قومي پستيءَ جي نشاني هئا. انهيءَ مان پتو پوندو تہ علامہ جو مذهبي تصور قومن جي وحشيانہ دور وارو هو، نہ سندن مهذب دور جو. هو شمشير ۽ سنان کي پسند ڪري ٿو ۽ طائوس رباب کي ناپسند ڪري ٿو.

علامہ صاحب * ظاهري گوش ۽ چشم بند ڪري اندر جي اکين سان ڏسڻ کي جمود ۽ پستيءَ جي نشاني سمجهيو ٿي. جنهن مان پتو پئي سگهي ٿو تہ هن جي نظر ڪيتري قدر سطحي هئي. هو تصوف کان ايترو بدظن ** هو، جو انّ کي حضرت آدم جو شجر ممنوع ڪري ورتو اٿس.

هن * تصوف اسلام (فلسفئہ اسلام) جي وڻ کي سرزمين اسلام ۾ ڌاريون پوٽو ٿي ڄاتو، جنهن جي معنيٰ تہ اسلام جو تصور هن وٽ 13 سئو ورهيہ اڳ قديم وحشيانہ دور جي روايات جي بنياد تي ايجاد ڪيل مُنجمد شريعت کان سواءِ ٻيو ڪونہ هو.

هن جو ** خدا بابت تصور مادي هو؛ چي، ڪثرت ۽ وحدت جي سوال جو اسلام سان واسطو ڪونہ هو. هن اسلام جو روح توحيد ۾ ڏٺو هو، جنهن جو ضد ڪثرت نہ، پر شرڪ ۾ ڄاتائين ٿي.

سندس دماغ ۾ * بابت ڪهڙو تصور وينل هو، ان جو پتو سندس هن خيال مان پوي ٿو تہ "تصوف جي تعليم ڪري، ماٺهو ڊاڪٽر وٽ نٿا وڃن، پر ملا وٽ تعويذ لکائڻ وڃن ٿا!"

علامہ صاحب ** هڪ طرف اسلام کي دين فطرت ظاهر ڪري، ملن جي ذڪر ڪيل خيالن کي ڇڏڻ جي تلقين ڪري ٿو؛ صوفين کي مسلمانن جي انحطاط جو باعث ٿو سمجهي؛ ٻئي طرف پاڻ ورد وظايف ۽ تعويذن ۾ اعتقاد رکيو اٿس، سندس بي بيءَ کي مٽي ۾ سور پيو، جنهن تي

** ايضاً 98، * ايضاً 251، ** ايضاً 251 * ايضاً 251، ** ايضاً 251، * "ذڪر اقبال" ** ايضاً ص 237،

قصيده برده جو هڪ شعر ڪتري، ان جي مٿي تي هنيائين!

علامہ صاحب * هڪ طرف اسلام مان فرقہ بندي ڪيدي، ساريءَ دنيا جي مسلمانن کي هڪ ڌاڳي ۾ پوئڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ٻئي طرف قادياني فرقي خلاف سخت مضمون لکي، تنگ نظريءَ جو مظاهرو ڪيو اٿس، علامہ صاحب جهاد کي اسلام جو مکيہ جزو ڄاڻو ٿي. ان لاءِ سندس ظاهر ڪيل خيال هيٺيان آهن:

ڪنهن هن کان پڇيو تہ جهاد دفاعي هئڻ گهرجي يا جارحانہ؟ جواب ڏنائين تہ عام طور دفاعي هئڻ گهرجي، ليڪن ضرورت وقت جارحانہ بہ هجي.

ٻئي هنڌ چيو اٿس تہ جيڪڏهن ڪن ماڻهن يا قومن ۾ بداخلاقي وڌي وڃي تہ اسلامي حڪومت جو فرض ٿيو پوي تہ تلوار جي زور تي انهن کي نيڪ ڪري.

وري هڪ هنڌ * چوي ٿو تہ حق ۽ اسلامي احڪام (جنهن جي تصور جو پتو سندس مٿي ظاهر ڪيل خيالن مان پوي ٿو) جي پکيڙڻ، چڱن ڪمن جي ترغيب ۽ بُرن کان پاسي رکڻ لاءِ، تلوار هلائڻ ضروري آهي؛ ان جي ٻيءَ طرح معنيٰ اها ٿيندي تہ وحشيانہ دور جي روايات تي ٻڌل سندس تصور واري اسلامي مذهب کي دنيا تي زوريءَ مسلط ڪرڻ لاءِ جنگل جي قانون موجب تشدد جو استعمال هيءُ جائز سمجهي ٿو.

هڪ هنڌ علامہ صاحب دين لاءِ بہ تلوار کڻڻ حرام ڄاڻي ٿو ۽ چوي ٿو تہ امت جي اجتماع موجب فيصلا ٿيڻ گهرجن، وري ٻيءَ جاءِ تي چوي ٿو تہ جهاد ۾ زندگيءَ جو راز سمايل آهي.

علامہ صاحب جي مذهب ۽ تصوف بابت مختصر طور مٿي ذڪر ڪيل چند نقطن کي نظر ۾ رکي، صاحب فڪر ماڻهو هن نتيجي تي پهچي ٿو تہ:

(الف) علامہ صاحب مذهبن جي پيدا ٿيڻ جي ڪارڻن، دستورن ۽ انهن ۾معاشرن ۽ مڪاني حالتن ۽ ملڪي تقاضائن ڪري، تبديلين جي رونما ٿيڻ جي تاريخ کان قطعي ناواقف هو، نہ تہ ڪيس خبر هجي ها تہ دنيا جا سڀئي عالمگير مذهب، اسلام سوڌو، قديم وحشيانہ دور يا ايام جاهليت جي زماني جي رسم

---

* ايضاً 210-211. * ايضاً ص 210-211.

غور سان ڏسبو تہ اِٽليءَ جي فسطائي ۽ جرمن جي نازي تحريڪن جو بنياد بہ اهڙن خيالن تي ٻڌل هو. منجهن تفاوت صرف هي هو تہ جرمن ۽ اٽليءَ وارن سندن قومن کي نسلي ۽ ملڪي اعتبار کان برتر ۽ اعليٰ تي ڄاتو ۽ هِن مسلمانن کي مذهبي نقطہ نگاهہ کان ارفع ۽ اعليٰ قوم تي چيو. ٻيئي نظريا غلط ۽ رجعت پسندانہ هئا، نہ سيئي مسلمان عقيدي ۽ عمل موجب متحد تي هڪ قوم بنيل هئا، نہ سيئي جرمن ۽ اٽليءَ وارا نسلي طرح چونڊيل ۽ اعليٰ هئا.

علامہ صاحب جو ارادو هندستان ۾ ملت اسلاميہ کي زندهہ ۽ بيدار ڪرڻ جو هو. هن کي معلوم هو تہ مسلمانن تي مذهب جو گهڻو اثر هو؛ ان ڪري هن مسلمانن کي مذهب جي نالي ۾ جدا قوم قرار ڏيئي، منظم ڪرڻ گهريو. ليڪن ڪيس خبر هئڻ گهربي هئي تہ عيسائي ان نظريي مان تجربي بعد بيزار ٿي چڪا هئا. اسلام جي تاريخ ۾ ڪيترائي مثال هئا، جن ۾ انهيءَ نظريي جي کوکلائي ظاهر ٿي چڪي هئي. ابتدا کان وٺي مسلمان وحدت خيال ۽ عمل موجب نہ هڪ قوم ٿيا هئا، نہ عملي طرح ان جي آئندهہ هڪ ٿيڻ جو امڪان هو. بني اميہ ۽ عباسين جا اختلاف، سنين ۽ شيعن جون مخالفتون، ترڪن ۽ عربن جا جهيڙا، مغلن ۽ پٺاڻن جون دشمنيون سڀ اکين اڳيان هيس، پر جذباتي ماٺهوءَ هئڻ ڪري، هن اهڙين حقيقتن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. علامہ صاحب انهيءَ ڳالهہ طرف بہ توجهہ نہ ڪيو هو تہ نظرياتي بنيادن تي برپا ٿيل جماعتون (مذهب بہ انهيءَ قسم جي جماعت هو) جڏهن منظم ٿي، عالمگير حيثيت وٺن ٿيون، تہ ڪجهہ وقت گذرڻ بعد معاشري ۽ حالات زمانہ جي تبديليءَ، نئين پيدا ٿيل ضرورتن جي تقاضائن ۽ نظرياتي موشگافين ڪري، پنهنجي يڪ وجودي، هم خيالي ۽ معنوي اتحاد ختم ڪريو، فرقہ بندين ۽ گروهن ۾ ورهائجيو وڃن.

علامہ صاحب، جوش محبت ۾، حقائق زمانہ کي پوئتي اڇلائي، مسلمانن جي جداگانہ قوم جي "مرهوم تصور" تي هوائي قلعا اڏيندو رهيو، جنهن جو، بقول مولانا عبيدالله سنڌي رحہ، "عملي دنيا ۾ وجود ئي ڪونہ هو." هن، نظريہ انسانيت کي نظرانداز ڪري، اَن "موهوم مسلماني قوم" ۾ خودي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مخصوص قومي برتريءَ جو اصول قبول

تیرے کا آفتاب سے اونچا مقام ہے
آزادیٔ زبان و قلم ہے اگر یہاں
سامانِ صلح دیر و حرم ہے اگر یہاں
تہذیب کاروبار امم ہے اگر یہاں
خنجر میں تاب، تیغ میں دم ہے اگر یہاں
جو کچھ بھی ہے عطائے شہ محترم سے ہے
آباد یہ دیار ترے دم قدم سے ہے
وقت آگیا کہ گرم ہو میدانِ کارزار
پنجاب ہے مخاطب پیغام شہریار
اہل وفا کے جوہر پنہاں ہوں آشکار
معمور ہو سپاہ سے پہنائے روزگار
تاجر کا زر ہو اور سپاہی کا زور ہو
غالب جہاں میں سطوت شاہی کا زور ہو
دیکھے ہیں میں نے سیکڑوں ہنگامۂ نبرد
صدیوں رہا ہوں میں اسی وادی کا رہ نورد
طفل صغیر بھی مرے جنگاہ میں ہے مرد
ہوتے ہیں ان کے سامنے شیروں کے رنگ زرد
میں نخل ہوں وفا کا، محبت ہے پھل مرا
اس قول پر ہے شاہد عادل عمل مرا
ہندستان کی تیغ ہے فتاح بہشت باب
خونخوار، لالہ بار، جگردار، برق تاب
بیباک، تابناک، گہرپاک، بے حجاب،
دلبند، ارجمند، سحرخند، سیم ناب،
یہ تیغ دل نواز اگر بے نیام ہو،
دشمن کا سر ہو اور نہ سودائے خام ہو
اہل وفا کا کام ہے دنیا میں سوز و ساز
بے نور ہے وہ شمع جو ہوتی نہیں گداز
پردے میں موت کے ہے کہاں زندگی کا راز
سر یہ حقیقت کبریٰ ہے بے مجاز
سمجھو تو موت ایک مقام حیات ہے

روس را سرمایهٔ جمعیت ملت ربود
قهر او کوه گران را لرزهٔ سیماب داد
ملکه و تدبیر و تجارت را به انگلستان سپرد
جرمني را چشم بے خواب و دل بے تاب داد
تا بسر انگیزد نوائي حسرت از ساز دهر
صدر جمهوریہ امریکہ را مضراب دا
هر کسي در خورد نطرت از جناب او بہ برد
برما چیزي نبود و خویش را با او سپرده

(3) ملڪ جي آزاديءَ جي تحريڪ زورن تي آهي، عدم تعاون جي تحريڪ سبب ڪيترا محب وطن لقب ڦٽا ڪري رهيا هئا ۽ جيلن ۾ هئا. 1923ع جو زمانو هو، انهيءَ وقت علامہ صاحب کي برٽش سرڪار طرفان ”سر“ جو خطاب مليو ٿو. انهيءَ جي خوشيءَ ملهائڻ لاءِ سرڪار پرست گروهہ ڪيس جهانگير جي مقبري جي ضيافت ڏئي ٿو.

(4) 1928ع جو زمانو آهي، مسلم ليگ ۾ اختلاف پيدا ٿي چڪا آهن. هڪ گروهہ آزاد خيال ڪارڪن جو آهي، جنهن جي اڳواڻي جناح صاحب جي هٿ ۾ آهي، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو ان جو سيڪريٽري آهي، ٻيو گروهہ سرڪار پرست آهي، ان جو صدر ميان محمد شفيع آهي، پهرئين جو جلسو ڪلڪتي ۾ جناح صاحب جي صدارت هيٺ ٿئي ٿو، ٻئي جو اجلاس لاهور ۾ ٿئي ٿو، جنهن جو افتتاح پنجاب جو گورنر ڪري ٿو. اُن اجلاس ۾ علامہ صاحب کي اُن مسلم ليگ جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو وڃي ٿو. پهريون گروهہ سائيمن ڪميشن کي بائڪاٽ ڪرڻ گهري ٿو، ٻيو گروهہ، ملڪ جي عام راءِ جي خلاف، سائيمن ڪميشن سان تعاون جو ٺهراءُ پاس ڪري ٿو.

(5) علامہ صاحب ولايت ۾ رهڻ وقت، قوم پرستيءَ جي جذبي هيٺ، هڪ قومي ترانو چيو هو:

سارے جهان سے اچھا هندوستان همارا،
هم بلبلیں هیں اس کي رہ گلستان همارا.

ليڪن ڪجهہ وقت بعد، علامہ ردعمل ۾ اچي، پنهنجا خيال بدلائي، وطن پرستيءَ کي وڏو بت ظاهر ڪري، ان کي ”مڪروهہ ۽ مبغوض“ ٺهرائي

ٿو. ”حب الوطن من الايمان“ جي سبق کي وساري، حب الوطنيءَ کي مذهب جي خلاف ظاهر ڪري ٿو. قوم جو بنياد مذهب تي رکي ٿو، جنهن ڳالهه جا هن وقت مجيندڙ سواءِ چند پاڪستاني مسلمانن ۽ يهودين جي، دنيا ۾ ڪي بہ نہ آهن. اهوئي نقطہِ نگاهہ هو، جنهن ڪري هٽلر کي شروع ۾ يهودين سان دشمني ۽ نفرت پيدا ٿي. ڇو، هڪ ئي وطن ۾ مذهب جي بنياد تي جدا قوميت جو وجود ملڪ جي سالميت ۽ استحڪام جي خلاف هو؛ اها بين الاقوامي نظريي جي بنياد تي برپا ٿيل قوميت هئي؛ ان تي مشڪل جي حالت ۾ اعتبار ڪري نٿو سگهجي، بلڪل اهڙيءَ طرح سان اڄڪلهہ ڪميونزم کي ڪيترين ئي حڪومتون انهيءَ سبب ڪري پنهنجن ملڪن ۾ نظربند رکيو ويٺيون آهن.

(6) انگريزي حڪومت ملڪي اصلاحات جي ڪارڪردگيءَ جي جانچ، ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ سڌارن ڏيڻ لاءِ هڪ آئيني ڪميشن، سر جان سائمن جي چيرمنيءَ هيٺ، مقرر ڪري ڇڏي. ان تي هڪ بہ هندستاني ميمبر نہ رکيو ويو. ملڪ جي اڪثر جماعتن ان جي خلاف صدائي احتجاج بلند ڪيو. ڇو، اسان پنهنجي قسمت جو فيصلو ڌارين جي هٿ ۾ ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهيون. جناح صاحب جي اڳواڻيءَ واري مسلم ليگ بہ ان جي مخالفت ڪئي. هر هنڌ ان جو بائيڪاٽ ٿيڻ شروع ٿيو. علامہ محمد اقبال، مولوي محمد علي قاديانيءَ سان گڏ، ڪميشن سان تعاون ڪرڻ لاءِ مسلمانن کي اپيل ڪئي.

(٧) اقتصادي مسئلن تي بہ، ٻين ڳالهين وانگر، هي صاف نہ هو. شعر ۾ چيائين تہ زمين خدا جي آهي، جنهن جي حقيقت ۾ اها معنيٰ هئڻ گهرجي تہ ان جا مالڪ عوام هئڻ گهرجن ها. ليڪن عملي طرح علامہ صاحب زمين تي سرڪار يا سوسائٽيءَ جي قبضي خلاف هو، ۽ زمين تتي زميندارن جي قبضي جي تائيد ڪيائين ٿي. ان جي معنيٰ اها ٿي تہ خدا جاعيوضي زميندار هئا، نہ عوام يا عوام جي عيوضي سرڪار.

(٨) مڪي جي شريف حسين، پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ وقت، ڪن وعدن جي آڌار تي ترڪن سان غداري ڪئي هئي. انگريزن سائنس وعدا نہ پاريا. هو رنج ٿيو. ان تي انگريزن ناراض ٿي، ابن سعود جي همت افزائي ڪري، حجاز

تي ان جو قبضو ڪرايو. ابن سعود اچڻ شرط، عام مسلمانن جي جذبات کي لڪرائي، مسلمان بزرگن جي مقبرن کي ڊهرائڻ شروع ڪيو ۽ مڪائي بدوين جي بخ ڪني ڪرڻ شوع ڪئي. ان جي * عياشين کان بہ هرڪو واقف هو. انهن ڳالهين تي مسلم ملڪن مان ناراضگيءَ جو اظهار ٿيڻ لڳو. علامہ صاحب پنهنجي طرفان هُن کي ايشيا جو بهترين حاڪم ۽ عرب قومي تحريڪ جو باني سڏيو.

(٩) لنڊن ۾ انگريزن گول ميز ڪانفرنس سڏائي. ان ۾ سيني عيوضين، هندستان جي مرڪزي حڪومت لاءِ وفاقي طرز جي تجويز تي اتفاق ڪيو. ليڪن علامہ صاحب صوبن کي سڌو انگريزي شهنشاهيءَ جي نمائندي، سيڪريٽري آف اسٽيٽ، جي ماتحت رکڻ جي تجويز پيش ڪئي.

(١٠) آءُ مٿي ظاهر ڪري آيو آهيان تہ علامہ صاحب جي اسلامي تشريح فسطائيت جي اثر هيٺ هئي. ان جو پتو هِن مان پوي ٿو تہ، ١٩٢٢ع ڌاري، يورپ کان موٽندي، جڏهن علامہ صاحب اٽليءَ پهتو، تہ مسولنيءَ سندس استقبال لاءِ حڪم ڏنو. هُن سان گفتگو ڪندي، علامہ صاحب ظاهر ڪيو * تہ فسطائيت اسلام جي اصولن سان ٺهڪي اچي ٿي، ۽ بهتر ائين ٿيندو تہ ان تي پوريءَ طرح عمل ٿئي!

(١١) تاريخ جي ڄاڻن کي معلوم آهي تہ انگريزن جو وڏو گروهہ هندو مسلمانن کي جدا رکي، ويڙهائي، مٿن راڄ ڪڻ جو حامي هو. اهو بہ معلوم اٿن تہ سر سيد احمد خان مسلمانن کي ڪانگريس جي تحيڪ آزاديءَ کان علحده رهڻ جو مشورو ۽ انهن جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنو هو. مسلم ليگ جماعت جي وجود ۾ اچڻ، جدا چونڊن ۽ تحفظات جي گهر ۾ بہ انگريزن جو هڪ حد تائين هٿ هو، خود جدا قوميت جي بنياد تي هندستان جي ورهاست جي تاريخ تي نظر ڪبي، تہ ان ۾ انهن جي لڪل هٿ جا نشان ڏسڻ ۾ ايندا. هڪ هنڌ خود علامہ صاحب اقرار ڪيو آهي تہ لارڊ لوٿي * کيس ملڪ جي ورهاڱي جي صحيح هجڻ جو يقين ڏياريو هو.

(١٢) ملڪي سياست ۾ جيستائين انگريز جناح صاحب مان راضي نہ هئا،

* "ذڪر اقبال" * ذڪر اقبال، ص. ١٨٢

تيسين علامہ صاحب هُن کان جدا رهيو. ليڪن جڏهن هندن جي متانهين طبقي جي ڪارگذارين کان ناراض ٿي، جناح صاحب ڪانگريس مان ٻاهر نڪري، ان جي مخالفت ڪرڻ لڳو، تہ انگريزن جي اُن ڳالهہ سان همدردي معلوم ڪري، هُن جناح صاحب جي پوئلڳي قبول ڪئي ۽ ڪيس خطن ذريعي نئين پاليسيءَ جي نقطہ نگاهہ کان مواد موجود ڪري ڏنو، جنهن بهترين وڪيل وانگر هن جي پيش ڪيل بريف (مواد) کي هن جي ڪيس (سياسي نقطہ نگاهہ) جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪتب آندو.

(۱۳) مولانا حسين احمد مدنيءَ وطني بنيادن تي قومن جي نهڻ جي تائيد ڪئي. ان تي علامہ صاحب هيءَ مصرع چئي:

*سرود بر سر منبر کہ ملت از وطن ست*

*چہ بيخبر ز مقام محمد عربي ست*

جنهن جو مطلب آهي تہ مولانا کي مقام محمديءَ جي خبر ناهي ان ڪري قومن جو وجود وطن جي بنياد تي رکي ٿو. ان تي فرقہ پرست ۽ تنگدل مسلمان نهايت خوش ٿيا. ليڪن حقيقت شناس ماڻهن کي علامہ جي مولانا حسين احمد مدنيءَ جهڙي حريت پسند، اسلام جي چاڻوءَ ۽ قربانيءَ جي مجسمي خلاف اهڙن جملن جي استعمال ڪرڻ تي نهايت افسوس ٿيو، ڇاڪاڻ تہ کين معلوم هو تہ مولانا انهيءَ حقيقت محمديءَ جي اسرار مان واقف هو، جنهن جو علامہ صاحب کي ڪو پتو ڪونہ هو.

غور سان ڏسبو تہ علامہ صاحب متضاد خيالن، عقيدن ۽ عملن جو مرڪب هو، جنهن جو پتو سندس هيٺ ذڪر ڪيل ڳالهين مان پوريءَ طرح پئجي سگهندو:

(۱) هڪ طرف ساريءَ دنيا جي مسلمانن کي هڪ جاءِ تي ڪٺو ڪرڻ گهريائين ٿي، تہ ٻئي طرف قادياني فرقي جي مسلمانن خلاف سخت مضمون لکي، تنگ نظريءَ جو مظاهرو ڪيو اٿس.

(۲) هڪ وقت جمهوريت کي ساراهي چوي ٿو تہ ان جي اچڻ ڪري گهڻيون خرابيون دور ٿي وينديون، ٻئي وقت چوي ٿو تہ ٻن سوَ گڏهن جو دماغ هڪ انسان جي برابر نٿو ٿي سگهي." ۽ اهڙيءَ طرح سان جمهوريت جي

مخالفت ڪري ٿو.

هاڻ سوال اٿندو تہ باوجود انهن ڳالهين جي، علامہ صاحب کي ڪن گروهن يا طبقن طرفان حڪيم الامت، شاعر مشرق، اسلام جو چاڻو وغيره لقبن سان ياد ڪري، سندس نالي ۾ اڪيڊميون جاري ڪري، سوين ڪتاب لکي، نہ صرف پاڪستان بلڪہ جملي اسلامي دنيا ۾ مشتهري ڪئي پيئي وڃي، ان جو ڪهڙو مقصد آهي؟ ٿوروئي غور ڪرڻ بعد پتو پئجي ويندو تہ ان مان حڪمران طبقي جا هيٺيان مقصد آهن:

(۱) مسلمانن جي جداگانہ قومي نظريي جي فائدي واري دليل مان، صاحب اقتدار طبقي کي پاڪستان جي مختلف تاريخي قوميتن بنگالي، سنڌي، بلوچ، پناڻ ۽ پنجابيءَ جي جدا وجود ۽ حقن کي ريٽي، پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ جو جواز ملي ٿو.

(۲) جمهوريت کي ختم ڪري، فسطائي رجحان ۽ طريقي حڪومت لاءِ جواز ملي ٿو.

(۳) عوام کي مٿانهين طبقي جي مفاد خاطر مذهب جي نالي ۾ گمراهہ ڪرڻ لاءِ مواد ملي ٿو.

(۴) اهو نظريو سامراجي طاقتن سان، مٿانهين طبقي جي مفاد خاطر، شموليت لاءِ جواز پيدا ڪري ڏئي ٿو.

(۵) ون يونٽ جي قيام ۽ بقا لاءِ ان مان مدد ملي ٿي.

(۶) پر وارن ملڪن سان نفرت ۽ نفاق ڦهلائي، هنگامي حالتون ۽ جنگجو ذهنيت پيدا ڪري، آمرانہ حڪومت، ۽ ڪنهن گروهہ جي فائدي لاءِ ملڪ جي پيسي ۽ وسائل خرچ ڪرڻ لاءِ جواز پيدا ٿئي ٿو.

(۷) هنگامي حالتون پيدا ڪري، عوام جي توجهہ سندن حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ موقعو ملي ٿو.

## سندس تصنيف ۽ تاليف

علامہ صاحب گهڻو ڪري پنهنجن خيالن ۽ جذبات جو اظهار شعر وسيلي ڪيو آهي، ليڪن سندس ڪي ڪتاب نثر ۾ بہ آهن. سندس ڪتابن جي تاريخ وار فهرست هيٺين آهي:

(۱) اسرار خودي  چپايل شعر  ۱۹۱۴ع
(۲) رموز بي خودي  چپايل شعر  ۱۹۱۸ع
(۳) پيام مشرق  چپايل شعر  ۱۹۲۲ع
(۴) بانگ درا  چپايل شعر  ۱۹۲۴ع
(۵) زبور عجم  چپايل شعر  ۱۹۲۷ع
(٦) اسلام ۾ جديد مذهبي خيال  چپايل نثر  ۱۹۳۰ع
(۷) بال جبريل  چپايل نظم  ۱۹۳۵ع
(۸) پس چہ بايد کرد اي اقوام مشرق  چپايل نظم  ۱۹۳٦ع
(۹) ضرب ڪليم  چپايل نظم  ۱۹۳٦ع
(۱۰) ارمغان حجاز چپايل نظم  ۱۹۳۸ع



قائداعظم محمد علي جناح
(٢٥- ڊسمبر ١٨٧٦ع — ١١- سيپٽمبر ١٩٤٨ع)

# ٩- قائد اعظم محمد علي بن پونجا جيڻا (جناح) ڪراچي

جناح صاحب پاڪ و هند جي ڪامياب سياسي ليڊرن ۾ يڪتا تاريخي حيثيت جو مالڪ آهي. اها نهايت افسوس جي ڳالهه آهي ته سندس حياتيءَ ۽ ڪارنامن تي مستند ڪتاب لکڻ لاءِ نه حڪومت طرفان ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جا سندس محنت ۽ ڪوشش ڪري وجود ۾ آيل آهي، نه اهل قلم ان طرف پورو توجهه ڪيو آهي. جيتوڻيڪ سندس مٿان ڪروڙن روپين جي خرچ سان قبو تعمير ڪرايو پيو وڃي.

اها بلڪل اهڙي ساڳي روش آهي، جهڙي سنڌ ۾ اسان جي خدا رسيده بزرگن سان اختيار ڪئي ويئي آهي. حضرت قلندر شهباز عليه الرحمت (سيوهڻ)، حضرت شاهه عنايت عليه الرحمت (جهوڪ)، شاهه صدرالدين عليه الرحمت (لڪي)، سيد رُڪن الدين عليه الرحمت (مٽياري)، شاهه عبدالڪريم عليه الرحمت (بلڙي) وغيره جا قبا ته لکن روپين جي خرچ سان تيار ڪيل آهن، پر سندن زندگيءَ جي احوال، تعليم، مقالات وغيره جي ڪٺي ڪرڻ لاءِ ڪجهه نه ڪيو ويو آهي.

جناح صاحب پاڪستان قائم ڪرايو، سا بذات خود هڪ اهم ڳالهه آهي. ليڪن آئنده جي نسلن لاءِ هِن ڳالهه جي علم جي سخت ضرورت آهي ته ان جي قائم ڪرائڻ ۾ هن ڪهڙو پارٽ ادا ڪيو آهي. ڪيس ان جي قائم ڪرائڻ ۾ ڪهڙين حالتن ۽ ذريعن جي مدد هئي. انهيءَ سموري مسئلي تي تفصيل سان لکڻ هن ڪتاب جي دائري کان ٻاهر آهي. آءٌ هتي مختصر طور سندس زندگيءَ تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس. مضمون کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي پيش ڪريان ٿو: پهريون ڀاڱو سندس شخصي زندگي، سندس سياسي عقيدي ۽ تدبر بابت هوندو. ٻيو ڀاڱو سندس بخت ۽ قسمت، حالات جي تقاضا ۽ سازگاريءَ جو هوندو.

## شخصي زندگي:

هي آن آغا خاني ڪٽنب مان هو، جي اصل راجڪوٽ جي طرف کان واپار سانگي لڏي ڪراچيءَ ۾ اچي ويٺا هئا. سندس والد جو نالو پونجا هو. هي ٻدن

۾ سنها هئڻ ڪري جيٺا (سنها) ڪري سڏبا هئا. هي ڪلن جو واپار ڪندا هئا. سندن فرم "واڳجي پونجا جي" نالي سان سڏبي هئي. سندن جاءِ رهائش ڪاري در تي هئي، جتي اڄ ڪلهہ سندن يادگار قائم آهي. محمد علي جيٺا ٢٥ ڊسمبر ١٨٧٦ع تي ڪراچيءَ ۾ ڪاري در تي پيدا ٿيو هو. هي والد جو وڏو فرزند هو. ڪيس ڪيترا ڀائر ڀينرون هيون، تن مان محترمہ فاطمه جناح کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو پتو نہ پئجي سگهيو آهي، نہ انهيءَ خبر وٺڻ جي ڪنهن ڪوشش ڪئي آهي. سندس سوٽ ڪيترائي آهن. اڄ ڪلهہ اهي ڇا ٿا ڪن، ساري ڪٽنب جي ڪهڙي حالت آهي، انهن سيني جي حالت هِن سورج جي روشنيءَ ڪري ڍڪي پئي آهي. جناح صاحب عام ليڊرن وانگر خويش پروري نہ ڪئي، انهن جي پرگهور نہ لڌي، جنهن ڪري هو ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ رهجي ويا.

محمد علي ننڍو هو تہ ڪيس ابتدائي تعليم لاءِ بمبئيءَ جي گوڪلداس تيج گجراتي پرائمري اسڪول ۾ پڙهڻ واسطي ويهاريو ويو. پتو نٿو پئجي سگهي تہ ايڏيءَ ننڍيءَ عمر ۾ هن کي ماءُ پيءُ کان جدا ڪري، ايترو دور دراز پنڌ تي، ابتدائي تعليم لاءِ موڪلڻ جا ڪهڙا ڪارڻ هئا. بهرحال هي گهٽو وقت اوڏانهين رهي نہ سگهيو، ۽ ڪيس موٽائي ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ ويهاريو ويو. اتان ڪيس ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪڍي، ڪراچيءَ جي مِشن هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ ويهاريو ويو، جتان مئٽرڪ پاس ڪيائين. سندس ڪٽنب جو لاڳاپو هڪ انگريز واپاري، سر فريڊرڪ ڪرانٽ، سان هو. تنهن هِن نوجوان جي لياقتن کي مدنظر رکي، سندس مائٽن کي هُن جي تعليم وٺڻ لاءِ ڪيس ولايت موڪلڻ جي صلاح ڏني، جنهن تي هن کي ١٦ ورهين جي عمر ۾ انگلنڊ ڏانهن بئريسٽري پڙهڻ لاءِ ١٨٩٢ع ۾ موڪليو ويو. اُتي هي "لنڪولن اِن" ۾ داخل ٿيو. چون ٿا تہ انهن ڏينهن ۾ اُهو امتحان پاس ڪرڻ ڏکيو نہ هو- ويهارو ڪن ڊنرون ڏيئي، ڪجهہ ڪتاب پڙهي، سند وٺي سگهبي هئي!

اُتي لنڊن ۾ هي ڪانگريس جي مکيہ قوم پرست ليڊر دادا ڀائي نوروز جيءَ (پارسي) جي اثر هيٺ آيو. انهن ڏينهن ۾، دادا ڀائي برٽش پارليامينٽ جي ميمبريءَ لاءِ اميدوار بيٺو هو، جنهن ۾ هُن سندس ورڪر ٿي ڪم ڪيو.

اتان امتحان پاس ڪري، سند وٺي، ١٨٩٦ع ۾ واپس وطن موٽيو ۽

١٨٩٧ع ڌاري هُن ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪئي. سندس ڪٽنب جي مالي حالت ان وقت ڪمزو تي ويئي هئي. ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪرڻ لاءِ موقعا ۽ حالتون نيڪ نہ ڏسي، هي ٻئي سان بمبئي وڃي وڪالت ڪرڻ لڳو. اُتي ٽن سالن تائين آزمودو حاصل ڪندو رهيو. پر گهڻي ڪاميابي ڪانہ ٿيس. انهن عرصي ۾ مسٽر مئڪفرسن، ائڊووڪيٽ جنرل، بمبئي، جي آفيس ۾ وڃي ڪاغذن پڙهڻ جي اجازت ورتائين.

١٩٠٠ع ۾ هن کي ڇهن مهينن لاءِ ٽئي نمبر پريزيڊنسي ماجسٽريٽ جي جاءِ تي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. ان ڪان پوءِ هن کي پڪي نوڪري ملڻ جي آڇ ٿي، جا هن رد ڪري، وڪالت ڪرڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ جلد ئي هو ڪاميابي حاصل ڪري ويو.

جڏهن چئن سالن جي محنت ڪان پوءِ هي روزگار جي مسئلي ۾ بي فڪر ٿيو، تہ هن سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. هي مسٽر گوکلي جي اثر هيٺ آيو. دادا ڀائي نوروزجيءَ جو تہ اڳ ۾ ولايت ۾ واقف ٿي چڪو هو. جڏهن ١٩٠٦ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو اجلاس ڪلڪتي ۾ دادا ڀائي نوروزجيءَ جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو، تہ هي سندس پرائيويٽ سيڪريٽري ۽ ڊيليگيٽ ٿي، ان ۾ شريڪ ٿيو. ان اجلاس ۾ هڪ ٻن ٺهراون کي ٽيڪو بہ ڏنو اٿس. ان وقت ڪان پوءِ، ڪانگريس جو رخ تيز ٿيندو ڏسي، انگريزن نواب وقارالملڪ، سر سيد احمد خان جي جاءِ نشين، جي صدارت هيٺ، مسلم ليگ جو ڍاڪا ۾ بنياد وجهارايو.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ جناح صاحب هاڻ سال بسال ڪانگريس جي اجلاسن ۾ حصو وٺڻ لڳو. ١٩٠٨ع ۾ مدراس اجلاس ۾ ڪيس هندستان جي مستقبل جي آئيني سوال تي لارڊ مارلي جي رپورٽ تي پيش ٿيل ٺهراءُ تي بحث ڪندو ڏسون ٿا. ١٩٠٩ع ۾ هي بمبئي صوبي جي مسلمانن طرفان سپريم قانون ساز اسيمبليءَ تي ميمبر چونڊجي ويو. ان ۾ هن دلچسپي وٺي، پاڻ ملهايو.

١٩١٠ع تي الهہ آباد ۾، سر وليم ويڊبرن جي صدات هيٺ، ڪانگريس جو ساليانو اجلاس ڪنو ٿيو. ان ۾ جدا چونڊن کي لوڪلبورڊن ۽ ميونسپالٽين ۾ رائج ڪرڻ جي اصول کي ننديڻ جو ٺهراءُ جناح صاحب پيش ڪيو، جنهن جي مسٽر مظهرالحق ۽ سيد حسن امام تائيد ڪئي.

١٩١١ع مولانا محمد عليءَ ۽ سر وزير حسين جي مشوري ۽ صلاح تي هي

مسلم ليگ اجلاس ۾ شريڪ ٿيو، ۽ ان جي دستور العمل ۾ تبديلي آڻي، هندستان لاءِ خود حڪومت حاصل ڪرڻ جي ترميم پاس ڪرايائين. انهيءَ اجلاس ۾، هن ڪي تقريرون بہ ڪيون هيون.

۱۹۱۳ع جي اپريل ۾ هي گوکلي سان گڏ يورپ جي سير تي ويو، جتي هندستاني شاگردن جي تڪليفن دور ڪرائڻ لاءِ ۲۸- جون ۱۹۱۳ع تي، ڪاگسٽن هال لنڊن ۾ تقرير ڪيائين، ۽ هندستاني شاگردن جي جماعت ٺاهڻ ۾ مدد ڪيائين. انهيءَ سال مولانا محمد علي جوهر ۽ سر وزير حسين جي چوڻ تي، اتي انگلنڊ جي رهائش وقت، باقاعدي مسلم ليگ جو ميمبر ٿيو.

۲۶- ۲۷- ۲۸- ڊسمبر ۱۹۱۳ع تي ڪانگريس جو اجلاس ڪراچيءَ ۾ ڪٺو ٿيو، جنهن ۾ ڪانگريسين جو آئين بدلائي، خود حڪومت وٺڻ جي ٺهراءُ کي پاس ڪيو ويو. ڪانگريس جي ڪراچيءَ واري اجلاس ۾ جناح صاحب هندستان جي آئيني اصلاحات تي هڪ مکيہ ٺهراءُ پيش ڪيو. اتان هي آگري ۾ سڏايل آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو. اهو اجلاس ۳۰- ۳۱- ڊسمبر ۱۹۱۳ع تي سر ابراهيم رحمت الله جي صدارت هيٺ ڪوٺيو هو. ان اجلاس ۾ هن سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا جي ڪائونسل ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ تجويز پيش ڪئي هئي.

۱۹۱۴ع ۾ هن کي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ هندو مسلم مسئلن جي سمجهوتي ۽ ترقي پسند پاليسي اختيار ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندو ڏٺو وڃي ٿو. انهيءَ وقت ڏاري هي ٻنهي جماعتن ۾ اهم پوزيشن تي پهچي چڪو هو. ان **سال** ڪانگريس طرفان وڏيڪ سڏارن ملڻ واسطي، مئي ۱۹۱۴ع ۾، انگلنڊ ڏي هڪ وفد موڪليو ويو، جنهن ۾ هندستاني مسلمانن مان جناح صاحب ۽ مسٽر مظهرالحق وفد جا ميمبر ڪري موڪليا ويا هئا. اُتي لنڊن ۾ سر وليم ويڊبرن، وفد کي هڪ پبلڪ دعوت ڏني، جنهن ۾ مسٽر جناح کي تقرير ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو هو. ان موقعي تي هن هندستان جي آئيني مسئلي تي اهڙو مدلل بحث ڪيو، جو لنڊن ٽائيمس جي نمائندي هن کان انٽرويو ورتي، ان کي اخبار ۾ ڇپيو. هي جڏهن واپس هندستان موٽيا، تہ ڪانگريس جي مدراس واري اجلاس سندن خدمتن جي اعتراف جو ٺهراءُ پاس ڪيو.

انهيءَ سال يورپ ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي، جنهن لاءِ

بدلارائي، ان کان خود- حڪومت جو ٺهراءُ پاس ڪرائي، ان کي قوم پرست ۽ ترقي پسند پاليسيءَ تي آندو هو، جن ۾ کين ڪيترين ئي مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو پيو هو. انهن مان جناح صاحب مکيه هو ۽ ان ڪم ۾ گهڻو پارٽ ورتو هئائين.

هي اول ۾ شدت سان قوم پرستيءَ جا خيال رکندو هو. ١٩١٠ع جي ڪانگريس اجلاس ۾ جدا چونڊن خلاف، ننڍا جو ٺهراءُ هن پيش ڪيو هو، ليڪن جڏهن حالتن جي تقاضا اها ڏٺائين ته مسلم ليگ جماعت کي انگريزن جي چنبي مان ڇڏائڻ لاءِ مسلمانن جي تاليف قلوب ۽ مصلحت خاطر سائن کي رعايتون ڪيون وڃن، ته گهڻيءَ محنت بعد لکنؤ پئڪٽ ڪرايائين، جنهن ۾ مسلمانن جي جدا چونڊن ۽ مخصوص نشستن جو اصول قبول ڪيل هو. ان ۾ مکيه سقم اهو هو ته مسلم اقليت وارن صوبن کي چند وڌيل نشستن ڏيڻ خاطر مسلم اڪثريت وارن صوبن، پنجاب ۽ بنگال ۾ مسلمانن کي گهٽ نشستون ڏيئي اقليت بڻايو ويو هو.

هاڻ جڏهن وڌيڪ اختيار ملڻ جو آسرو ٿيو ته مسلم اڪثريت وارن صوبن تقاضا ڪئي ته کين سندن جائز حق ڏنا وڃن. جنهن جي قبولڻ لاءِ پنجاب ۽ بنگال جا ڪانگريسي هندو تيار نه هئا. ٻئي طرف مسلم اقليت وارن صوبن جا مسلمان کين آباديءَ کان وڌيڪ مليل نشستن کي گهٽائڻ لاءِ تيار نه هئا. جناح صاحب ڪوشش ڪندو آيو، جيئن مسلمانن کي اڪثريت وارن صوبن ۾ سندن جائز حق ملڻ تي سمجهوتو ٿئي. جڏهن ڪانگريسي هندن ڏٺو ته ان جائز گهر کان انڪار ڪرڻ مشڪل هو، ته هنن لکنو پئڪٽ جي خلاف جدا چونڊن جي اصول جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي. چي، اها ڳالهه جمهوريت ۽ متحده قوميت جي اصول خلاف هئي. جناح صاحب کي اُن ڳالهه جو پتو هو، ليڪن هُن مسلمانن جي وڏي گروهه کي هٿ ڪرڻ جي مصلحت خاطر، پنهنجي شخصي اعتقادن خلاف، لکنو پئڪٽ قبوليو هو. هن وقت ڪانگريسين جي لکنو پئڪٽ ۾ قبول ڪيل بنيادي اصولن کان ڦرڻ جي بنيادي ڪارڻ کان هو واقف هو. چي، باوجود ڪانگريس جي مخالفت جي، انگريزن مسلمانن لاءِ جدا چونڊن جي اصول اڳيئي قبوليو هو، ۽ جايون مقرر ڪيون هيون. مسلم ليگ کي ڪانگريس سان گڏجي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ واسطي ميدان ۾ آڻڻ سان، مسلمانن هڪ طرف انگريزن جي همدردي

وڃائي هئي ۽ٻئي طرف مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ اقليت بڻجي پيا هئا. گين کو خاص فائدو ڪونہ ٿيو هو. ڪانگرسين جو وڏو گروهہ ڪنهن سهوليت ڏيڻ بدران مورڳو انگريزن طرفان مسلمانن کي مليل رعايت ۽ اڳ قبوليل عهدنامي تان بہ ڦرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو." ان تي هُن کي غصي ٿيڻ لاءِ واقعي سبب هئا. ان هوندي بہ، هو گهڻي وقت تائين ٻنهي ڌرين کي ڪنهن سمجهوتي تي آڻڻ جي ايمانداريءَ سان ڪوشش ڪندو رهيو. ليڪن بجاءِ ڪنهن سمجهوتي تي اچڻ جي، هن کي فرقيوار ذهنيت جا طعنا ملڻ لڳا. ان حالت ۾ هي جوش ۾ اچي ڪجهہ ڪري، تہ ان مان تاريخ جي ڇاڻن کي بنيادي ڪارڻن جو پتو پئجي سگهي ٿو.

لکنو اجلاس نہ صرف هندو مسلم سمجهوتي لاءِ مشهور آهي، پر ان موقعي تي ڪانگريس جي ٻن گروهن جي وچ ۾ صلح ٿيو ۽ لوڪمانيہ تلڪ واري ڪانگريس ۾ شريڪ ٿي، ڪم ڪرڻ لڳو.

١٩١٧ع ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي زور تي هئي. انگريز حڪومت باوجود ڪانگريس ۽ مسلم ليگ طرفان حڪومت سان وفاداريءَ وارن ٺهرائن جي، سخت دٻاءُ جي پاليسي اختيار ڪري رهي هئي.

جولاءِ ١٩١٧ع تي، بمبئي ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل جا اجلاس ڪنا ٿيا، ۽ انهن ۾ متفق فيصلو ڪيائون تہ هڪ درخواست سيڪريٽري آف اسٽيٽ کي پيش ڪئي وڃي، جنهن ۾ هندستان جي خود حڪومت لاءِ گهر ڪئي وڃي. اهڙي درخواست تيار ڪري، ٻنهي جماعتن جو گڏيل وفد وائسراءِ ۽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ کي مليو.

انهيءَ وقت ڌاري هندستانين کي گهرو راڄ (هوم رول) ملڻ لاءِ مسز اينِي بيسنت، "هوم رول ليگ" نالي سان جماعت قائم ڪري، هلچل هلائڻ لڳي. ان تي هندستان سرڪار ناراض ٿي، جون ١٩١٧ع ۾ مسز اينِي بيسنت کي نظر بند ڪيو. هن موقعي تي، جناح صاحب، جو اڳي هوم رول ليگ جو ميمبر نہ هو، سو ان جماعت ۾ شريڪ ٿي ويو، ۽ جولاءِ مهيني ۾ بمبئي جي هڪ پبلڪ ميٽنگ ۾ تقرير ڪندي، سرڪار جي انهيءَ قدم تي سخت نڪتہ چيني ڪيائين. حالتون سڌرڻ بدران بگڙڻ لڳيون. سرڪار درست ٿيڻ عيوض پاڻ زياده سختيءَ طرف مائل ٿي. ان تي وري بمبئي ۾ ٣٠ جولاءِ ١٩١٧ع تي

سڌارن جي ڳالهہ وچ ۾ آڻڻ جي اجازت نہ ڏني. اُن تي بمبئي جي عوام ۾ ناراضگي پيدا ٿي پيئي، جن مهاتما گانڌيءَ جي صدارت هيٺ پبلڪ ميٽنگ سڏائي، جنهن ۾ جناح صاحب لارڊ ولنگڊن جي پاليسيءَ خلاف ننڌا جو ٺهراءُ پيش ڪري، سخت تقرير ڪئي. ان تي سرڪار پرستن طرفان ٽائون هال بمبئيءَ ۾ لارڊ ولنگڊن جي فائدي ۾ ٺهراءُ پاس ڪرڻ لاءِ جلسو سڏايو ويو. جناح صاحب ۽ مسٽر هارنيمن عام ماڻهن کي ان جلسي ۾ اچڻ لاءِ دعوت ڏني. ان حالت کي ڏسي، سرڪاري ڇاڙتن، پوليس ۽ غونڊن جي مدد سان، عام ماڻهن کي اندر اچڻ کان روڪي، چند گڏ ٿيل ماڻهن کان لارڊ ولنگڊن جي تعريف ۾ ٺهراءُ پاس ڪرايو. ان تي هال کان ٻاهر روڪيل هزارن جي تعداد ۾ گڏ ٿيل ماڻهن گورنر جي خلاف ننڌا جو ٺهراءُ مسٽر جناح ۽ مسٽر هارنيمن جي اڳواڻيءَ هيٺ پاس ڪيو. اهو پهريون ئي دفعو هو، جو حڪومت جي برخلافيءَ هوندي، عوام پنهنجي راءِ جو کليل اظهار ڪيو. ان واقعي کان متاثر ٿي، بمبئي شهر جي عام ماڻهن انهيءَ عوامي تحريڪ جي اڳواڻ، مسٽر جناح، جي يادگار قائم ڪرڻ لاءِ چندو گڏ ڪري، هڪ هال ٺهرايو، جو اڄ تائين محمد علي جناح هال جي نالي سان سڏجي ٿو.

١٩١٨ع ۾ بہ مکيہ رپورٽون سرڪار طرفان پڌريون ڪيون ويئون، جن مان هڪ رپورٽ رولٽ ڪاميٽيءَ جي هئي. جنهن جي مخالفت ۾ امپيريل ڪائونسل اندر جناح صاحب سخت تقرير ڪئي. ٻي مانٽيگو چيلمسفورڊ آئيني سڌارن جي اسڪيم جي رپورٽ هئي، جا ٨ جولاءِ ١٩١٨ع تي سرڪار پڌري ڪئي.

**ان تي سياسي ڪارڪن ٽن راين ۾ ورهائجي ويا:**

نرم ڌر جي ڪارڪنن ان کي ٿورين درستين بعد قبول ڪرڻ چاهيو ٿي. ٻيا ڪارڪن ان ۾ مکيہ ترميمن بعد ئي قبولڻ لاءِ تيار هئا. ٽيان ڪارڪن اهڙا بہ هئا، جي سموريءَ اسڪيم کي رد ڪرڻ جا حامي هئا.

جناح صاحب وچين گروهہ سان شامل ٿي، اهڙي قسم جو بيان ڏنو، جنهن ۾ هن چاٿايو تہ آها رپورٽ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي لکنو ۾ ٿيل عهدنامي جي بنياد تي تيار ڪيل هئي. ان ۾ مکيہ سڌارن جون تجويزون پيش

تي سگهيون ٿي، ليڪن ان کي رد ڪرڻ عهدنامي جي ورڌ هو.

١١- نومبر ١٩١٨ع تي يورپ جي پهرين لڙائي پوري ٿي، جنهن ۾ اتحادين جي فتح ٿي. ان کان پوءِ، دهليءَ ۾، ڊسمبر ١٩١٨ع ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا اجلاس، هرهڪ پنڊت مدن موهن مالويه ۽ مولوي فضل الحق جي صدارت هيٺ، ڪنا ٿيا. ان وقت ڌاري ڪانگريس تي انتها پسندن جو قبضو ٿي چڪو هو، جن رپورٽ ۾ ڏيڪاريل سڌارن جي اسڪيم کي رد ڪيو. مسلم ليگ به قريبا اهڙو رويو اختيار ڪيو. جناح صاحب ان وقت ڪهڙو رخ اختيار ڪيو، ان جو پوريءَ طرح پتو نٿو پوي. ليڪن ڪيس مرڪزي اسيمبليءَ ۾ رولٽ بل خلاف ويٺل ڀائي پٽيل جي پيش ڪيل ترميم جي تائيد ڪندي ڏسون ٿا.

مهاتما گانڌيءَ ان بل خلاف هڙتال لاءِ ٦- اپريل ١٩١٩ع جو ڏينهن مقرر ڪيو. جنهن تي وڏن شهرن بمبئي، دهلي، لاهور، امرتسر وغيره ۾ جلوس نڪتا. پوليس رڪاوٽ وجهڻ چاهي. فساد ٿيا. امرتسر ۾ ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو ۽ مسٽر ستياپال قومي ڪارڪنن کي سرڪار گرفتار ڪري، ڪنهن نامعلوم جڳهه ڏانهن وٺي ويئي. ماڻهن احتجاج طور جلوس ڪڍيا. سرڪار بندش وڌي. ان تي احتجاج ڪرڻ لاءِ هڪ عام ماڻهن جو ميڙ جليانوالا باغ ۾ ڪٺو ٿيو، جنهن ۾ هڪ انگريز، جنرل ڊائر، عام ماڻهن تي گوليون هلائي، قتل عام ڪرايو.

ملڪ جون حالتون نازڪ ڏسي، جناح صاحب ۽ رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، جي ٻيئي دوست هئا، برطانوي پارليامينٽ جي اجلاس ڪلڻ وقت انگلنڊ ويا.

انهيءَ وقت ڌاري عوام ۾ هڪ طرف رولٽ ائڪٽ جي پاس ٿيڻ، جليانوالا جي قتل عام ٿيڻ ۽ سڌارن جي اڻ پوري اسڪيم تي ناراضپو پيدا ٿيو. ٻئي طرف اتحادين، انگريزن جي ڏنل واعدن خلاف، ترڪيءَ جي حڪومت کي ٽڪرا ڪري پاڻ ۾ ورهائي ڪڻڻ جي سٽ سٽي. ان تي هندستان جي مسلمانن ۾ ان سوال تان ناراضپو پيدا ٿي پيو. اهڙين حالتن هيٺ امرتسر ۾ ڊسمبر ١٩١٩ع جي آخر ۾ ٽنهي جماعتن جا اجلاس ڪنا ٿيا. آل انڊيا

ڪانگريس جو اجلاس پنڊت موتي لعل نهروءَ جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس حڪيم اجمل خان جي صدارت هيٺ گڏ ٿيو. خلافت ڪانفرنس جي صدارت مولانا شوڪت علي خان ڪئي ۽ جمعيت العلماءِ جي صدارت مولانا عبدالباريءَ ڪئي. انهن جلسن ۾ ڪيترائي ٺهراءَ پاس ٿيا. جناح صاحب جي انهن اجلاسن ۾ شرڪت جو ثبوت ڪونہ ٿو ملي. ليڪن اجا تائين انهن تحريڪن کان بيزاري ڪانہ ڏيکاري هئي. ڪانگريس جا نرم ڌر اڳواڻ ان اجلاس ۾ شريڪ ڪونہ ٿيا هئا. جو ڪانگريس گرم ڌر جي قبضي هيٺ اچي چڪي هئي.

ٻئي سال شروعات ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جو اجلاس بمبئي ۾ ٢٠- فيبروري ١٩٢٠ع تي رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. انهيءَ اجلاس ۾ جناح صاحب ڪي شرڪت ڪندو ڏسون ٿا. ساڳئي سال جي سيپٽمبر مهيني ۾ ڪلڪتي جي آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس جي ڪيس صدارت ڪندي ڏسون ٿا، جنهن ۾ جناح صاحب ڪي رولٽ ائڪٽ، پنجاب جي قتل عام ۽ خلافت جي سوال تي انگريزن جي سخت نڪتہ چيني ڪندي ڏسون ٿا، جنهن تقرير ۾ سندس هيٺين چيل لفظن کي تاريخي شهرت حاصل آهي:

" برٽش سرڪار اسان تي هڪ بي عزتيءَ مٿان ٻي بي عزتي، هڪ نااميديءَ پٺيان ٻي نااميدي، هڪ زخم مٿان ٻيو زخم ڪندي رهي ٿي. انهن ڳالهين روس ۾ بولشوزم آندو. آئرلينڊ ۾ سن فيزم آندو. اهي هندستان ۾ آزادي آڻيندي يون. "

ليڪن ان وقت ملڪ جي مکيہ سوال، يعني سرڪار سان عدم تعاون تي، هُن پنهنجي راءِ جو اظهار نہ ڪيو. ڪانگريس بہ ٻن راين ۾ ورهائجي ويئي. تلڪ مهاراج مانٽيگو چيمسفورڊ سڌارن جي فائدي ۾ هو. گانڌيجي سرڪار سان عدم تعاون ڪرڻ جي فائدي ۾ هو. ڪلڪتي ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو خاص اجلاس لالا لجپت راءِ جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. ان ۾ ٻين ٺهرائن سان گڏ مهاتما گانڌيءَ جو سرڪار سان عدم تعاون وارو ٺهراءُ بہ پاس ٿي ويو.

وڃي.

(4) مرڪزي اسيمبليءَ ۾ مسلمانن کي ٽيون حصو نمائندگي ڏني وڃي.

(5) مسلمان هندن کي مٿي ذڪر ڪيل صوبن ۾ اهي رعايتون ڏيڻ لاءِ تيار ٿين، جي هندو مسلمانن کي هندو اڪثريت وارن صوبن ۾ ڏيڻ لاءِ تيار هوندا، انهن شرطن تي مسلمان گڏيل چونڊون قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا.

انهيءَ تجويز هندو مسلم سمجهوتي لاءِ دروازو کولي ڇڏيو، ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ به ان تجويز کي قبول ڪيو. هاڻ صرف آل انڊيا ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاسن کي ان تي منظوري ڏيڻي هئي.

ان سوال تي "هندستان ٽائيمس"، جا ان وقت لالا لجپت راءِ ۽ پنڊت مدن موهن مالويه جي اثر هيٺ هئي، برخلافيءَ ۾ ليک لکيا.

مئي 1927ع تي آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ پنهنجي بمبئي جي اجلاس ۾ اها تجويز متفق راءِ سان منظور ڪئي. اُن تي ساري هندستان، خاص ڪري سنڌ، پنجاب ۽ بنگال جي هندن ان جي خلاف هاءِ گهوڙا مچائي ڏني.

نومبر 1927ع تي، برٽش سرڪار هندستان کي ڏنل سڌارن جي ڪارگذاريءَ جي جانچ ڪرڻ بعد، مستقبل جي سڌارن لاءِ تجويز ڏيڻ واسطي هڪ آئيني ڪميشن مقرر ڪئي، جنهن جو چيئرمين سر جان سائيمن هئڻ ڪري اها "سائيمن ڪميشن" سڏجڻ لڳي. جيئن ته ان ڪميشن تي جملي گورا ميمبر هئا، هندستان ۾ ان جي خلاف سخت هلچل پيدا ٿي. ڪانگريس ان جي مخالفت ڪئي، جناح صاحب به ان تي ناراضپي جو اظهار ڪيو. ڪانگريس جي اجلاس، منعقده مدراس، زير صدارت ڊاڪٽر مختار احمد انصاري، ان جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو. جمعيت العلماءِ پنهنجي پشاور جي اجلاس ۾ ان جي بائيڪاٽ جو ٺهراءُ پاس ڪيو. خلافت ڪانفرنس، ڪلڪته، به بائيڪاٽ جو ٺهراءُ پاس ڪيو. مسلم ليگ پنهنجي ڪلڪتي جي اجلاس ۾، مولوي محمد يعقوب جي صدارت هيٺ، به ان جي بائيڪاٽ جو ٺهراءُ پاس ڪيو. سائيمن ڪميشن 3 فيبروري 1928ع تي بمبئي پهتي، جنهن جو جملي مکيه پارٽين طرفان بائيڪاٽ ڪيو ويو.

جناح صاحب هندستان جي سياست ۾ ڪو روشنيءَ جو ترورو نہ ڏسي، اپريل ۾ انگلينڊ لاءِ روانو ٿي ويو. پوئتان هندستان ۾ حالتون ڦيرو کائڻ لڳيون. لارڊ برڪن هيڊ، سيڪريٽري آف اسٽيٽ هو. ان هندستانين کي سائمن ڪميشن جي مقرريءَ تي شور ڪرڻ تي چئلينج ڏنو تہ ڪو گڏيل آئيني مسودو پيش ڪن. ان تي بمبئي ۾ هڪ آل پارٽيز ڪانفرنس گڏ ٿي، جنهن ملڪ جي آئين تيار ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي، پنڊت موتي لعل نهروءَ جي چيئرمنيءَ هيٺ مقرر ڪئي. ڪميٽي جي رپورٽ 28 آگسٽ 1928ع ۾ تيار ٿي، ظاهر ٿي. جناح صاحب ان وقت پئرس ۾ هو. اها رپورٽ "يونٽي (اتحاد) ڪانفرنس" اڳيان لکنؤ ۾ پيش ٿي. ان کان پوءِ 28 ڊسمبر 1928ع تي ڪلڪتي ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس گڏ ٿي. جناح صاحب ان ۾ ڪي ترميمون پيش ڪيون، جن ۾ مکيہ ترميمون مرڪز ۾ ٽيون حصو ميمبرن جو مسلمانن کي ملڻ ۽ ريزيڊيوئري (بچتو) اختيارات صوبن کي ڏيڻ جون هيون، پر انهن کي قبول نہ ڪيو ويو. جنهن تي جناح صاحب افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن ڪلڪتو ڇڏي، بمبئي موٽيو. انهن ڏينهن ۾ مسز جناح بيمار هئي، جا ٻن مهينن بعد وفات ڪري ويئي.

1929ع جي مارچ ۾ دهليءَ ۾ جناح صاحب جي صدارت هيٺ مسلم ليگ جو خاص اجلاس ڪيو ٿيو. هاڻ مسلم ليگ ٽن گروهن ۾ ورهائجي ويئي هئي. هڪ ترقي پسند ۽ آزاد خيال ڪارڪنن جي ليگ مسٽر جناح جي اڳواڻيءَ واري هئي، ٻي سرڪار پرست ۽ فرقيوار ذهنيت جي ليگ سر محمد شفيع جي اڳواڻيءَ ۾ ٿي. پهرينءَ جو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو ٿيو ۽ ٻيءَ جو جنرل سيڪريٽري علامہ شيخ محمد اقبال ٿيو. پهريون گروهہ سائيمن ڪميشن جي بائيڪاٽ جي فائدي ۾ هو، ٻيو ان سان تعاون جي فائدي ۾ ٿيو. ٽيون گروهہ مسلمانن جو سر آغا خان جي صدارت هيٺ علحده ٿيو، جو "مسلم ڪانفرنس" جي نالي سان سڏجڻ لڳو. چوٿون گروهہ مولانا ابوالڪلام آزاد جي اڳواڻيءَ ۾ نهرو رپورٽ جي فائدي ۾ ٿيو. جناح صاحب اجلاس غير معينہ عرصي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو.

هاڻ سيني مسلمان ڌرين جي راءِ کي خيال ۾ رکندي، هن 14 پوائنٽن جو مسودو مسلمانن طرفان پيش ڪيو، جنهن تي سواءِ قوم پرست مسلمانن جي جن نهرو رپورٽ کي قبول ڪيو ٿي، باقي سڀ شامل راءِ هئا.

1930ع ۾ سرڪار طرفان لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنس سڏائي ويئي، ان ۾ مسلم گروهه جو ليڊر جيتوڻيڪ سر آغا خان هو، پر مکيه پارٽ جناح صاحب ادا ڪيو. ڪانگريس ان ۾ حصو نه ورتو.

فيبروري 1930ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس الهه آباد ۾ ڊاڪٽر شيخ محمد اقبال جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. ان ۾ هن هندو ۽ مسلمانن کي جدا قومون قرار ڏيندي، جدا اپراضين جي حڪومتن جو خيال پيش ڪيو.

جناح صاحب ان کان پوءِ گهڻو وقت انگلينڊ ۾ رهيو ۽ پنهنجي وڪالت جي ڪم ۾ رڌل رهيو.

ٻي گول ميز ڪانفرنس سيپٽمبر 1931ع ۾ ڪٺي ٿي، جنهن ۾ مهاتما گانڌي ڪانگريس طرفان عيوضي ٿي ويو، پر هندو مسلم سمجهوتو ٿي نه سگهيو. جنهن ڪري مسٽر مئڪڊونالڊ وزيراعظم انگلينڊ کي فرقيوار فيصلو ڏيڻو پيو.

ان کان پوءِ ڪجهه عرصي لاءِ جناح صاحب نااميد ٿي، گهر وٺي، انگلينڊ رهي پيو. اپريل 1934ع ۾ بمبئي جي مسلمانن هن کي پرپٺ مرڪزي اسيمبليءَ تي ميمبر چونڊي چڏيو. ان تي هي جنوري 1935ع تي موٽي هندستان آيو ۽ نئين اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ بعد موٽي انگلينڊ ويو ۽ آڪٽوبر تائين اتي رهيو.

1935ع ۾، نون سڌارن جي ائڪٽ پاس ٿيڻ بعد، ان جي شاهي منظوري ملي. 1937ع جي اول ۾ نون سڌارن موجب صوبن ۾ اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون. ڪانگريس اڳ ۾ تياري ڪري چڏي هئي. 1936ع جي شروعات ۾ هُن بمبئي ۾، سر وزير حسين جي صدارت هيٺ، مسلم ليگ جو اجلاس سڏايو، جنهن ۾ سندس چيئرمنيءَ هيٺ مرڪزي اليڪشن بورڊ ٺهڻ جي رٿ بحال ٿي، جنهن تي ميمبرن جي نامزدگي ڪرڻ

جو ڪيس اختيار ڏنو ويو. چونڊن ۾ مسلم اقليت وارن صوبن ۾ مسلم ليگ جا ميمبر چڱي تعداد ۾ چونڊجي آيا. ليڪن مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ ليگ ڪامياب نہ ٿي. ڪانگريس کي چونڊن ۾ چڱي ڪاميابي حاصل ٿي. يو.پيءَ ۽ ٻين صوبن ۾ مسلم ليگ طرفان ڪانگريس سان ڪوئليشن وزارتن ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ ڪي، ڪانگريس، جمهوريت جي نالي ۾، رد ڪري ڇڏيو. ان ڪري اتي جي پڙهيل طبقي کي پهريون دفعو معلوم ٿيو تہ ڪانگريسي هندو، مسلم اقليت جي اڪثريت وارن نمائندن سان ڪوبہ سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. ان ڪري هنن طرفان ڪانگريس جي اهڙي رويي جي خلاف پرچار شروع ٿيو. انگريزي حڪام ان جي اڻ سڌيءَ طرح مدد ڪئي ان وقت اوائلي مکيہ سياسي ڪارڪن گذر ڪري ويا هئا. مولانا ابوالڪلام آزاد ڪانگريس جو ڪارڪن ٿي ويو هو، سرڪار پرست مسلمان اڳواڻ پنهنجي وقعت وڃائي چڪا هئا. ان ڪري، هندن جي اهڙيءَ روش کان تنگ ٿي، مسلمانن جي مٿين طبقي جي ڪارڪنن پنهنجي طبقاتي مفاد جي بچاءَ لاءِ جناح صاحب کي موزون ليڊر سمجهي، سندس اڳواڻيءَ هيٺ مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جناح صاحب ان موقعي کي غنيمت ڄاڻي، اهو ڪم هٿ ۾ کنيو.

ڪانگريس صوبن ۾، سوشل سڌارن ۽ تعليم جي نالي ۾، وزارتن کي اهڙا ڪم ڪيا، جهڙو ڳئوڪوس تي بندش، وديا مندر تعليمي اسڪيم، بندي ماترم راڳ وغيره، تن انهن صوبن جي مسلم ليگي فرقہ پرست ڪارڪنن کي موقعو ميسر ڪري ڏنو تہ مذهب اسلام ۽ مسلمانن جي بچاءَ جي نالي ۾ هندن ۽ ڪانگريس خلاف نفرت پيدا ڪري، مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ مسلم عوام کي ڪٺو ڪن. جناح صاحب جي نالي، سندس ٻي لوث خدمات، تدبر ۽ سياسي دانشمنديءَ ان تي سهاڳي جو ڪم ڏنو.

ٻي مهاڀاري لڙائي 1939ع ۾ شروع ٿي. انگريزن هندستانين جي مشوري کان سواءِ هندستان کي لڙائيءَ ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

ڪانگريس گهڻن صوبن ۾ وزارتون قائم ڪري چڪي هئي. مرڪزي اسيمبليءَ ۾ بہ چڱي تعداد ۾ ان جا ميمبر هئا. هن وقت تائين

تنظيم، پيسي، قربانيءَ وغيره ڪري ملڪ جي عام راءِ تي ڪافي اثر قائم ڪري ويٺي هئي. انگريزي حڪومت جڏهن ڪانگريس جي همدردي حاصل ڪرڻ گهري، تہ اُن انگريزي حڪومت جي گذشتہ روايات ڪي مدنظر رکي تہ مشڪل وقت ۾ وڏا وعدا ڏيندا هئا. ليڪن ڪم لٿي ڪان پوءِ هو ڦري ويندا هئا. صاف سوديبازيءَ جي بنياد تي پهرين ڪانئن خود حڪومت جي گهر ڪئي انگريز اُن لاءِ تيار ڪونہ هئا. جيئن آهستي آهستي ڪري جنگ نازڪ صورت اختيار ڪندي ويئي ۽ انگريزن جي حالت ڪي نظر ۾ رکندي ڪانگريس سخت رويو اختيار ڪيو ۽ قانوني انحرافيءَ جي ڌڪي ڏني ۽ پوءِ انحرافي ڪئي، تيئن جناح صاحب بہ اِنهن حالتن مان پورو فائدو وٺڻ گهريو. انگريزن پنهنجن مفاد خاطر مسلم ليگ جي همت افزائي ڪئي.

ڪانگريسين آهستي آهستي ڪري مسلم ليگ سان هندو - مسلم سمجهوتي لاءِ هٿ وڌايو، پر حقيقت شناسيءَ ۾ هميشہ پوئتي رهجي ٿي ويا. مسلم ليگ طرفان ڳالهہ جي ڪيل گهرن کي ان وقت ٿي مڃيائون، جڏهن اُهي پنهنجي اهميت وڃائي چڪيون ٿي ۽ هيڏانهن جيئن جنگ جي نازڪ صورت کي ڏسي ڪانگريس طرفان گهرون وڌنديون ويون، تيئن مسلم ليگ طرفان بہ گهرن ۾ واڌارو ٿيندو ويو. هاڻ مسلم ليگ جا آخري شرط وڌي، ٻن قومن جي نظريي تي ملڪ جي ورهاڱي تي وڃي بيٺا. پهرين ڪانگريس هر ڳالهہ ۾ مخالفت ڪئي، ليڪن جڏهن انگريزن طرفان مسلم ليگ جا شرط آهستي آهستي ٿي قبول ٿيڻ لڳا تہ هي بہ ڍرا ٿيندا ويا. نتيجو اهو نڪتو تہ جنگ پوري ٿيڻ بعد مجبوراً ڪانگريس ۽ مسلم ليگ کي ملڪ جي ورهاڱي کي قبول ڪرڻو پيو.

ملڪ ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو، هڪ حصو پاڪستان جي نالي سان مسلم ليگ جي حوالي ڪيو ويو، جنهن جو گورنر جنرل جناح صاحب ٿيو. ٻيو حصو ڀارت جي نالي سان ڪانگريس جي حوالي ڪيو ويو، جنهن جو پهريون گورنر جنرل لارڊ مائونٽ بيٽن ٿيو. ان کان پوءِ سري راجا گوپالا آچاريہ ان جو گورنر جنرل ٿيو.

پاڪستان 14 آگسٽ 1947ع تي وجود ۾ آيو. ان کان پوءِ جناح

صاحب هڪ سان 29 ڏينهن حيات هو.

پاڻ 11 سيپٽمبر 1948ع تي وفات ڪيائين، سندن پوين ڏهن سالن جو احوال تفصيل سان نہ ڏنو اٿم. ڇاڪاڻ تہ ان جو ڪجهہ احوال هيٺ جناح صاحب جي سياسي افڪار جي ضمن ۾ اچي ويندو. ازانسواءِ اهو دور موجوده نسل کي پوريءَ طرح ياد آهي. ان جي اضافي سان احوال ذرا طويل ٿي پوي ها.

## سندس سياسي عقيدا ۽ تدبر:

جناح صاحب سياسي زندگي لبرل خيال جي سياسي عقيدن سان شروع ڪئي. جنهن جا مکيہ عقيدا شخصي آزادي، انسان جي بنيادي حقن جي حفاظت ۽ قومن جي آزاديءَ جو حق هئا. سندس طريقۀ ڪار آخر تائين مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جي حصول لاءِ آئيني طريقن سان جدوجهد ڪرڻ هئا.

هو سياست عمل (پريڪٽيڪل پاليٽڪس) ۾ ويساهہ رکندڙ هو. سراسر عقل جو پوئلڳ هئڻ ڪري، جذبات ۾ آئڊيلزم جي احساس جي لهر ۾ لڙهي وڃڻ کان آزاد هو. هن سياسي شطرنج ۾ مهرا نهايت هوشياري، ڳڻ ڳوت ۽ تدبير سان کنيا ٿي. لائق ۽ قابل وڪيل وانگر، هر مواد کي سياسي بازي کٽڻ لاءِ ڪتب آڻڻ ۾ هن اعتراض نٿي ورتو. ڪنهن بہ ڪم جي سرانجاميءَ جو بار کنيائين ٿي نہ نهايت ايمانداريءَ، محنت ۽ دانشمنديءَ سان ان جي پوري ڪرڻ ۾ ڪوشش ٿي ورتائين ۽ ان ۾ ڪوتاهي ڪانہ ٿي ڪيائين. شخصي ۽ عارضي نفعي تي قومي (مسلماني) ۽ ديرپا نفعي کي ترجيح ٿي ڏنائين.

هو بنيادي طرح قوم پرست خيالن جو هو. هندستانين جي متحده قوم ۽ ملڪ ۾ ايمان رکندڙ هو. ليڪن ملڪ جي حالتن ۽ هندن جي طبقاتي مفاد جي حامي گروهہ جي روش هن کي مجبور ڪري مسلمانن جي طبقاتي مفاد جي حفاظت لاءِ نئين رويي وٺڻ لاءِ آماده ڪيو.

هو مذهب کي سياست کان علحده رکڻ جو حامي هو. مذهب کي ماڻهوءَ جي شخصي عقيدي سان ملحق ٿي ڄاتائين. پيڇاڙيءَ جو جڏهن

مسلمانن جي جداگانہ قومي نظريي جي حمايت ڪري، ملڪ جي ورهاڱيءَ جي گهر ڪرڻ لڳو تہ بہ هُن جو، بنيادي طرح، ان نظريي جي دائمي ۽ مستقل افاديت ۾ يقين ڪونہ هو. ملڪ ۾ هندو مسلم اختلافن جي مرض کي لاعلاج سمجهي، ورهاست جي جراحيءَ سان، وڏيڪ نقصان کان بچڻ مصلحت وقت ٿي سمجهيائين.

انهيءَ راءِ جو ثبوت پاڪستان قائم ٿيڻ بعد ان جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ سندس پهرينءَ ڪيل تقرير مان ملي سگهي ٿو. ان جا مکيہ ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا:

"آءٌ سمجهان ٿو تہ هينئر گذشتہ کي درگذر ڪري، اوهان کي هر هڪ ملڪي باشندي کي، پوءِ اهو ڪهڙي بہ فرقي جو هجي يا اڳي اوهان سان ڪهڙا بہ اختلاف هجنس يا ڪهڙي بہ رنگ، جاتيءَ ۽ مت جو هجي، ساڳئي ملڪ جو شهري، هڪ جهڙن حقن ۽ جوابدارين سان، شمار ڪرڻ گهرجي. آءٌ هن ڳالهہ کي وڌيڪ دهرائڻ مناسب نٿو سمجهان تہ اسان کي اهڙي جذبي سان ڪم ڪرڻ گهرجي، جو هي سڀ تفاوت، اقليت واري فرقي ۽ اڪثريت واري فرقي، هندو فرقي ۽ مسلمان فرقي جا. ڇاڪاڻ تہ خود مسلمانن ۾ پٺاڻ، پنجابي، شيعا، سني، کوجا، ميمڻ وغيره آهن، ۽ اهڙيءَ طرح سان هندن ۾ برهمڻ، وئش، کتري، بنگالي ۽ مدراسي وغيره آهن، سي سڀ گم ٿي وڃن. مون کان جيڪڏهن پڇو تہ سچ پچ تہ اها ڳالهہ هندستان جي آزاديءَ جي راهہ ۾ وڏي رڪاوٽ هئي. هيءَ نہ هجي ها تہ اسان هن کان گهڻو وقت اڳ آزاد هجون ها. ڪوبہ چاليهہ ڪروڙ ماڻهن جي قوم کي غلام رکي نٿو سگهي ۽ نڪو اوهان کي فتح ڪري سگهي ها، پر جي ڪٿي فتح ڪري ها تہ گهڻي دير تائين قبضي ۾ رکي نہ سگهي ها. تنهن ڪري هن مان اسان کي سبق وٺڻ گهرجي.

"اوهان هن پاڪستان جي حڪومت ۾ آزاد آهيو تہ پنهنجن مندرن ۽ مسجدن ۾ وڃو. اوهان جي مذهب يا فرقي يا مت کي ملڪ جي ڪاروبار سان ڪوبہ واسطو نہ آهي.

"تاريخ ڏيکاري ٿي تہ ڪجهہ وقت اڳ انگلنڊ جون حالتون هندستان

جي هن وقت جي حالتن کان گهڻو خراب هيون. جيڪڏهن اوهان تاريخ پڙهي آهي تہ اوهان کي معلوم ٿيندو تہ آتي رومن ڪئٿلڪ ۽ پراٽسٽنٽ هڪ ٻين کي تڪليف پهچائيندا هئا. خود هينئر بہ ڪي حڪومتون آهن، جتي ڪن طبقن تي بندش وڌي وڃي ٿي يا منجهن تفاوت رکيا وڃن ٿا. خدا جو شڪر آهي تہ اسان ان وقت شروعات ڪئي آهي، جڏهن هڪ فرقي ۽ ٻئي فرقي يا هڪ جاتيءَ ۽ ٻئي جي ماڻهن ۽ ٻئي جي ماڻهن جي وچ ۾ ڪوبہ تفاوت نہ آهي. اسان انهيءَ بنيادي اصول سان شروعات ڪريون ٿا تہ اسان هن ملڪ جا هڪجهڙا شهري آهيون.

"انگلنڊ جي ماڻهن، جيئن وقت گذرندو ويو، وقت جي حقيقتن کي مدنظر رکي پنهنجي ملڪ جي حڪومتي فرائض کي سرانجام تي ڌنو. اڄ هي رومن ڪئٿلڪ ۽ پراٽسٽنٽ رهيا ٿي نہ آهن. اهي سڀ گريٽ برٽين جا هڪجهڙا شهري، هڪ ئي قوم جا فرد آهن. هاڻ اسان کي اهو مثال سامهون رکڻ گهرجي تہ هتي پڻ ٿوري وقت اندر نہ هندو رهندو، نہ مسلمان، مسلمان رهندا. مذهبي نقطہ نگاهہ کان نہ، ڇاڪاڻ تہ اهو سندن شخصي عقيدو آهي، پر سياسي نقطہ نگاهہ کان سڀ ماڻهو هڪ قوم جا فرد ٿي ويندا."

جيڪڏهن ڪو سطحي نظر وارو يا مخالف ذهنيت وارو ماڻهو انهن تقرير جي ٽڪرن کي سندس 22 مارچ 1940ع تي لاهور آل انڊيا مسلم ليگ اڳيان ڪيل تقرير جي هيٺين لفظن سان ڀيٽ ڪري پڙهندو تہ شڪ منجهي پوي.

**جناح صاحب لاهور ۾ پنهنجي صدارتي خطبي ۾ چيو تہ:**

"آئين ساز اسيمبليءَ ۾ مسلمانن کي جدا چونڊن جي بنياد تي نمائندا ملڻا هئا. اها ڳالهہ نيڪ هئي، پر وري بہ فيصلو اڪثريت کي ڪرڻو هو. جي ان ۾ اقليت ۽ اڪثريت ۾ اختلاف ٿين، تہ ان جو نبيرو ڪير ڪرڻ وارو هو؟ ڇاڪاڻ تہ ڪانگريسي انگريزن کي اڳ ۾ نڪري وڃڻ لاءِ چئي رهيا هئا.

"......مسلمانن کي هن وقت تائين اقليت شمار ڪري گفتگو ڪئي وڃي ٿي، اسان بہ آن تي اهڙو هري ويا آهيون. جو ٻيءَ طرح سوچي نہ سگهيا

آهيون. ان ڪري هيءَ حقيقت وساري ويئا هئاسون تہ مسلمان اقليت نہ آهن، بلڪہ سڀ ڪنهن نقطي نگاهہ کان جداگانہ قوم آهن.

"......هندستاني آئين جو مسئلو جاتيوار قسم جو نہ آهي، پر بين الاقوامي نموني جو آهي...جيستائين ان بنيادي ۽ مکيہ حقيقت تسليم نہ ڪئي وئي آهي، ڪوبہ آئين نہ هندو سو تباهيءَ جو ڪارڻ بنبو. اهو نہ رڳو مسلمانن لاءِ پر هندن ۽ انگريزن سڀ لاءِ نقصان ڪار ثيندو.

".....اهڙو ڪو سبب ئي ڏسڻ ۾ نٿو اچي تہ ورهاست بعد اهي رياستون هڪ ٻين جي خلاف ٿين. مون کي تہ اميد آهي تہ ان ڪري هن وقت سماجي ۽ سياسي اقتدار لاءِ هلندڙ ڇتاڇيتي غائب ٿي ويندي. ان مان باهمي مفاد جي بنياد تي ٿيل عهدنامن ڪري ٻئي ملڪ هڪ ٻين جا دوست ٿي رهندا.

"انهيءَ ڪري هندو انڊيا ۽ مسلم انڊيا جي وچ ۾، ڏي وٺ جي بنياد تي، اقليتن جو سوال هميشہ لاءِ فيصل ٿي ويندو.

"......هيءَ ڳالهہ غور جي لائق آهي تہ موجودهہ صورت ۾ هندو ۽ مسلمان مذهب جدا سوسائٽيون ۽ سوشل نظام هئا. جيستائين اهي نظام قائم آهن، هندن ۽ مسلمانن جو هڪ قوم بڻجڻ ناممڪن پيو نظر اچي.

"....ڪانگريس ڪارڪنن جو هي خيال تہ هندستان جا رهاڪو هڪ قوم ٿي ويا هئا، ملڪ جي گهڻين تڪليفن جو باعث بنيو آهي. وقت آيو آهي تہ ان خيال کي درست ڪجي، نہ تہ اهو خيال هندستان جي تباهيءَ جي ڪارڻ بنبو.

"......سندن موجوده صورت ۾ هندن ۽ مسلمانن جا مذهب ٻن جداگانہ فلسفن، سماجن ۽ ادب جا حامل آهن. ان جا پوئلڳ نہ پاڻ ۾ شاديون ڪري سگهن ٿا، نہ ڪاڏو ڪائين ٿا، بلڪہ جدا تهذيبن جا حامل آهن، جي تضاد جي خيالن ۽ نظرين تي تعميل ٿيل آهن. انهن جي زندگيءَ جا طور طريقا ئي علحده آهن. هندو ۽ مسلمانن جون جدا تاريخي روايتون آهن. انهن جا تاريخي قصا، قومي سورما ۽ واقعا علحده آهن. اڪثر حالتن ۾ هڪڙن جو سورمو ٻئي جو دشمن هو ۽ اهڙيءَ طرح انهن جي تاريخي فتحن ۽ شڪستن جو حال آهي.

"انهن ٻنهي قومن کي هڪ اهڙيءَ حڪومت ۾ ڳنڍڻ، جنهن ۾ هڪ اڪثريت ۾ هجي ۽ ٻي اقليت ۾، ملڪي مضبوطيءَ ۽ امن جي عيوض انتشار ۽ تباهيءَ جو ڪارڻ ٿيندو."

انهن ٻنهي تقريرن جي اختلاف کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ سنڌس 28 سيپٽمبر 1939ع تي عثمانيه يونيورسٽيءَ جي اولڊ بوائز ائسوسيئيشن جي ساليانه دعوت تي ڪيل تقرير جا ڪي ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا:

"آءٌ بنيادي طور دنياوي ڪاروبار ۾ حقيقتن ۽ حالتن کي نظر ۾ رکي، سياست عمل جو پيرو رهيو آهيان. بدليل حالتن هيٺ قوميت ۽ قوم پرست لفظن جي معنيٰ جدا جدا مطلبن سان پڻ ڪتب آندي ويئي آهي. هرڪو ماڻهو ان مان پنهنجي معنيٰ ڪڍي ٿو. صحيح معنيٰ جي نقطہ نگاهہ کان آءٌ اڃا تائين قوم پرست آهيان. مون هندو - مسلم سمجهوتي ۾ اعتماد پڻ رکيو آهي. پر اهو سمجهوتو عزت وارو هئڻ گهرجي، نہ اهو جنهن مان هڪ ڌر ختم ٿئي ۽ ٻي طاقت ۾ اچي.

".....ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ بدقسمتيءَ سان دوستيءَ جو هٿ وڌائڻ لاءِ تيار نہ آهي. ان ڪري حال سمجهوتي لاءِ ڪو حل ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي، پر ممڪن آهي تہ ڪنهن بہ وقت پڻ جماعتون سمجهوتو ڪري سگهن."

انهن ٽنهي تقريرن پڙهڻ بعد جيڪڏهن غور سان نظر ڪبي تہ پتو پوندو تہ (1) بنيادي طرح جناح صاحب مغربي نقطہ نگاهہ موجب قوم پرست هو ۽ مذهب جي بنياد تي مسلمانن جي جداگانہ قوميت جو قائل ڪونہ هو. (2) سياست عمل کي نظر ۾ رکندي، ڪانگريس جي مسلمانن سان عزت ڀرئي ناهہ جي اميد نہ ڏسي، هن وقتي حل واسطي کي اهڙا دليل پيش ڪيا ٿي، جي سنڌس اصل خيالن جي خلاف هئا. (3) هن جي لاهور واريءَ تقرير جي هيٺين جملن :

"اهڙو ڪو سبب ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي تہ ورهاست بعد اهي رياستون هڪ ٻئي جي خلاف ٿين...مون کي اميد آهي تہ ان ڪري هنوقت

جناح صاحب انهن خوش نصيب ماڻهن مان هڪ آهي، جنهن تي قدرت پينگهي کان وفاتيءَ تائين راضي هئي. ان کيس سگهڙ گهر ۾ پيدا ڪري، ولايت ۾ تعليم ڏياري. هن جي وڪالت ۾ داخل ٿيڻ بعد، ان، ٿوري وقت اندر، سندس حالتون سازگار بنائي، کيس آسودہ حال ڪري، ملڪ جي خدمت لاءِ موقعا ميسر ڪري ڏنا. سياست ۾ اول ۾ دادا ڀائي نوروز جهڙي قوم پرست مخلص قومي ڪارڪن جي تربيت نصيب ٿيس. پوءِ گوکلي جي صحبت ۾ اعتدال ۽ سياسي تدبر جي تعليم حاصل ٿيس.

1906ع ۾ ڪانگريس ۾ داخل ٿي، ٿوري وقت اندر اها شهرت حاصل ڪيائين، جو مولانا محمد علي جوهر ۽ سر وزير حسين هن کي منت ڪري مسلم ليگ ۾ وٺي ويا. چند سالن اندر، هن جي ڪوشش سان، مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جو سمجهوتو ٿيو، جو لکنؤ پيڪٽ جي نالي سان مشهور ٿيو. جنهن سياست جي دنيا ۾ هن جو رتبو وڌيڪ بلند ڪيو.

خلافت ۽ ڪانگريس جي عدم تعاون ۽ سول نافرمانيءَ جي وقت هن کي مات ۾ ڏسون ٿا. جن ليڊرن انهن تحريڪن ۾ حصو نہ ورو، تن جا نالا ليڊرن جي لسٽ تان لهي ويا. مسز اينِي بيسنٽ، فيروز شاهہ ميهتا، ڊاڪٽر سپرو جا مثال اکين اڳيان آهن. انهن مان هيءُ ئي هڪ هو، جو وري بخت جي ياوريءَ ڪري مٿي اڀري آيو.

پهرينءَ گول ميز ڪانفرنس جي موقعي تي جيتوڻيڪ نالي خاطر مسلمانن جو ليڊر سر آغا خان هو، ليڪن مسلمانن طرفان چوڏهن نقاطي پروگرام جي پيش ڪرڻ جو شرف هن کي مليو.

ان دور ۾، مسلمانن مان مولانا محمد علي، حڪيم اجمل خان، ڊاڪٽر انصاريءَ جهڙا اڳواڻ گذر ڪري وڃن ٿا. سرڪار پرست ليڊر بدنام ٿي وڃن ٿا. مولانا ابوالڪلام ۽ خان عبدالغفار جهڙا ليڊر ڪانگريس سان شموليت ڪري، باوجود قربانين ۽ اخلاص جي، مسلمانن جي نظرن مان لهي وڃن ٿا ۽ اڳوائيءَ جو ڇٽ جهولي هن جي سر تي اچي ٿو ۽ هيءُ هڪ ڏينهن بہ جيل ۾ نہ وڃڻ، مذهبي زندگيءَ اختيار نہ ڪرڻ جي باوجود، مسلمانن جو قائد اعظم ٿي وڃي ٿو. لکها ماڻهو سندس جلوسن ۾ شرڪت ڪن ٿا.

چڪي هئي. پاڪستان جي تعمير جن ڳالهين تي ڪئي ويئي هئي، تن جي قائم رکڻ ۾ ئي، ان جي سلامتي ۽ مضبوطي سمجهي تي ويئي.

(3) هو ۽ ساري عمر جمهوريت جو علمبردار رهيو، ملڪ جدا ڪرڻ بعد، هن مصطفيٰ ڪمال جي سياسي پاليسيءَ کي پسند ڪري، اهڙا طريقه ڪار اختيار ڪيا، جن اڳتي هلي جمهوري قدرن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو. هن وقت جا سياسي نظريا ۽ رجحان سڀ هن ايجاد ڪيل طريقه ڪار جا شاخسر ۽ لازمي نتيجا آهن.

(4) مسلم ليگ ۾ طاقتور ٿيڻ ۽ ملڪي حڪومت سندس هٿ ۾ اچڻ بعد، هن جي آسپاس خوشامدڙين ۽ جي حضورين جو جم غفير گڏ ٿي ويو، جنهن ڪري نواب اسماعيل خان، خان عبدالغفار خان، مولوي فضل الحق، حسين شهيد سهروردي، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ميان افتخار الدين جهڙا مخلص ۽ لائق قومي ڪارڪن هن جي ويجهو اچي نه سگهيا ۽ سارو ماحول انگريزي حڪومت جي لاڏلن، فرقه پرست، تنگ نظر، خود مطلب ۽ خوشامدڙين سان ڀرجي ويو، جنهن مان 20 سالن گذرڻ جي باوجود به ملڪ آزاد ٿي نه سگهيو آهي.

(5) عارضي ۽ هنگامي مشڪلاتن کي دور ڪرڻ لاءِ، جي علاج ڪتب آندا ويا هئا، تن کي دائمي ۽ ديرپا مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو پيو وڃي، جن مان انهن مسئلن جي حل ٿي سگهڻ جو امڪان ئي ڪونه آهي. ●

# ضميمو علامہ ڊاڪٽر شيخ اقبال جي سوانح بابت

مسٽر خان اي. احمد هڪ ڪتابچو "فائونڊر آف پاڪستان" جي نالي سان ميسرس ليوزڪ ۽ ڪمپني، لنڊن مان، 15 سيپٽمبر 1942ع تي ڇپايو آهي. اُن ۾ هن مختلف ثابتين ڏيڻ بعد ظاهر ڪيو آهي تہ علامہ محمد اقبال جو مسلمانن جي جدا حڪومت بسنبت تخيل صرف مغربي پاڪستان جي مسلم اڪثريت وارن صوبن کي گڏي هندستان جي يونين ۾ شامل ڪرڻ جو هو. هن پاڪستان جي صورت ۾ هندستان کان جدا حڪومت بنائڻ جو خيال ڪڏهن بہ ظاهر نہ ڪيو هو، بلڪ هو ان جي خلاف هو. ان لاءِ ثابتيءَ ۾ هو علامہ صاحب جي پنهنجي دوست، ايڊورڊ ٿامس، کي لکيل خط جو حوالو ڏئي ٿو، جا ڳالهہ مسٽر ٿامس سندس ڪتاب "آنلسٽ انڊيا فار فريڊم" ، مطبوعہ لنڊن، 1940ع جي صفحي 58 تي هيٺينءَ طرح ڄاڻائي آهي:

"اقبال منهنجو دوست آهي، سندس پاڪستان بنسبت تجويز بابت منهنجي غلط فهميءَ کي هن دور ڪندي، ظاهر ڪيو آهي تہ هندستان جهڙي وسيع ملڪ جي غير منتظرءِ مسڪين ماڻهن لاءِ هن جي خيال موجب پاڪستان جي تجويز برٽش سرڪار، هندن ۽ مسلمانن لاءِ هاڃيڪار ٿيندي؛ پر مسلم ليگ جي صدر جي حالت ۾ هن کي ان سان همدري رکڻي هئي...."

وڌيڪ مسٽر اي. خان لکي ٿو تہ، "علامہ اقبال جا طرفدار هن کي جنهن طرح پاڪستان تحريڪ جو باني سڏي، سچ کي مروڙين ٿا، ان مان تاريخ جي مقابلي ۾ سندن گمراهيءَ بي علمي پڌري ٿيو پوي." ●

# پڙھندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪائو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي چوي چالاڪ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن ڪي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)